

هر سٺي شاعر وانگر مير محمد پيرزادي ۾ بہ مشاهدي جي قوت موجود آهي، هن وٽ نہ رڳو پنهنجي چوڌاري وسندڙ ڪائنات کي ڏسڻ ۾ محسوس ڪرڻ جي سگهہ آهي. پر ان کي بهترين نموني ۾ ٻيهر تخليق ڪري بيان ڪرڻ جو فن بہ آهي، هو بنيادي طور تي ٻهراڙيءَ جو شاعر آهي، جتي زندگي نج ۽ بنا تڪلف واري آهي، ان ڪري سندس عڪس بہ نج ۽ بنا تڪلف وارا آهن.

مير محمد پيرزادي جي شاعريءَ ۾ هنڌين ماڳين اهڙا شعر ملندا جنهن تي نہ فقط ٻئي شاعر جي ڇاپ نہ آهي، پر انهن تي مير محمد پيرزادي جي ئي مهر لڳل آهي. خيال هجي، جذبي جو اظهار هجي، تشبيهہ هجي، استعارو هجي يا عڪس اهي سڀ مير محمد پيرزادي جي ڪوجنا پيا لڳندا، اسان جو هي لافاني شاعر ايڏي تخليقي سگهہ جو مالڪ آهي، جو عجب پيو لڳي.

**ڊاڪٽر تنوير عباسي**

# ڪنول ٻڪ ۾ چنڊ

(شاعري)

## مير محمد پيرزادو

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گھر





ڪتاب نمبر 57

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | ڪنول ٻڪ ۾ چنڊ |
| موضوع: | شاعري |
| شاعر: | مير محمد پيرزادو |
| ڇاپو پهريون: | اپريل 2017ع |
| ڪمپوزنگ: | شاهده سائل |
| ٽائيٽل: | شاهزيب ميمڻ |
| ڪيليگرافي: | احمد نواز ڏاهري |
| ڇپيندڙ: | سمبارا پبليڪيشن |

سيد آرڪيڊ، آفيس نمبر 8، عبرت گهٽي، گاڏي کاتو، حيدرآباد

03003513966

مُلهہ: =/300

**_KANWAL BUKA MAIN CHANDU_**

(***Poetry***)

***Poet*** : ***Mir Mohammad Pirzado***

***Sambara Publication Hyderabad***

***03003513966***

# ارپنا

سنڌ جي صدين جي ساڃاهه سائين
محمد ابراهيم جويي کي ارپيان
ته جنهن کان علم ادب جي
ساڃاهه حاصل ڪيم.

**مير محمد پيرزادو**





## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”ڪنول ٻُڪ ۾ چنڊ“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب سينيئر شاعر **مير محمد پيرزادي** جي شاعريءَ جو مجموعو آهي.

سائين ميرمحمد پيرزادو بيماريءَ جي بستري تي رهندي ”ڪنول ٻڪ ۾ چنڊ“ جو سپنو سجائيندي جيڪا سحر انگيز شاعري سرجي آهي، سچ ته هيئين سان هنڊائڻ جهڙي آهي، حساس دلين جي ترجماني ڪندڙ سندس ڪوتائن جا اندلني رنگ مختلف صنفن جي روپ ۾ انساني صحيفن جو اهڙو اولڙو پسائين ٿا، جنهن ۾ فني ۽ فڪري گوهر افشانيءَ جا انوکا نمونا جڻ ته زندگيءَ جي بي معنويت کي آسان معنيٰ جو ويس اوڍڻ وارو رستو هموار ڪن ٿا. سنڌيت ۽ رومانيت جي پرچارڪ ۾ جيون جا حسين لمحا وجائيندي ميرمحمد پيرزادو جو قلم اڃان ٿڪيو ناهي، اهڙو حوصلو ۽ جوان جذبو سندس ڪوتاڪاري جيان قابل داد آهي.

هي ڪتاب **سمبارا پبليڪيشن حيدر آباد** پاران اپريل 2017ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون پياري دوست ۽ سنڌ سلامت جي سڄڻ ساجد سنڌيءَ جا جنهن سمبارا پبليڪيشن پاران ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**

sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

## سِٽاءُ


| | | |
|---|---|---|
| • اداري پاران | ساجد سنڌي | 06 |
| • پنهنجي پاران | مير محمد پيرزادو | 08 |
| • مهاڳ | منور سراج | 09 |


## شاعري


1. غزل 15
2. گيت 105
3. نظم ۽ دوها 175
4. آزاد نظم 211
5. پنجڪڙا 219






# اداري پاران

موجوده سنڌي شاعريءَ جي ڪاروان ۾ شامل ڪي ڪوتا ڪار جتي پنهنجا نوان گس جوڙي مڃتا جي رڃ ۾ جلد منزل رسائي لاءِ ڪوشان رهن ٿا، اتي پنهنجي انفرداري راهه جي سرواٽي ڪندڙ سائين ميرمحمد پيرزادي جهڙا ڪردار اڄ بہ پنهنجي ڏانءَ جي لاٽ کي گهٽڻ لاءِ مشعل راهه جو ذريعو بڻائي نہ فقط مسلسل لکي رهيا آهن پر نوجوان ليکڪن جي حوصلا افزائيءَ لاءِ پاڻ پتوڙڻ واري ڪرت ڪي بہ جيئن جو تيئن برقرار رکندا پيا اچن، اهڙا امر ڪردار ئي سنڌي ادب جو اصل سرمايو آهن. هونئن بہ ميرمحمد پيرزادي جي شاعريءَ ۾ ڌرتيءَ جي دانهن جو پڙاڏو، محبت جو طلسمي جهان ۽ سماجي اڻبرابريءَ جا انيڪ داستان جهلڪندي نظر ايندا، سندس الڳ رنگ ڍنگ ۽ اسلوب سان رچيل ڪوتائن ۾سائين ميرمحمد پيرزادي جي گهڻ پاسائي شخصيت جا مختلف پهلو پاڌمرداو پڙهندڙن وٽان پيار ۽ پليڪار جي لفظن جي مالها پوئڻ تي مجبور ٿين ٿا.

سائين ميرمحمد پيرزادو بيماريءَ جي بستري تي رهندي "ڪنول ٻڪ ۾ چنڊ" جو سپنو سجائيندي جيڪا سحر انگيز شاعري سرجي آهي، سچ تہ هيئين سان هنڍائڻ جهڙي آهي، حساس دلين جي ترجماني ڪندڙ سندس ڪوتائن جا انڊلٺي رنگ مختلف صنفن جي روپ ۾ انساني صحيفن جو اهڙو اولڙو پسائين ٿا، جنهن ۾ فنيءَ فڪري گوهر افشانيءَ جا انوکا نمونا ڇڻ تہ زندگيءَ جي بي معنويت کي آسان معنيٰ جو ويس اوڍڻ وارو رستو هموار ڪن ٿا. سنڌيت ۽ رومانيت جي پرچارڪ ۾ جيون جا حسين لمحا وڃائيندي ميرمحمد پيرزادو جو قلم اڃان ٿڪيو ناهي، اهڙو حوصلو ۽ جوان جذبو سندس ڪوتاڪاري جيان قابل داد آهي، سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد پاران "ڪنول ٻڪ ۾ چنڊ" جي اشاعت پڻ پنهنجي لاءِ هڪ اعزاز سمجهون ٿا، اميد تہ پڙهندڙن لاءِ هيءَ ڪارائتي سوکڙي ضرور لاپائتي ثابت ٿيندي.


**ساجد سنڌي**
**سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد**
**03003513966**

## پنهنجي پاران

خدا جي خلقيل جيئَن مان انسان وڌ ۾ وڌ حساس آهي، ڪن خوشيءَ ڏياريندڙ شين تي وڏيڪ ۽ جلدي خوش ٿيندو ۽ ڪن ڏکوئيندڙ ڳالهين تي اوتروئي ڏکوئيندڙ اثر وٺندو. پيو تہ هي واحد جيوُ آهي، جيڪو خوشين توڙي غمين کي اظهار ڪرڻ جو عادي آهي، تہ جيئن هو پنهنجا همخيال ساٿي پيدا ڪري سگهي، جن سان هو خوشيون ڏياريندڙ ڳالهين جي اپٽار ڪندو ۽ آڏو وارا ان سان سهمت ٿيندا تہ هو وڏيڪ خوش ٿيندو ۽ غمگينيءَ ۾ اگر اُهي ساڻس متفق ٿيندا تہ سندس غم ۾ گهٽتائي ايندي.

ان ۾ جيڪا ڳالهہ طئہ شده آهي، اُها اِها آهي تہ انهن خوشين ۽ غمين جي اظهار جو فقط هڪ ئي ذريعو آهي تہ ڪنهن ٻوليءَ رستي ئي انهن جو اظهار ممڪن آهي. پوءِ اگر سڌو سنئون بيان ٿيل هوندو تہ اهو نثر سڏبو ۽ جيڪڏهن ان کي هٿ سان جاذب بنائي، ڳائڻ لائق ڪري پيش ڪبو تہ ان کي شاعري چئبو.

شاعريءَ لاءِ اُن جو ڳائڻ لائق هئڻ ضروري آهي، جيئن خوشيءَ جا ڳيچ تہ ۽ غم جا نوحا ڳائڻ لائق بنجڻن شاعريءَ لاءِ ضروري آهي تہ ان ۾ لَئي، ترنم، ردم يا موسيقيءَ هجي. ان لاءِ ان کي مترنم يا ردمڪ بنائڻ لاءِ چند گهاڙيتا ۽ اصول بنايل آهن. جيئن هنديءَ ۾ ماترڪ_ چند وديا، ۽ عربيءَ توڙي فارسيءَ ۾ علم عروض جا قاعدا ۽ ضابطا موجود آهن، پر جڏهن تہ اسان ڏٺو تہ انهن قاعدن ۽ ضابطن جا ڏاها، ڄاڻو ۽ عالم جيڪي شاگردن کي اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ اِهي قاعدا ۽ ضابطا پڙهائيندڙ پروفيسر هئا، پر اهي پاڻ شاعر ڪو نہ هئا. ان مان ثابت ٿيو تہ شاعر ٿيڻ لاءِ رڳو انهن قاعدن جو ڄاڻو ٿيڻ بہ ضروري ناهي پر حساس هئڻ بہ ضروري آهن.

اُهو عام رواجي ماحول، جنهن جو عام ماڻهوءَ تي ڪو خاص اثر بہ نہ پوندو آهي، پر ان سماج ۾ ئي ڪي اهڙا سَپورنج ماڻهو بہ رهندڙ هوندا آهن، جيڪي ان ماحول مان بہ حد درجي تائين متاثر ٿي ۽ ان تي شاعراڻي راءِ ڏيندا آهن. اهڙا ماڻهو اسان جي سماج ۾ شاعر ٿي اڀرندا آهن. مٿي بيان ڪيل شاعراڻن قاعدن ۽ اصولن کي ڪم آڻيندي، پنهنجي شاعري سرجيندا آهن. توڙي جو حالتون ساڳيون هونديون آهن؛ شاعريءَ لاءِ ڪم





ايندڙ ٻولي ساڳي هوندي آهي؛ شاعريءَ جا قاعدا ۽ اصول پڻ ساڳيا هوندا آهن، پر پوءِ بہ هرهڪ شاعر جي شاعريءَ جو پنهنجو ۽ منفرد انداز هوندو آهي، جنهن کي ڊڪشن Diction چئبو آهي.ان جو دارومدار شاعر جي مزاج،طبيعت ۽ سياءَ تي هوندو آهي.

مٿي بيان ڪيل اصولن ۽ قاعدن کان علاوه لفظن جي استعمال جو ڏانءُ بہ ان ۾ وڏو ڪم ڪندو آهي، تشبيهون ۽ استعارا پڻ ان جي سونهن جو ڪارڻ بنجندا آهن. مثال: وڻندڙ نظارو يا خوش ڪندڙ ماحول، جنهن ۾ سندس دل گهريو گڏ آهي تہ ان لاءِ چوڻ "چنڊ پينگهي ۾ سُتَلُ" يا گهٽي وچوڙي واري صورتحال ۾ چوڻ تہ "چڻ جبل آ ڪو-ڪِرِي پيو مون مٿان"

جيئن تہ شاعري پڙهندڙ ان ماحول کان واقف نہ هوندا آهن، جنهن کان متاثر ٿي شاعر ڪو شعر لکيو هوندو آهي. ان لاءِ پڙهندڙن تي بہ اگر اُهڙو اثر پيدا ڪرٽو آهي، جيڪو شاعر ان وقت محسوس ڪري رهيو آهي تہ ان لاءِ وڏي محنت ۽ جاکوڙ ڪرٽي پوندي، تڏهن وڃي شاعري پڙهندڙ بہ ائين محسوس ڪندو. اگر پڙهندڙ بلڪل ائين محسوس ڪري ويو تہ سمجهبو تہ اهو شاعر، ڪامياب شاعر آهي، ورنہ سندس شاعريءَ ۾ اڃا وڌيڪ رنگ ڏيڻا پوندا.

مون پنهنجي شاعريءَ جي شروعات 1962ع کان ڪئي هئي. منهنجي شاعريءَ جو پهريون مجموعو "مکڙيون ماڪ ڦڙا " 1981ع ۾ ڇپجي ميدان تي آيو، ۽ ٻيو شاعريءَ جو مجموعو "ليار نيڻن ۾ ڦُڙا " 1999ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. ان کان پوءِ جو شعر هن موجوده مجموعي " ڪنول ٻُڪ ۾ چنڊ " نالي سان 2017ع ۾ سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد پاران ڇپجي توهان جي هٿن ۾ آيو آهي.

اهو ا پڙهندڙن تي ڇ-ل آهي تہ اُهي موازنو ڪري ڏسن تہ اڳين شعري مجموعن ۾ آيل شاعريءَ ۽ هن مجموعي ۾ آيل شاعريءَ ۾ اگر ڪا معياري تبديلي آهي، تہ پوءِ آءٌ سمجهندس تہ منهنجي هيءَ محنت ۽ عرق ريزي سجائي ٿي.

**مير محمد پيرزادو**
**سڪرنڊ**
**25.02.2017**
**03013899123**

## هو جيڪو ڪاغان جو قصاگو آهي

**هو** جنهن جي سڃاڻپ هڪ شاعر طور آهي، ۽ جنهن کي گيت جو شاعر سڏيو وڃي ٿو ۽ مون وٽ ٻه جنهنجو پهريون ۽ آخري تعارف هڪ شاعر جي حوالي سان آهي پر الائي ڇو، هو منهنجي حواسن ۾ هڪ شاعر کان وڌيڪ هڪ قصاگو طور شامل رهيو آهي !

اهڙو قصاگو جنهن جي اندر جي آڪاس ۾ هزارين قصن جا ستارا جرڪندا ٿا رهن !

اهڙو قصاگو جيڪو اٽيهين اونداهيءَ رات ۾ قصو ڪٽندو آهي ته هوائن جي زبان تي تالا لڳي ويندا آهن ۽ ٻڌندڙ پنهنجي وجود کان بي خبر ٻڻجي قصي جو حصو ٿي ويندا آهن، ممڪن آهي ته هن ڪڏهن به ڪا ڪهاڻي/ قصو نه لکيو هجي پر فطري شاعر، ڳائڪ، قصاگو ۽ آرٽسٽ اضافي Instrumentsجا محتاج نه هوندا آهن اُهي پنهنجي روح ۾ پنهنجو سنسار هوندا آهن . ان سان ڪو فرق نه ٿو پوي . ڪويل ڪوئي گيت نه لکندي آهي ته ڇا اُها سريلي نه آهي ؟ درياهه جي لهر ڪائي ڌُن ڪمپوز نه ڪندي آهي ته ڇا اُها ردم کان محروم سڏبي ؟ جولئٽ جي عاشق روميو ڪوئي شعر نه لکيو ته ڇا هن جي دل شاعريءَ کان خالي هئي ؟ احساس جي آڏو سَنَدنِ ۽ لقبن جا ٺپابنهه بي معنيٰ هوندا آهن .

هو منهنجي لاءِ ڪاغان جي انهن قصاگو پوڙهن جهڙان حسين ۽ دلنشين قصاگو آهي جيڪي ٻاهران ايندڙ مسافرن کي ڍنڍ سيف الملوڪ جي ڪنارن وٽ ويهي پنهنجي مخصوص مٺي لهجي ۾ سيف الملوڪ ڍنڍ سان منسوب قصو ٻڌائيندا آهن ته ڪنهن سهڻيءَ عورت جي سلوڻيءَ اک جهڙي ڍنڍ برفاني جبلن مان قطرو قطرو ٿي وهندڙ پاڻيءَ سان پرجندي آهي لڙڪ لڙڪ ٿي خالي ٿيندي آهي ....... جنهنجو پاڻي چانڊوڪيءَ جهڙو اُجرو آهي، جنهن ۾ چنڊ پنهنجو عڪس ڏسي مُرڪندو آهي ۽ جنهن جي اوجل پاڻيءَ ۾ هر چوڏهينءَ جي رات پريون وهنجڻ اينديون آهن ڪاغان جي انهن قصاگو پوڙهن جي ڪهاڻيءَ ۾



6



ايڏو ڪجهه آهي جو دور دراز جا Touristڪجهه معاوضو ادا ڪري بار بار اهو ساڳيو قصو پيا ٻڌندا آهن ! ۽ قصي جي مڏ مان ڏاپي نه ڏاپندا آهن . بلڪل بلڪل بلڪل ائين آهي اسان جو هي قصاگو جنهن کي اسين ۽ اوهين مير محمد پيرزادو سڏيون ٿا . هو جڏهن اڪثر ادبي محفل ۾ ڳالهائيندو آهي ته محسوس ٿيندو آهي ڄڻ مان ڪنهن ادبي محفل ۾ نه ويٺو آهيان پر ڪنهن عظيم عبادت گاهه ۾ ويٺو آهيان، مقدس مريم جي اداس مُرڪ جي گهيري ۾ آهيان ۽ مصلوب عيسيٰ جي آڏو آهيان . هو ڳالهائيندو آهي ته لڳندو آهي ڄڻ فطرت پنهنجي آس پاس سان مخاطب آهي سچ ته ڪيس ٻڌندي ماڻهو سراپا سماعت بڻجي ويندو آهي ! پنڊ پاهڻ ٿي ويندو آهي .

دراصل دوستو!

ڪجهه ماڻهو پنهنجي ڳالهين جي هيٺان هوندا آهن ۽ ڪجهه ماڻهو پنهنجي ڳالهين جي مٿان هوندا آهن ! جيڪي پنهنجي ڳالهين جي هيٺان پوريل هوندا آهن اُهي ڳالهيون ته وڏيون، گهٽيون، رنگين ۽ دلڪش ڪندا آهن پر نه ڪو انهن جي ڳالهين ۾ ڪوئي اثر هوندو آهي ۽ نه سندن لهجي ۾ ڪو درد هوندو آهي انهن وٽ فنڪاراڻي ناهه نوهه ۽ ادائگيءَ جو ڍنگ ته هوندو آهي پر انهن وٽ جيءَ جو اهو جنون نه هوندو آهي جيڪو ڳالهين ۾ گهر پيدا ڪندو آهي ۽ لهجي ۾ لهوءَ جهڙي گرمي پريندو آهي ! ۽ اهو اعزاز فقط انهن وٽ هوندو آهي جيڪي پنهنجي ڳالهين جي هيٺان نه پر مٿان هوندا آهن .

1. اُهي ماڻهو هوندا آهن جن جي ڳالهه ۽ عمل ۾ وٿي (Space) نه هوندي آهي . اهو ئي سبب آهي جو جڏهن اهي ماڻهو ڳالهائيندا آهن ته لڳندو آهي وقت جي پيرن ۾ ڏانوڻ پئجي ويا آهن ۽ تاريخ جي رفتار ڌيمي ٿي وئي آهي .

هونءَ ته اسان وٽ وات راڙن جي ڪائي ڪمي ڪانهي ! ( ايک ڍهونڊيهو هزار ملتي هين ) واري حالت آهي .

سنڌ جي ڪوڙ الميئن مان هڪ وڏو الميو اها اجائي ڇاڙي بازي به آهي . منهنجو خيال آهي ته گهڻو ڳالهائڻ جو حق فقط ٻن قسمن جي ماڻهن کي هجڻ گهرجي .

هڪ : ڪلاس روم ۾ بيٺل استاد ڪي .

ٻ پيو : دل جي ڳالهہ ڪندڙ ديواني ڪي .

ٻ مير محمد پيرزادو دل جي ڳالهہ ڪندڙ اُهو ديوانو آهي جنهن جي ديوانگي سوين سياڻپن کان مٿاهين آهي . ڇو تہ اها ديوانگي درد جي ڏين آهي . اها ديوانگي عشق جي عطا آهي . ان ديوانگي کان محروم ماڻهو مُڏو ۽ مردار ٿي پوندو آهي، ان ديوانگي کان وانجهيل ماڻهو Pleasing cultureجو ڦلترو خوشامد جو کودو Status Quo جو انڌو پيلپائو ۽ پنهنجي مخصوص ڪلاس جو نمائيندو ٿي رهجي ويندو آهي هو تہ ديوانگيءَ جي دهليز تي بيٺل اُهو عاشق آهي جيڪو گهر ٻاري روشني ڪندو آهي ۽ سَوَ وڃائي ساءُ بچائيندو آهي . ڪاغان جي انهن پوڙهن قصاگوئن جي قبيلي جو اهڙو قصاگو آهي جنهن جي خوابن، خيالن، يادگيرن ۽ احساسن ۾ هڪڙي اداس سيف الملوڪ ڍنڍ موجود آهي ۽ هن جي اها اداس سيف الملوڪ ڍنڍ سنڌ آهي . سنڌ جيڪا هن قصاگو جي سيني ۾ ڌڙڪندڙ دل جئان ڌڪاري آهي ...... سنڌ جيڪا ڪنهن اداس ۽ زخمي عورت جي اک مان وهندڙ لڙڪن ۾ آلي آهي جيڪا سيف الملوڪ جئان مانسرور مان قطرو قطرو ٿي سيراب ٿئي ٿي ۽ لڙڪ لڙڪ ٿي لاڙ جئان بنجر ٿئي ٿي ٿر جئان ريگستان ٿئي ٿي ! هن جو ڏک هر حالت ۾ Justifiedآهي .

هُو ڪنهن ازل جي اداس قصاگو جئان اسان جهڙن Tourists کي بنا معاوضي هن ديس جي هڪ هڪ زخم جي ڪهاڻي ٻڌائي ٿو، ڪهاڻي جنهن ۾ سچ آهي، سونهن آهي، درد آهي، آرٽ آهي، محبت آهي، Wisdomsآهي .

هو اهڙو قصاگو آهي جنهن لاءِ سنڌ سياستدان جئان محظ هڪڙو ڪارڊ ناهي ......... سوڪالڊ دانشورن جئان جاڙي نوڪڻ جو موضوع ناهي، اسان جهڙن اديبن جئان آگر وڌائي شهيدن جي قطار ۾ شامل ٿيڻ جي سيڙهي ناهي، صحافين ۽ ڪالم نگارن جئان " خبرن جو خاص " Issueناهي، پر هُن لاءِ سنڌ عبادت گاهہ آهي ........ ڪعبہ قبلو آهي...... دين ايمان آهي هن لاءِ سنڌ فيشن طور ڳالهائڻ، فيشن طور نہ ڳالهائڻ، فيشن طور ڏڪارو ٿيڻ، فيشن طور طنز ڪرڻ ۽ فيشن طور ان جو







دفاع ۾ وڪالت ڪرڻ جو معاملو نہ آهي پر سنڌ هن جي لاءِ سر جو سودو ڪرڻ جهڙي وٿ آهي، وقار آهي، اعزاز آهي عشق آهي ۽ درد جو دائرو آهي ......

دائرو جنهن ۾ سڄي سنڌ ئي سنڌ آهي ۽ سنڌ جي مٿان آڪاس ۾ چمڪندڙ سنڌ جو هڪڙو جهونو عاشق چنڊ بہ آهي، چنڊ جيڪو زخمي زخمي آهي ان زخمي چنڊ جو نالو " جي ايم سيد " آهي جنهن کي پراوَنِ گهٽ پنهنجن گهڻو گهايو. انهن پنهنجن ويندي ويندي سندس پٺيءَ ۾ اهڙو خنجر کوڙيو جو ان مان اڄ تائين رت ٽمي رهيو آهي ۽ ساري سنڌ جي ڇاتي لهو لهو ٿي وئي آهي . مير محمد پيرزادي جون اکيون انهيءَ پٺيءَ ۾ کتل خنجر جون جاڙيون شاهد آهن.

سو سندس اکين جي نمناڪي ۽ لهجي جي اداسي بي وجه ناهي . درد جي انهيءَ دائري ۾ سمجهہ ۽ سُرت جون اُهي ڳالهيون بہ ولين جئان ڦهليون پيون آهن جهڙيون ڳالهيون زهر جي پيالي لاءِ منتظر ارسطو اٿينس جي ڳلين ۾ ڪندو هو . ڳالهيون جيڪي ڳليءَ ڳليءَ ۾ هوائون بڻجي هُلنديون هيون ۽ نوجوانن جا نيڻ روشن ڪنديون هيون تہ مير محمد جون ڳالهيون سمجهہ جون اهي سُرڪون آهن جن جو سواد ماڻي سڪرنڊ سميت سنڌ جي انيڪ ذهنن تان زنگ لهي ويا ۽ سندن اکيون اجريون ٿي ويون، جڏهن ڪين پٽائيءَ جي پير ۾ ويهاري ٻڌايو تہ : سُرمو سفيديءَ جو جڏهن پاتو جن، تڏهن ڏٺي تن اڇائي عالم جي .

هي قصاگو جنهن محل دل جي سمفني تي پٽائيءَ جو ذڪر ڇيڙيندو آهي تہ سندس سينو سمنڊ ٿي ويندو آهي ۽ اکيون لهرون لهرون ٿي ويندريون اٿس هو جنهن پل وجدان جهڙي ڪيفيت ۾ اچي اسان پرهہ جي پياڪن کي ان شاعر جا اهڙا بيت ٻڌائيندو آهي.

هڪ ڏرتتي ماءُ، ٻي سندي سڄڻين،
هلي ۽ واجهاءِ، پنهين ڇيرن وچ ۾ .

ٻ :

"لڙيو سج لکن ۾، راسيون رتائين،
مون کي مارئين، اديون اونداهو ڪري."

ٻ پنهنجيءَ دل جي ردم تي انهن بيتن جي حسناڪيءَ تي

ڳالهائيندو آهي ته اسان جي لاءِ احساسن ۽ معنائن جا نوان در کلي پوندا آهن، ۽ ڀٽائيءَ سان اسان جي عشق جي تجديد ٿيڻ لڳندي آهي .... ۽ اسين پرهه جا پياڪ، ڀٽائيءَ جي قدمن ۾ سربسجود ٿي ويندا آهيون .

هو اهڙو قصاگو آهي، جيڪو مون کي اڪثر پنهنجيءَ خاموشيءَ ۾ هڪ ڳالهه ۽ پنهنجيءَ ڳالهه ۾ هڪ خاموشي پاسندو آهي . اهڙي خاموشي، جيڪا پنهنجي پاڻ ۾ هڪ عظيم عبادت آهي، هن جو پنهنجو به ته هڪ شعر آهي ته :

سانت به ڪڏهين ڳائيندي آ،
ماڻهوءَ من پرِڀائيندي آ.

هو جنهن جي ڳالهه ۾ انور پيرزادي کي پاتل گلابي سنڌي ٽوپيءَ ۾ پويل ٽڪن جي روشن حسناڪي به آهي، ته موهن جي دڙي جي ماڻهوءَ سوڀي جي سوچ جو سواد به آهي !

هو، جنهن جي قصي ۾ جمال ابڙي جي ڪهاڻين جي خوشبو به آهي ته مهاڪوي اياز جي شعرن جو ردم ۽ مناڻ به آهي !

هو، جنهن جي تربيت ۾ رسول حمزه توف واري ديس سان دلبريءَ جي سُٽي به شامل آهي، ته گرو رجنيش جي گفتگوءَ جو رنگ به آهي؛ سو منهنجي لاءِ هڪڙو اهڙو منفرد ماڻهو آهي، جنهن سان منهنجو ان ڳالهه ۾ اعتبار پختو ٿي ويندو آهي ته عقل، مطق، دليل ۽ بحث ثانوي سطح جي Phenomena آهي، جڏهن ته عشق ادراڪ، جذبو ۽ وجدان اول درجي واري Phenomena آهي، هن سان ملي مون ڄاتو آهي ته عشق جن جو ايمان نه آهي، انهن جي عقل جا سڀ سرٽيفيڪيٽ ڪوڙا هوندا آهن .

دوستو! هُو جيڪو هڪ ئي وقت پنهنجي ذات ۾ هڪ محفل آهي، هڪ ميلو آهي، جهميلو آهي، سو پنهنجي اندر ۾ اڪيلو به آهي. هو هڪڙو شفيق پيءُ هئڻ سان گڏ هڪڙو اداس مسافر پيءُ به آهي ... ڀيڻ جو اڪيلو ڀايڙو به آهي. تنها پٽ به آهي، پنهنجي ابي امان جو ! ڪوڙ سارن دوستن ساٿين کان محروم رهجي ويل دوست آهي، انيڪ حادثن جو اڪيلو شاهد پنهنجي ديس جئان زخمي زخمي، وياڪل وياڪل!





پر پوءِ به هن جي چپن تي سدائين معصوم ٻار جي مُرڪ محوِ رقص هوندي آهي، اهڙي مُرڪ جيڪا ڪنهن فاتح سپهه سالار جي نيڻن ۾ هوندي آهي، ڇو جو هو هن ديس جو اهڙو قصاگو آهي، جنهن جي سيني ۾ سوين ستارن جهڙا قصا جرڪندا ٿا رهن ۽ هو ڄاڻي ٿو ته قصو لازوال هوندو آهي، قصو ڪڏهن به ختم نه ٿيندو آهي، قصو سدائين قائم دائم رهندو آهي. قصو قائم آهي ته پوءِ ڏک ڪهڙو؟ هو پنهنجي لاءِ ڄڻ ڪاغان جو قصو آهي !!

(سائين مير محمد پيرزادي سان ملهايل شام لاءِ لکيل تاثر)

**منور سراج**
**نوابشاهه**








رُئڻ جو روڪي وري پوءِ لڙڪ لڪندي هارجي،
واعدو ٽڪڙو ڪجي چو، پر ڪجي، جي پارجي.

مانُ محبت ڪي ملي ۽ پيار- پانڌيئڙا پڇن،
عشق جي طوفان مان، ٻيڙو ڪنهين جو تارجي.

سڀ ستارا اُڀ اڱڻ تي رات جا رابيل ٿيا،
چانڊنيءَ سان مڌ چکو، ڪوري ٺڪر ۾ ٺارجي.

ڊيل ڪان وڌ وِک سُريلي، لوڏ ڄڻ لائون لهي،
آڻَ ٻُڪٽيو جو دک دنيا جو ٿورَ ان سان ٺارجي.

آهه محفل مڌ وهوڙيل چانڊني جهيٽي نه آ،
هڪ نگهه سان نيڻ جي قنديل ئي اڄ ٻارجي.

هن جدائيءَ جي جبل کي مدتن کان پوءِ ملي،
کي ته ٻُرهي يار ڳالهيون، ڳڻ ڪري ئي ڳارجي.

مرڪ عيوض لڙڪ مليا پيار ۾ پونجي اٿم،
ڏک وجهي جو ڏيل ڏاري، ڏک انهيءَ کي ڏارجي.

هير ۾ ڦوهارَ، خوشبو رات جي راڻي ڪري،
نيڻ نگرن ۾ نِنديا جي ڊيل ڊوڙي ڍارجي.

چانڊني پئي چنگ وڄائي راڳ رابيلن ڇيا،
هن سمي سهڻي اندر پو ڪيئن نه ساجن سارجي.

◈

تنهنجو مرڪڻ ڪير وِساري، تُنهنجي سڏڪن ساڙيو آهي،
هيري موتيءَ ڪان بہ وڏڪ آ، تو جو لڙڪ بہ لاڙيو آهي.

مينهن ڪٽين جا مهڪ متيءَ مان مهڪائيِ، سا، مايوسي آ،
اُپ اسان جي ڏک کي ڏسندي، ڳوڙهو ڳل تان ڳاڙيو آهي.

اوشا جي ونَ ويس اندر هو آيو منهنجي اڱڻ مٿان آ،
قول اچڻ جو جيڪو ڪيائين، پرهہ اچي سو پاڙيو آهي.

پڪ نہ آ ڪو رات اويلي مُنڊ اڪيلي تو وٽ پڄندي،
تو ڏي ايندي توڙي لِڪِيسِ، تاڪنُ پوءِ بہ تاڙيو آهي.

من جا ورهہ ولوڙا آتا، خوابُن تو بن ڪورا لاتا،
سورن هيءُ جياپو ساڙيو، پورن جيءُ پَڇاڙيو آهي.

رات بسنتي، هير ٺڏيري، جوڀن ونتي جاڙ جئي ٿي،
چورا ڪورا چانڊوڪيءَ جي، چيِٽن مٿان من چاڙهيو آهي.

ڪوئل موسيقي ٿي ڇيڙي، وڻ ٽڻ جهومي راڳ چون ٿا،
ساجن هن ۾ سرنهن سندي جڻ ڦول اندر کي ڦاڙيو آهي.

پنهنجي ملڻ مٿان سَوَ پهرا ۽ پابنديون توڙي آهن،
تنهنجي خوشبو هير پُڄائي، واءُ پلا ڪنهن واڙيو آهي!

◈






اهي ڦوهہ جوانيءَ جون رنگين شامون، ڏسڻ سان بهارن ٽڏا ساهہ پريا،
۽ سوچن جي نيٽن اُگهي لڙڪ چڏيا، تڏهن اوچنگارن ٽڏا ساهہ پريا.

نہ سياري ۾ سارن چڏيو هو توهان جي، نہ سڏڪا هي ساوڻ ۾ بند ٿي سگهيا هئا،
چڙي ذڪر تنهنجو جڏهن پيو انهن ۾، تہ ميگهن ملهارن ٽڏا ساهہ پريا.

ڏسڻ ڪاڻ جن جي ٿي رابيل رڙيا ۽ پيئونرن جي گونجار پٽڪي رهي هئي،
چڙيا رات جا سُر ستارن منجهان جو تہ سڏڪي پيارن ٽڏا ساهہ پريا.

هي سُر جي لهر تي جو سرگم سجائي ۽ پولار پايل جي جهنڪار ڪئي هئي،
ٿي ساعت وئي سُن جو سارن وڪوڙيو، تہ تڙپي ستارن ٽڏا ساهہ پريا.

نہ ڏينهن جو ڏَڏُ ۽ نہ راتين جي ننڊ آ، هي مهلنُ تي مارن ٿيون يادون اوهان جون،
صبح شام سارن چڏيا ساهَہ ساڙي، نظر ۽ نظارن ٽڏا ساهہ پريا.

ڏسي دل جي حالت سگهي ڪين موسم، ٿمي نيڻ جنهن جا وسي سانوٽي ٿيا،
توهان جن کي پارت ڪئي هئي اسان جي، انهن خود سهارن ٽڏا ساهہ پريا.

ڪڏيا گونچ يادن بهارن اچڻ تي، اوهان جي اچڻ جون لڳائي کي آسون،
وڇائي رکيا نيڻ دڳ تي جنين ها، تنين دوست يارن ٽڏا ساهہ پريا .

جهڪيو ڪنڌ تنهنجو انهن کي جو پائڻ، جهڪي ڪائناتن بہ سجدا ڪيا ها،
صراحِيءَ جهڪي جڻ تہ هو پيگ پيٽيو گلابن ۽ هارن ٽڏا ساهہ پريا.

◈

سونهن جا سنسار ۾ آهي سڪيون!
چو ڏسن ٿيون ڪين سا آن جون اکيون،

سوچ ڪي تو ڏي مُنجي مون هي اکيون،
راهہ تنهنجيءَ ۾ ڪٽي آهن رکيون.

تڙپندي، لچندي پيون طعنا سهن،
نيڻ واري نانگ جي آهن ڪَکيون.

ماڪ ۾ خوشبوءِ رابيلن سندي،
چانڊنيءَ ۾ ٻهڪندي آهن ٻکيون.

مُک نِڪاري، رات آڳنڊ تي سُتيِنءَ،
ڪي چُڪيون چُوسي چپن مان چنڊ چَکيون.

سار جون سڳنڌون سوين سنسار مان،
ماڪ اوتي موتئي جي منهن مکيون.

رات سپنن ۾ هيون جي سُڏِڪيُون،
ٻاڪ جا ڪرٽا ٻٽي جڻ سي ٻکيون.

◈





سچ آ توهہ جي ٻر، ڪڙي زهر جيان،
چاهہ مان ٿا چکن پو ٻہ ڪي چهر جيان.

نيڻ نرگس نما، ڏند رابيل جيان،
ڳل ڳاڳين رَتا، چپ گل مهر جيان.

چنڊ وانگر ٿڪل، مُک ماڪن اندر،
لڳن جڻ تہ پوئين پنل پهر جيان.

پانءِ ٻوڙيا اُهي ٿا مٿانئس ترن،
هي ستارن پريو اُپ سجو ٻحر جيان.

آ اندر جي دنيا جو رهاڪو اهو،
جو ڪڏهن ڪين سوچي سگهي ٻَهرِ جيان.

ٿو جڏهن پيار لوڏي دليون پينگهہ ٿي،
ٿو ڏئي سونهن کي تازگي سحر جيان.

آ وري سوچ ۾ يار واسو ڪري،
تون تڪيو ڪر اکين ۾ ننڊن ـ ڳهر جيان.

عڪس هي ڪُڙ ڪيٻتن سندا ان اندر،
ٿي لڳي اُپ مٿان ڪهڪشان لهر جيان.

هي سندر چا تہ سورجَ ـ نَدي صبح جو،
ٿي نچائي پئي ترورا نهر جيان.

◈

رات جو ننڊ ۾ اچي سپنا توهان جو ٿا پڇن،
ماڪ سان منهنڙو ڌوئي رستا توهان جو ٿا پڇن.

لڙڪ روڪي ٿڪ ڏيان ٿو دل مٿان پٿر رکي،
پوءِ بہ مايوسي ڪٺي لمحا توهان جو ٿا پڇن.

هانوءَ جو ڏڌُ پي پيلا تن کي ڏيان مان ڪيترو،
ياد جي اذيت سهي، جذبا توهان جو ٿا پڇن.

تون تہ ناهين پاڻ پر، ويو پاڻُ پي ڪيڏانهن آ؟
هيڪلائن هيسيل اُڌما توهان جو ٿا پڇن.

ڪانہ ڪا نعمت سواءِ توخوش ڪري سگهندي ڪڏهن،
ڪامرانيون هڪ طرف، تمغا توهان جو ٿا پڇن.

راڳ راحت روح کي ناهي ڪري ميُسر سگهيو،
ساز ٿا سارون ڏين، نغما توهان جو ٿا پڇن.

مان تہ تن کي مڌ ملائي لڙڪ پي آڇيان پيو،
پر اُڪيرن جا اُلا من جا توهان جو ٿا پڇن.

موسمن ۾ موهہ ناهي، واءُ واڪا پيو ڪري،
پوئنر پتڪي باغ ۾ چا چا توهان جو ٿا پڇن.

◈





رات ڪئي چڻ اُپ مٿان ڪا تارن ميناڪاري آهي،
مندر اندر ڏيئا ٻريا، چڻ ڪا رات ڏياري آهي.

هن ۾ گهاٽي واڍي جي ڪا ڪٿ بہ ٿيندي ناهي سائين،
هن ۾ ليکو ٿيندو ناهي عشق نہ دنيا داري آهي.

پيرن جي ڪا ڇير ڇڄي پئي، گهنگهرو وکري تارا ٻٽيا،
نيل گگن ۾ چندرما چڻ نچندڙ ڪا ئي ناري آهي.

سون اڱارن منجهہ سڙي جئن ٻنبو سارو ڪُندن آهي،
ساروٽين ۾سڙي سڙي تيئن گهڙي گهڙي مون گهاري آهي.

تن پچائي، من مچائي،، لونءَ لُڇائي لمحي اندر،
هَري هَري هيءَ ماس ڪپي چڻ انگ سڄي ۾ آري آهي.

ڏنڊ وهوڙيل وستيءَ ۾ چڻ ڏيمو چنڊ لڳي جا پَريان،
گهر جي پاتين سيءَ ٽرڻ لئہ باهہ پُنگِيءَ ۾ ٻاري آهي.

خوشبوئن جا ڪيپ ڏياري چوڏس چانڊوڪي ٿي لڳي چڻ،
رات جي راٽيءَ رابيلن سان چڙندي ڪا مڌ هاري آهي.

چندرما جو عڪس چڙهي ٿو ڏاڪڻ ڇَرَ جي ڇولين جي،
ناڪئي چڻ ڪا ناوَ نڪاري ڪينجهر ڇر تي تاري آهي،

پوڙهي مڪ جا گهنجَ لڳن ٿا تاريخن جون ڏارائون،
ٻيٺ سنڌوءَ تي ٻهہ ٻهہ ٻهڪي ور ور ٿي جا واري آهي.

◈

مون کي تنهنجا سَوَ سينگار ٻه اکڙين ۾،
اڻ ڳالهايل ڳالهين جا انبار ٻه اکڙين ۾.

تنهنجي آجيان جي لئه مون وٽ آهه پيو ڪي ڇا،
هيرن مَنجهه هڳاوَ ته آهن هار ٻه اکڙين ۾ .

ساهه ٿڌا هي هير اصل ۾ اکير اوهان جي ئي،
ڪِرڙن جا ڪي ڏيلهنِ ڏَتَيُل ڏار ٻه اکڙين ۾ .

لڙڪ نه آهن، نيڻ ڪڪر جي ڪنڌ مان لڙندڙ هيءُ،
نينهن سندي هي مينهن سندا ڪي نار ٻه اکڙين ۾ .

آئينو هي تنهنجي اڳيان خيالن ۾ پيو هوندو،
تنهنجو چهرو چمڪيو ڪيئي بار ٻه اکڙين ۾.

هونءَ ته ڪا ئي جاءِ نه ايڏي ڏَسجِي ٿي ڪا تن ۾،
ڪيئن سمائي لڙڪن جي هيءَ لار ٻه اکڙين ۾.

مُکڙو سَوَ ميارون ڏئي ٿو سور سلڻ ريءَ جئن،
صاف ڏسڻ ۾ ايندي آ تئن سار ٻه اکڙين ۾.

تن کي ڪين ڪپن ٿا پهچڻ ڪارڻ ڪيئي رستا،
پنهنجي سونهن سموريءَ سان هيءُ يار ٻه اکڙين ۾.

◈





ڪوئل جي آ ڪوڪ پلي، پر هجي خوشيءَ جِي جي،
پوپٽ کي ٿو ڪير ٻڌائي جيئن ئي رابيل کڙي .

آڌيءَ ويلي هير گهلي ۾ ڪيپ خماري ٿي،
ڪنول بنائي ٻُڪ پيو ٿو، جڻ ڪو چنڊ جهپي.

راتو ڪو هو بڪيو سُمهي پيو بکيو اٿندي ئي،
سج جو ڪرٽو ڪرٽو ويٽو چيهو جڻ ته چُڳي.

ماڪوڙن جو جهرمٽ ڇا تي،ڇا تي ڪِولين ميڙاڪا،
ماناري مان مٿان ٿي ماڪيءَ لار ڳڙي.

اوٽ ڪڪر مان وڄ جو چمڪو مون ڏي گهوري ايئن،
دريءَ وٽيءَ مان جيئن ڪو مکڙو سُندر ميچ ڏئي.

نفرت ڪان هئي،نفرت جن کي، ماريا نفرت ۾،
دنيا جي آ ريت عجب جو پنهنجن سان نه ٿي.

لڙڪ ٻه پاٽي، ماڪ ٻه پاٽي، بوند ٻه پاٽي آ،
فرق آ پيڙا هر ڪنهن جيءَ ۾، هونئن ته پاٽي سي.

◈

نگاهون ڪٽي نيڻ اولار سان،
نهاريو اسان ڏي وري پيار سان.

ڪبو پيار آهي فقط پيار لئہ،
نہ آ واسطو جيت ۽ هار سان.

ڏني ۽ وتي جو نہ آهي پتو،
ڪڏهن ناهہ ليکو ڪيو يار سان.

اها دل نہ جيڪا ڪپي ڪات پي،
ٽٽي ٿورڙيءَ ويڻ يلغار سان.

عُقِيقا اوهان جي ائين هار سان،
لڙن لال موتي جڙئين ليار سان.





تڏهن شرم ٻوڻي ٿي ڪومائجي،
وڻي ڪا نہ رهندي جڏهن وار سان.

تڏهن ڪان سقل ٿيو هي جيون سڄو،
پرينءَ جي مليا سون جڏهن پيار سان.

وٺي مند جو جي ڪو جهونڪو گهلي،
سلهاڙي بدن ويو سڄو سار سان.

هَٽي ياد جهمريون، لڙيءَ رات ۾،
اُڪِيرُون اٿن پيون چڙيءَ لار سان.

ٻنيون ڇهڇ سايون فصل ڦوهہ ۾،
ڪيا سانگ ساوڻ نچي نار سان.

◈

گلابن جي جهرمٽ ۾ ٻَئونرو ٿهي نئون،
ونـي تـي ٿـو جيـئـن ٽـر ۾ ڇـئونـرو ٿهـي.

اهو سُوارَ جـيِ سونـهـن جـو ڪـر شـمـو،
گـلابـي جـهـلُـنِ سـاڻ گـئـونـرو ٿـهــي.

ٿـهــڻ لاءِ مــوزون ڪــا ڪــا جڳـهــ،
نـڪـوري ٿـڪـر ۾ ٿـو ڏئـونـرو ٿـهـي،

سـڄـي ٻـر ڪـي سـهـڻـو ٻـنـائـي ڇـڏي،
گلن سان جهنجيَل خوب ڏئونرو ٿهي.

ٿـهـي ايـئـن جـويـن ٿـو جـلـوا ڪـري،
ڪـنـڊيءَ ۾ جـئـيـن ٻُـور ڪـئـونـرو ٿـهـي.

اڪـيـن جـي اوتـارن ۾ ٿـهـجـي ائـيـن،
پـيـو جـيـئـن پـاٽـي ۾ ٻَـئُـونـرو ٿـهــي.

◈






اداس لـمـحـا، اداس چـارا، سـوال بـنـجـي اڳـيـان اڇـن ٿـا،
وشـال آڪـاس مـان سـتـارا، سـوال بـنـجـي اڳـيـان اڇـن ٿـا.

اسان جون سوچون اجاڙ بنجي، شهر بدر ٿي پلي پيون پٽڪن،
ٻـتـيـون ٻـريـل ۾ تـوهـان جـا جـارا، سـوال بـنـجـي اڳـيـان اڇـن ٿـا.

اسـان جـا سـپـنـا جـلاوطـن ٿـي، تـڪـن ٿـا نـيـٽـن سـنـدي شـهـر ڏي،
اُجـاڙ جـن جـا سـيـئـي اوتـارا، سـوال بـنـجـي اڳـيـان اڇـن ٿـا.

پِـيـا مـلـڻ تـي انـيـڪ پـهـرا ۾ سـخـت رويـو سـمـاج جـو ٿـيـو،
سـمـنـڊ ڪـنـاري ٻـہ پـاڇـا ڪـارا، سـوال بـنـجـي اڳـيـان اڇـن ٿـا.

انـنـت سـورن انـبـار سِـر تـي، ڪـٽـڪ ڪـيـو ٿـا اڇـن جـي ڪـاهـيـو،
ڪـنـڌي نـہ تـن، نـہ ڪـي ڪـنـارا، سـوال بـنـجـي اڳـيـان اڇـن ٿـا.

سُڪون ميهر ملڻ ڪان وڌ آ تہ سير ۾ ئي هليو وڃي سِرُ،
اتي جي ساگر ڏئي اِشارا، سوال بنجي اڀيان اڇن ٿا.

رُتيون اوهان سان وڃن ٿيون رڱجي، مندن توهان جا چميا قدم ٿي،
توهان پڇاڙا پرين نظارا، سوال بنجي اڀيان اڇن ٿا.

توهان سان گهاريل گهڙيون گُهٽين ٿيون، توهان سان گهاريل انيڪ لمحا،
وڌائي تنهنجي پياس پيارا! سوال بنجي اڀيان اڇن ٿا.

سماج جا هو سيئي ڏڪاريل، وڃي گڏيا مئڪدي ۾ آهن،
اُٿن ٿا جي ميڪدي مان نعرا، سوال بنجي اڀيان اڇن ٿا.

توهان جي قدمن سندا نشانا، سجائي رکيا جنين سِرن تي،
چمي پيو چنڊ سي ئي چارا، سوال بنجي اڀيان اڇن ٿا.

◈






مينهوڳيءَ ۾ در کڙڪايو وَر وَر ڪنهن تہ اويرو آهي،
آءُ ڏسان ٿو واءَ جو جهوٽو، آيو ٻيو هي پيرو آهي.

سرو پريل آ سار اندر ۾ يار توهان جي اهڙو ڪو،
ياد اچڻ سان پنهنجو ٿي ويو خيال بہ ڪيرو ويرو آهي.

تنهنجي من آڱنڌ تي آهي آ دابن جو اوج وڏو ڪو،
ان تي پهچي ڪيئن پلا جو منڙو ميرو سيرو آهي.

دل جي تڙپ وڌي ويندي آ دلڙي ڏسندي آهي جڏهين،
تنهنجي چاهَتَ ـ چوڪنڊ هيٺان ايندو ايرو غيرو آهي.

بُرقعي مان ڪسڪي ۽ تنهنجو مکڙو ٻاهر نڪتو اِيئن،
جهڙ مان نڪتو سج چٽو چڻ جنهن جو تاب تکيرو آهي .

چوڏهينءَ جو چنڊ چٽو نہ آ چا، اصل حقيقت منجهہ ائين ئي،
بلڪل اڳ جيان آهہ چٽو، گهنگهور گهٽا جو گهيرو آهي.

ڳولا ان جي کھڙي جنهن کان ويچو تِر جو ناهي ڪوئي،
پر جي نيڪ نظر سان ڏسبو دل ۾ ان جو ديرو آهي.

تارا تارن کي اٿڪايو ان ڏي ڏسندي پاڻ ۾ پٽڪيا،
مينهن اوڪاڻ کان پوءِ هو ڏس ڪيڏو اُپ اڇيرو آهي.

پکي بچايو ڏک لڳڻ سان جيڪو گهايل ٿي پيو آهي،
جان مٿان جو ڏکي اڃي ويس جلندي پوءِ بہ جيئرو آهي.

توڙي پَرَ اٿس ويا ڪتجي سنڌ اُڏامي ڪين سگهي ٿي،
پوءِ بہ همت جياري ويندي، ساهس لاءِ سويرو آهي.

◈


www.sindhsalamat.com



جيئن پرهہ ڪٽي پير،ڪَلي رقص ڪري،
تيئن لان مٿان هوءَ هَلي رقص ڪري.

هي نيڻ ڪڪرَ چانو ڪري جيئن اڇن،
من مور ٻٽي پوءِ ٻِلي رقص ڪري،

موتئي جي مهڪ چير جيان جڏهن وجي،
جهرٽي جي مٿان رات ڍلي رقص ڪري.

سازن مان سُرن جا ٿا ابابيل اڏامن،
هيرن جي هِلورن تي ٿَلِي رقص ڪري.

وڪ ساڻ سڄو وايو منڊل چڻ تہ وِهاٿي،
پيرن جي پوڻ ساڻ ڳِلي رقص ڪري.

پرين ڪان مليل پيار ۾ محبت جي مچن تي،
جند جان وئي آهہ جلي رقص ڪري.

مد مست ٻٽي ملنگ اچي پير مٿان اڄ،
سڌ سور سندي آهِہ سلي رقص ڪري.

وهہ واهہ ڪري ويس وَنڊِيُئي ونڊ حسن جو،
جوڳِيُنِ بہ اچي جهول جهلي رقص ڪري .

◈

17


www.sindhsalamat.com

پٽ جهڙا پير، ٽپندڙ ڏر ٽٽي،
ڏُن پنهنجي ۾ مگن گهمندي وتي.

واٽ جا واسينگ جهڙا ور وڪڙ،
پو ٻہ پٺيان پئي وڃي جنهن جي گتي.

رات جهومڪ ماڪ جا چِمڪائيا،
ڏوم تارن ناچ جي آهي متي،

جوت جگنو جگمگائي ايئن ٿو،
ڪو اچي پريان ڪنيو ڇڻ هَٿَ ـ بَتي.

پوءِ ڪاٿي ڪان مٿي قيمت ٿيس،
رنگ پرين جي ۾ وڃي جَڏهين رتي،

سا وصالن ۽ وڇوڙن ڪان مٿي،
يار جي خيالن ۾ پئي آ جا ڪتي.

ٿئي متان ڪا پيار جي پت وائڪي،
اُن ڪري چت تي هنئين چاهت چتي،

عشق ۾ ايثار بن ڪم جي نہ آ،
جا سَتي، توڙي ڪٽي آهي جَتي .

◈





چوچڙيون ڏئي چاهتن جا چنگ آ چوري وئي،
قيد جي زنجير جون سيئي ڪڙيون پوري وئي.

وقت ڪان پو منهن مقابل ٿي وَئي جو اوچتو،
حال سيئي چپ اندر تفصيل سان اوري وئي.

رَوَش مان ئي رونما ٿي پيار هيس پڌرو پيو،
ماپ ۽ ماٽن بنا هوءَ محبتون توري وئي.

ٻاڻ ٻيجَلَ جا اکين مان جيئن نڪتس اوچتا،
قرب واري ڪات سان هوءَ ڪنڌ ڪلهن ڪوري وئي.

موٽڻو جو هوس جلدي منهن ڏيڪاري ڇڻ وئي،
جيءُ جهوراٽي جهريل ويتر گهٽو جهوري وئي.

ڏکّ جو ڏونگر آٽانگو جسم نازڪ ڇا ڪري،
ڏيل جي ڏَڌِ تي ڏکيون ڏونگر پٿون ڏوري وئي.

جنهن بچائي پاڻ پاسي پيار ڪان ڪيو پر اها،
گُهورَ هڪ جي گهاءَ تان گهر، تڙ، سسي گهوري ٿي.

چوڏهين جي چنڊ هيٺان چندن لائي جيئن سُتي،
چانڊني چادر وجهي ان جي مٿان هوري وئي .

جان تنهن جي ڪانءِ ڇٽندي وَس ڪٽي ڪيڏا ڪري،
ڳوپ ڳنڍجي ڳالهه جي جا ڳڙهه ڪَهين ڳوري وئي.

منڊ موٽائي وِجهئَيِ شل، هيل ايئن هيڪار ۾،
سَنڍِ ٿاريون، ساوڻيءَ رُتِ، هيل جيئن موري وئي.

◈





هر نظر ۾ جڻ تہ اوٻاڇن اُماڙيون ٿيون پيون،
ڇُوڇڙيءَ وانگي ڇُپيندڙ منهن مقابل تو ڇيون.

جڻ تہ ڪاٺيون سِيرجن ٿيون، باهہ ۾ يادن سنديون،
پوءِ پيي ايندڙيون رهن هيءُ نينهن ۾ نت نت نيون.

ٻِينَ جُون لهرُوُن هوا ۾ جو ويون تحليل ٿي،
خوب ڏوراپا توهان جا واءَ مان ڏيندڙيون ويون.

مون ٻڌي پايل تہ هر انگ ناچ ۾ ٿي مَحَوُ ويو،
نينهن نورا هئا اکين ۾، تو خماري جيئن ڪنيون.

قسمتن جو يار ميلو، ڪَرڻ ڪان ڳالهيون گهٽيون،
ڪين پيو موقعو مليو تہ بہ جڻ ڇُميءَ سان سپ ڇيون.

راڳ ٻڻجي ريت سارا جڻ سنڌوءَ ڪي پيا سڏن،
واءَ واسن ساڻ گڏ هيءُ جي، ڪُنگوءَ لهرا لَيُون.

ڪا نہ سهٽي ۽ نہ ڪي ڪنگ ڪالهہ جي ڪانڌي ٿيا،
ڇا تہ الميو آ سنڌوءَ جي ريت مان اُڏندڙ رَيون.

آءُ تن ڳالهين سهاري اڄ بہ جيان ٿو جڳ اندر،
ڪالهہ لِڪ چوريءَ ڪنن ۾ ڪانڌ جي مون سين ڪَيُون.

هونءَ تہ سبتي ڳالهہ پيي سمجهڻ ڏکي لڳندي آ پر،
پيار ۾ ڳالهيون سپئي اُبتيون بہ لڳنديون پيون سَيون.

◈

ڪو ٻہ رايو ڪو نہ رَڪِيُئيِ ڪا رعايت چو نہ ڪِيَئيِ،
موت ۾ مارڻ پڄاڻا تعزيت ٻي ڪو نہ ڪِيَئيِ.

رات ھو رھڙيو بدن ۾ ڏينھن ان تي ڏنگ ھنيا،
جو ڪرڻ تو ڪي جڳائي، چو الا جي سو نہ ڪيئي.

بيقراري ٻَيَڙ جيان پڙڪا ڏئي تو ۾ اُٿيِ،
ٻئي نہ تو ڪي ڪجھہ ڪيو ان جي رڳو ئي اون ڪِيَئيِ.

حال چوري ٻار جھڙو، رونقون جنھن ڪان رُٿيون،
دل ڏُتاري ھٿ ڪري ٻَرَ گھور ان جي پو نہ ڪِيَئيِ.

ايئن دشمن ساڻ ٻي ويڌن ڪئي ڪنھن ڪا نہ آ،
جيءُ جانٻ ۾ وجھي ۽ خيال ان جو ھو نہ ڪِيَئيِ.





ڏوپ ساھن جا ڏئي لڙڪن سان ڌوئي جا رکيم،
پوءِ بہ چو ھن دل سَڙيءَ ڪي چاھہ چو چَئُونرو نہ ڪِيَئيِ.

ياد آويءَ جي ڇِپِيُنِ جيان ھر وِٿيءَ مان پئي ڏُکي،
پوءِ بہ تپندڙ تن مٿان چو گوش ڪو گھرو نہ ڪِيَئيِ.

ڍور ٿاھڙ جيان ڇنايَئيِ پئي رسا جوين جڏھن،
پنھنجي نظرن ساڻ ان تي پاڻ ئي پھرو نہ ڪِيَئيِ.

مُندَ بھاري ملڻ سان جڻ وقت ڪان آڳُ وَئيِ اچي،
ڪَتَڙَھارَنَ جي ڪلڻ جيان چاھہ مان ڇھرو نہ ڪِيَئيِ.

پياس لئہ پاٽي جتي ڪٿ، پيار لئہ ھر ھنڌ پرين،
گل ڪڙيو مکڙو دريءَ مان، ذھن ڪي ٻَئُونرو نہ ڪِيَئيِ.

پنڌ پري ھوندي پرينءَ جو، جي پڄڻ جي آس آ،
پاڻ ڪي ٿاھي پلڻ ۾ خيال ڪي گئونرو نہ ڪِيَئيِ.

◈

ڇڏيو جن جيءُ گرمائي اڱڻ ساڳيا اُهي ناهن،
انهن ريءَ هي گهٽيون ۾ گس، ڪري هُرُڪُرُ هنئون ڪائن.

امن جا نيڻ ڳيرا ويا اڏامي دور ديسن تي،
پِرهہَ جا پار هوندا هئا تہ ڳُٽُ ڳُٽُ هي ڪيو ڳائن.

جلن ٿا جيءَ جا جذبا اڏامي خاڪ يادن جي،
ٻَٽيِ ماتمڪدا لمحا اسان جو چين ٿا چائن.

رئڻ جو ڪو سبب باقي، سُجهي ٿو ڪين ڪي تَنِ ڪي،
اسان جا نيڻ سودائي جڏهن تو ڪي نہ ٿا پائن.

عجب عادت آ لڙڪن جي ٻُڏڻ آمد پرينءَ جي سان،
وهي نيڻن جي پِڇڙِيُنِ جي وِٿِيِنُ مان ڇڻ تہ واجهائن.

ملهارن جيان آ مَهَڪِيلُ مُک جهين جي سک سالن ڪان،
وري آگم ٻٽي مند جا اوهان جا نيڻ ٻئي گهائن.

نہ ڪو سِينگار واري بيت سان پيتي تنين سگهجي،
جنين جي پيت ڪا ناهي نہ ٿو ڄاڻان الئہ ڇا هن!؟

رڳو آ ڪيفيت طاري، سمورو ذهن سوگهو آ،
ڪڏهن ڇڻ ڪو نہ ٿا پائن، ڪڏهن ڪيڏو تہ ٿا پائن.

◈






اجا ڇهچ ساوڪ نہ آ ٿوهرن ۾،
ٽريليون وريون ڪين پنهنجي گهرن ۾ .

پَلي گهر اُجَڙُ ٿيا، هليا ويا هتان هو،
اُهاَ ديد رهندي انهن ئي درن ۾ .

سکن جي نہ ساعت جي سانپر اٿئون،
توهان جي رهون يار ٿا گوندرن ۾ .

پيا عيد جو چنڊ پيا ٿا تکن،
ڪُتَلَ ديد ڪن جي آ پنهنجي ورن ۾ .

رهيِ سونهن فطري ٿي معصوميت ۾،
نہ ڪا سونهن ڪپڙن، نہ ڪا زيورن ۾.

نہ ڪو انگ اوڇڻ، نہ ڪا اونَ ڪنهن جي،
انهن پيڙ اوتي ڇڏي آ هَرَنِ ۾.

سڪڻ ۾ سچا لڳ، ايئن ڪيئن ٿيندو،
ڇڏيندو نہ آ عشق، ڪنهن کي آرَنِ ۾.

اسان جي اها جهد جي آهہ ساکي،
پنڌن پيڙ جيڪا ڇڏي پيچرن ۾ .

ڏيو ڪانگ آٿت تہ سانڍيون آٿَوَ،
پِرِيَنِ پار جون کي پڇارون پَرن ۾.

اجا ڪو نہ ڪٽڇيءَ اڏاريا پڇا،
اجا ٿي نہ نيسر سچن آ سَرن ۾.

◈






ڏيو وارن کي ٿا چنڊڪو، تہ پئي ٿي وڄ ڄڻ چمڪي،
ڪِلي ڪوليو ٿا جي مُڪڙو، تہ پئي ٿي وڄ ڄڻ چمڪي.

ڪڏهن ا يندو ڏسي ڇئين ٿي، ا شارن ساڻ سرتين کي،
اچي پيو ٿو، اڙي اوهيو! تہ پئي ٿي وڄ ڄڻ چمڪي.

کُلي ٿي ڳالهہ جي ڪائي انهن سان عشق پنهنجي جي،
پڇي ٿا ۽ اک جيئن ڪوليو تہ پئي ٿي وڄ ڄڻ چمڪي.

پَيُئي جيئن پير ترڪي تيئن ڪري رَڙُ ۽ سنڀالي جو،
ڏندن وچ ۾ ڪئي جڀ تو، تہ پئي ٿي وڄ ڄڻ چمڪي.

ڏئي ڪاڏيءَ جي هيٺان هٿ، نهاري ڏور انبر ۾،
جڏهن تو گيت جهونگاريو، تہ پئي ٿي وڄ ڄڻ چمڪي.

پرهہ سان ئي اٿي آرس، پڇي جيئن ڪوليئي اکيون،
اٿينءَ ڏوئي جئين مکڙو تہ پئي ٿي وڄ ڄڻ چمڪي.

نوائِيءَ رات ۾ ڪٿ تي، تون گم سُم خواب جي هنج ۾،
مٿان مُنهَن چاندنِيءَ چمڪو، تہ پئي ٿي وڄ ڄڻ چمڪي.

اماوس رات جو اُپ ۾، مٿل تارن سندو ميڙو،
ڪئي هي لاٽ تاري جو، تہ پئي ٿي وڄ ڄڻ چمڪي.

◈

سانوريءَ ڪنهن شام جيان ويڙهي وئي،
جي سُتل ها سور سي ڇيڙي وئي.

موقعو تاڙي جئين پهتس پتڻ،
ڪين ترسي، ٻئي هلي ٻيڙي وئي.

رات جي پوئين پهرِ، ڪونج ڪا ڪُر لاءِ سان،
سانت ٽوڙي، خيال کي ڪيڙي وئي.

خواب اڌپورا ويا رهجي جڏهن،
پره ڦٽندي رات کي ريڙهي وئي.

ويو سڪون آهي ڦٽي جنهن ڏينهن کان،
پيار ڏئي، جيءَ ساڻ آ جهيڙي وئي.

جا هڻئي بندوق ماريءَ، سا پکي،
ڊنڊ تان سپ ٿاهُ ڏئي ٽيڙي وئي.

ڳالهين جي ڳنڍ ٻڌي سوگهيون ڪري،
لڙڪ سيئي پاند ۾ ويڙهي وئي.

ڪين پهتس ڪا ڇڳائي ٻي ته پوءِ،
ياد پنهنجي ذهن مان ٽيڙي وئي.

◈






ڪُنگُوٽارن ڪئي ڪا ڇَهِ، نه ٻوٽو ٻوهَه ٻاريو آ،
توهان جي پار کي ڏاڍو ڪلهانڪر ساهه ساريو آ.

ٻٽي سو رات جي راڻي ويو واسي سڄيون راتيون،
اسان جو، لڙڪ اکڙين مان توهان جي لاءِ هاريو آ.

ٿَرڻ تي آ پُڳو ٽاٽو، نه ٿيندو ڪانگ ڪوڙو شل!
اُماوس ۾ اکين سان گڏ اسان ڏيئو ٻه ٻاريو آ.

پَڙڻ گهر جي وچن جيڪو ڪيو هُوَ پيار ۾ پهريون،
گلن سان يار موسم جو ڪيو وعدو سو پاريو آ.

اُهو ئي ڪرشمو آهي مسلسل جهد جو جنهن سان،
ڪنين ڪان ويا ٻڌي پَنَ پيي، ڪنين پاهڻ ٻه تاريو آ.

سڪون ان سان، امن ان سان جياپي لاءِ پيون هڪ ڊُڪُ،
ٿَرو جو پريم جي رس جو ٽڪر ۾ پاڻ ٿاريو آ.

اوهان جي ڇو، اڇڻ جي ويل، ويجهو ٿي وڃي خالي،
نڪي موسم، نه ڪو مينهنِ، ڪڏهن ٽاٽو ئي ٿاريو آ.

اسان ڪان ڪو پڇي پيڙا سندو، ان کي ٻڌايون ٿا،
اسان پاهڻ هجر جو ڪيئن، ڳوڙهن ساڻ ڳاريو آ.

اڱڻ جي ميندرو آندو مَيي آهي ته پوءِ مومل،
آلاچي اڻ ميا ان کي ۽ چندن خوب چاريو آ.

◈

اک نـٿـو ڪـو ٻـيـو ڀـري، جـو اک اٽـڪـي يـار ۾،
پـار پـنـهـنـجـا وسـري ويـا، ان جـي ڏٺـم جـو پـار ۾.

وٽ گـنـديءَ جـي واهـ سـونـهـي ڀـرت ۾ آهـي نـڪـار،
سـونـهـن ڳـوٺـن ۾ سـمـائـي، آ ڀـريـنـدڙ آر ۾.

زندگيءَ جي ڀي پڇاڙي پيڙ ـ پيڙان ڳهـ ـ ڳهان،
چـا ڪـمـائـي مـوتـيـو، ڇـنـگـهـنـدو اڇـي جـو بـار ۾.

زندگيءَ سان پـيـار ٿـي ويـو، بـس انـهـيءَ لـمـحـي انـدر،
جيئن ڏٺي معصوميت مون، مرڪندڙ ڪنهن ٻار ۾.





تو انهيءَ کي ڪَـتِـڙَ کان اڳ، ڇو نـہ سوچيو هو اهو،
ڇـا تـہ مـوسـم ۾ هـا ٿـيـنـدا گـل انـهـي ئـي ڏار ۾ .

ڪـيـن اوچـائـيءَ ڪـڍهـن، پـاتـو پـريـنءَ جـو پـار آ،
ڍول هـيـتـاهـيـنءَ جـي ڍلـنـدو آ سـدائـيـن ڍار ۾.

عشق جي ٻولي عجب سهٽيءَ سِڪي هي ڇپ بنا،
سـڏ مـيـهـر جـا سـچـاٽـي ٿـي چـڙن جـي لار ۾.

عشق کي آهي شهيدن ساڻ ڪا چاهت گهٽي،
يـار جـي سـا تـار ۾ آ ديـد جـنـهـن جـي دار ۾ .

ڪـيـر ڪـو تـن کان لـنـوائـي ءِ ڇڏائي جان ڪـيـر،
پـوپـريـون لالـچ سـنـديـون چـمـڪـن دنـيـا جـي ڄار ۾.

عشق ۾ احـتـيـاط ڪـهـڙو، منـهـن چـڙهڻ آ مـوت جـي،
وِيو ٻَچِي تَوڪَلِ جي تُرَهي، هونئن سڏو هو مار ۾.

◈

توهان جي ئي اڇڻ سان سڄ، توهان سان چنڊ ۽ تارا،
توهان ريءَ ڪئين دنيا هوندي ۽ هوندا ڪئين اسان پارا.

نہ جي آگم مندن ۾ ٿيا، تہ پوءِ مِينهَنِ سندي موسم،
وسائي مينهن ڪئين سگهندي، پُڇَنِ چوسُولُ ۽ چارا.

نہ ٿي ساوڪ پٽن تي جي، تہ نچندا مور ڪئين آخر؟
ٻڪي ڪا ٻيل تن سامهون، ڪندي ڪئين چاڳ ۽ چارا.

نہ ڪا ڍولڪ نہ ڪا چَپڙي، نہ ڪو موهن مَڌُرتا سان،
تہ پوءِ جهومي ملنگ چاتي، هٽن ڪي نينهن جا نعرا.

اسان جو عشق آتڻ ۾ ٻٽي پئي بحث جو موضوع،
اسان جا نيڻ لڙڪن سان، ڪجانءِ اُتِ پيش تاسارا.

پرم جيئن سونهن جو رهجي، امانت عشق جي ٿيءَ سان،
اسان جي يار محبت کي، مڃيندا ڪي مڃڻ وارا.

علڻُ، آ سا، سندي سُرَ ۾، پري ويو سونهن سانپرجي،
نچن ڪي-نرتڪيون تنهن سان ڪري آلاپ ۾ آرا.

اڃا ڍولڪ مٿي هٿڙا، هنيان عارب هٿا مس ئي،
تہ واڪا واءَ مان اُپريا، وڃو گڏجي برهہ وارا.

ويو چارو گهڙي سرمد، ڪيڻ ريءَ ڪاڻ ٻئي ڪنهن جي،
انهن ئي مست ماڻهن ها سجايا عشق اوتارا.

◈

- علڻ = علڻ فقير، مشهور راڳي.
- عارب = عارب چانڊيو، مشهور ڍولڪ نواز.





ڪيهَہ ڪڪرن جي ٻُڏي ٿو واءُ ٻي واڪا ڪري،
ڪانہ برپٽ جي انهي مند ۾ سوا بادل سري.

آهہ ساوڻ سڪ ڦولاري مينهن جي مند بي چئي،
ڪين دوريءَ ڪي ڏسي، دل جي دري ڪولي هَري.

ٻُوهہ ۾ آ رنگ پريو، پُرت ۾ ڪي گل ڦٽا،
موڪ مانڌاٽي ڦُٽيِ هَر ڏهر ڪي ڇڏيو پري.

ٻَرَس بادل ڪئي ٻڌاٽي، ڍورن ڍِڪي ڪئي آجيان،
وئي وڪوڙي سار تنهنجي، جا پئي ذهنن تري.

سال ٿيا ساجن رُٺي، ۽ ڪال ٿيا ساوڻ وٺي،
جوءِ ۾ ڪا جان ناهي، ڏيهہ پيو ٿيو ڏک ڏَري.

انگ تي ڦاٿل لٽا، جڻ نانگَ هر ڪو جيءُ سِنگهيو،
ڏِڪَ ڏوڳاهي ڏني آ، مال پيو ٿو ٻک مري.

مينهن اوڪاٽي ڏٺي ويو، ڏهر آهي پوچ سان،
جنهن مٿان ڏيئو پري ڪان، چنڊ جو پاڇو ٻري.

مَڪَ سندا ڪانپا پري، هر ڪا سُهاڳڻ ٿي پَڪين،
مال تاڏون ڏئي مڪٽو، چاهہ مان پيو ٿو چري .

تانگهہ جنهن جي سان حياتي آهہ واڳيل اصل کان،
سانوِڻيءَ ۾ سو نہ موٽيو، شال واهُوندَنِ وري.

◈

ويو سگر اُڪري ڪنڌيءَ جو، پيو مچر باقي ڇَٽي،
پل نہ ڪو ٻيو ئي ڳٽي، شل هو فقط منهنجي ڳٽي.

باهہ جي حاصل ڪرڻ لئہ، پاڻُ ساڙن ڪَڪَ ڪنڊا،
ساهہ سان جي سڪ نہ هوندي، ڪيئن ڪو ڪنهن جو ٻٽي.

منزلون ڏوڪا نٿيون ڏين، جهد جي ايمان سان،
ڪيترا منزل رسيا واپس ڪيا ڪئي آۀ-پٽي.

بودلو من هو اڳئي، موسم ڪيو سو بانِرو،
حاج ٻي ناهي هنئين ڪي، تانگهہ مان توڏي تٽي.





يار جي سامهون سپئي، منظر ٻٽي پيا مُڏُ-وَتا،
ڪيپ چاڙهيو ڪيپ چاڙهن، نيڻ جيڏنهن ٿو ڪٽي.

سُرت ۾ سولو ڪڏهن موٽي نہ ڪو سگهندو، توهان،
آهي گهوماٽي وڏو جو، گهاوَ ڪنهن گهري گهٽي.

پيڙ ڪان پو تيل نڪري، مينهن آڙنگ جي پٽيان،
پِيسجِي ۾ ماٺُ پاتو، ڏس تہ ڪيڏو آ ڪٽي.

بانسريون پونئرن سنديون ۾ ناچ پوپٽ جا هَڙئي،
ڦول ۾ ڦولار ڪا چهہ چا تہ ڪئي آهي چٽي.

ماءُ هڪ جو وِياءُ سارو، هر ڪهين پنهنجا لڇڻ،
مارئيءَ جهڙي ستي ڪا، ماءُ قسمت سان ڇٽي.

رات تارا سپ سنپاري خُنڪ سان ٿاري چڏي،
واءَ جو جهوٽو توهان جو جسم ڇُهَندي پيو وٽي.

◈

ٻڌي پيرا ويا آخر، ڳليون ۾ نيٽ متجي وِيُون،
نہ هو، جيئڻو بنا هڪ ٻئي، تڏهن پي ڏس اچا پيا جِيُون.

ٽڙيا هئا گل گلابن ۾ متل ها پوپٽن ميڙا،
ڇٽيا جئن پن، خبر پئي ڪا نہ، ايڏو جلد دوريون ٿِيُون.

پِها، ڪي پيار جا رڪندي، رڪيون هُئم مس وچي سالم،
جدائيءَ جي جبل آسون نِگهو ساري سموريون نِيُون.

حقيقت هيءَ رهي ناهي تہ آهيون پاڻ پنهنجا ٻئي،
گذاريل گڏ گهڙين، يادون وچي پالڻ رُڳو ئي پِيُون.

چوڻ ڪارڻ اسان ڪا ڳالهہ، پنتي ئي چڏي ڪانهي،
چوڻ سُونهڻ نہ جي منهن تي، اسان سي پي اڳيان تو ڇِيُون.

ڦتيل پنهنجن هٿان ڏِئي ڇئہ مُهَڙِ پو ڪيئن ڏارين ڏي،
اسان سان ڪنهن ڪئي گهٽ آ، ميارون ڏِيُون تہ ڪنهن کي ڏيون.

اسان اغيار جي آڏو توهان بابت چيو واضح،
پلاين جي ٻہ پيٽي نہ آ، ڳٽيون هڪڙيون، ٻيون يا ٽيون.

وسارڻ جي ٻہ وٿ ناهين، جلائُئي، پوءِ ٻہ جاني آن،
اسان ٿا پاڻ ۾ ويهي، توهان جون روز ڳالهيون ڪِيُون.

اسان واپس ورائي چا، وٺون تو ڪان ڏنل تحفا،
اسان جا لڙڪ، سڏڪا ها، نہ ڪي ها ويڙهہ ۾ واليون.

◈






لهي ايري توهان تي ٿي، مٿان جوين نکار آهي،
گلن ۾ ساهہ پوندو ئي جڏهن هوندو بهار آهي.

چڙهي جئن ويرساموندي ڏسي چوڏهينءَ سندي چنڊ کي،
تئين منهنجو جيا پو آ، توهان سان چو تہ پيار آهي!

ڪنين جا درد پي دارون، تہ ڪن جا سور سک ڪان وڌ،
ملي جي ٿياس مقصد لئہ، گلن جو سو ٻہ هارُ آهي .

جهين لئہ جهد ۾ گذري، سموري عمر آ پنهنجي،
اسان جي موهہ جي منزل، پرينءَ جو ئي تہ پار آهي.

وچن ٿا نينگ ٽپ ڏيندا، الڙهہ جوانيءَ مَڱِيءَ واري،
نچي هي نينگرا نڪتا، پچي ويو جو ليار آهي.

فقط تون مان مليا ناهيون، وچان هن ولر ساري جي،
پلي جهمريون هٽن، آيو جنين جو جيءَ جيار آهي.

توهان جي ڪين پهچڻ تي، ڏَئِي مند کي ويو معنيٰ،
اسان جي تانگهہ جو تُرَهو، توهان ڏي ٿيو تيار آهي.

جسم اچٽي ۽ وچٽي وٿ، انهي جي وس پجڻ ناهي،
فقط ٿو خيال پهچي اُت، جتي دل جو ديار آهي.

چندرما کي ڪري پيالو اڳِينءَ جو رات پيتوسين،
اسان کي هاڻ پي ان رات جو ساڳيو خمار آهي.

◈

اسان ڏي هلي تون اچين اوءِ جي،
تہ چو روز جاڳي پيو روئجي.

ٻِڌي سونهن ان جي ٿي نڪري تڏهن،
مٽيو هار ۾ ٿو جڏهن پوئجي.

جي چاهين تہ پنهنجي وَلر سان اُڏي،
تہ پوءِ ڇو پکيءَ جي کنڀن کوئجي.

گهرين خير پنهنجي جي ريشم سندو،
ڪٿي ڪين ٻئي ڪنهن سندي لوئجي.

غلاميءَ ۾ جيئي اِئين آدمي،
ڪلهن لاش پنهنجو جِئين ڍوئجي.

حياتيءَ نہ آئين تہ ڇا ايڇپو،
اڃي تون پڳين مون مٿان پوءِ جي.

ڏني ۽ وتي داغ پيا ڏوپجن،
دلين داغ مورئون نہ ٿو ڌوئجي.

اسان کي توهان آ ڪيو ايئن صفا،
ڇڙي جيئن ٿو سارين ڪٽو سوئجي.

◈






سپون ۽ ڪوڏ پيرن ۾ سمندر جو ڪنارو آ،
مٿان جهڙ جا ڪڪر جهومن عجب جهڙو نظارو آ.

هٽن جهمريون پيون لهرون بحر آچي ٿو خوشبو پيو،
صبح ساجهر پتڻ هن تان مٿيو شايد هو پيارو آ.

انهن ڪوٽن ۽ ڪنگرن تي هزارين توبچين پَهَرا،
پڇي ويو سونهن جي نگريءَ، ذهن پيي جڻ طيارو آ.

سنپارن آهہ ساڙيو ائين، اڪن پن جئين سڙن پاري،
سڄڻ جي سار جئن سرتيون، ٽٽي پيو هيل سيارو آ.

جهتي ٿو باز ڪئن جهرڪي، جهتڻ ان کي سيئي چاٽن،
ڪنيو جئن نينهن ناپن سان، ڪَنيِڻُ ان جو نيارو آ.

تڏهن جهاتيون آهي وجهندو اسان جي ڏِيلَ مان منڙو،
اچي ويندو اڱڻ تي جي ڪڏهن ڪو جيءَ جيارو آ.

پشم ڪان وڏ اهي ڪُنئرا نرم نازڪ نپل جيڪي،
پِٿوُن ٿي پير سي پوندا، پَهَڻُ جت چوٿيارو آ.

پيا ٿا ياد ڪن اُن کي، وطن سان ڪيل وفا خاطر،
نہ ڪو ڪنهن جو ڏنل وائنل نہ ڪوئي ناميارو آ.

◈

وجهي ٻانهن ۾ ڪولابا، اجهي ها جهومندا آيا،
جنين رشتا ڇڏيا ناتا، اجهي ها جهومندا آيا.

وَڻَ ويڙهِي وَئِي ويڙهي سڄو هي جسم سورن جي،
اسان جي دل سندا اُڌما، اجهي ها جهومندا آيا.

تڪيو آ خاڪ جن جو ءِ، آجهو اوچڻ انبر سمجهن،
نہ جي ڪٿ ءِ گهرن هنڌ ٿا، اِجهي ها جهومندا آيا.

ڪيو آجيان سڀئي گڏجي، انهن جي اڱڻ آمد تي،
مٿائي جن ڇڏيا ويڇا، اِجهي ها جهومندا آيا.

اڏيءَ ڪئي آچ ڪهڙا ٿا، مرڻ مارگ مٿي چاهن،
پُڳا هڪڙا تہ پويان پيا، اِجهي ها جهومندا آيا.





ڪئي ڪلھ پاڻ ۾ پتنگن، هئي چُڻُ پُڻُ پچڻ خاطر،
جئين ڏياريءَ ڏيئا ٻريا، اجهي ها جهومندا آيا.

سُنَتَ سهٽيءَ سندي پارڻ، نسنگ نروار ٿي بيٺا،
نہ ڪا سيڙهہ نہ ساندارا، اجهي ها جهومندا آيا.

ملنگ اظهار محبت جو، نچي نِرتَئون ڪندا آهن،
لڳا جيئن پير تي ڏَئونڪا، اجهي ها جهومندا آيا.

ڪُلي جيئن ڳالھ محفل ۾،توهان جي ئي اچڻ جي هئي،
اکين مان اڻ چيا ڳوڙها، اجهي ها جهومندا آيا.

جڏهن ميدان ۾ مردن، ڪئي هوڪار ايندو ڪو،
ڪُڏائي چاھ مان چانگا، اجهي ها جهومندا آيا.

پيا ها پَئِنڊ چانگي ڪي، ءِ راٽي ڪي وچڻ جي جهلَ،
جهلئي ها ڪين سي جهلِيا، اجهي ها جهومندا آيا.

◈

گهڙي تي چِٽ ڪنپر ڪيا نہ اُلڪو هوس آويءَ جو،
جَنڊِيءَ پاڳا گهڙيا واڍِي، نہ ڪتڪو جنهن کي ٻانهينءَ جو.

وفا عيوض جفا تو وٽ، هلي قانون ڪورٽ جو،
جتي منصف آ خود ماري، ٿئي ڪيئن داد دانهينءَ جو.

پيالو خوبصورت آ، وڏائي ٿو نشو مڌ جو،
ائين ٿيندو، جهين چکيو، مزو هوندو نهائينءَ جو.

چِٽيءَ چانڊاڻ سان گڏجي وڏائي سونهن آ گلڙن،
سنڌءِ آمد وڏائيندِي، مزو منظر تِهائينءَ جو.

ڪتين کي پَئِندَ پائيندي ۽ ٿيڙن کي رهائيندي،
اڇڻ جي وقت ڪُتُڪو آهہ، رهندو رات وهائينءَ جو.

ولر چاهِيُنِ جيان اُڏري، ڪڪر ڊوڙن پيا اُڀ ۾،
ڏِئي چنڊ کي ٿو جڙ اوڍر، پلئہ چادر ڪو چاهِينءَ جو.

ٻِلن تي پُيون ڦُٽي ڳاڳيون، اڪيون هرٽيءَ ڏنيون تحفو،
چپن تي رس ۽ رنگ گڏيل، لڳي ٿو ڪپيل چاهِينءَ جو.

جڏهن کان تو چيو آدم، اصل ۾ ڳجهہ آ تنهنجو،
تڏهن کان پيو ٿٽي جهڳڙو، سنڌءِ آهينءَ ۽ ناهينءَ جو.

◈

1. چاهِينُ: نيري رنگ جو پکي جنهن کي چانهہ ڪري پوڪاريو ويندو آهي.





گلن جي نيڪي وزن ۾ ناهي اهو تہ خوشبوءِ جو ڪم آ سارو،
ائين ئي آدميءَ سندي عمل تي آهہ دارو مدارو.

ڪڪر جي رونق ٻہ پنهنجي پر ۾ ڪا گهٽ تہ ناهي، رکي ٿي معنيٰ،
مگر انهيءَ جو قدر تڏهن آ ٻُنن مٿان جيئن ڪري ڦوهارو.

وڻن کي گُڏ ۽ ڏئي هو پاڻي چڏي ٿو اوتي پساهہ ان ۾،
پگهر آ مالهيءَ سندو ۽ رت جو ڏسو تہ ميوو آ ڪيڏو پيارو.

چِتائي ڏس هي چُنِيءَ جي چِٽ ۾ آ ڪيئن ڪوريءَ ڀري سندرتا،
سوسيءَ، لونگيءَ، ڪي انهي جي سوچن ڏنو سندرتا سندو سهارو.

لڳي ويو جنهن کي آ نينهن ناتو، ٻڌائي سگهندو چا رنگ انهيءَ جو،
نہ ڪو انهيءَ کي ڪو ماس هڏ آ، نہ ڪو ئي ان جو ٿئي نظارو.

تَري جو تالاب ۾ پيو ٿو، چندرما بال آهه ڄڻ ڪو،
رَچائِيُون ان سان اسين به رانديون، ٻه ٿي گهڙيون ڪي اچو ته ٻارو!

ڪٿي وڪاڻو پڳهار تي آ، ڪٿي ته ڏاڍن سندي ڏمر ڪان،
شهيد ٿي جو وڃي وطن لئه، انهيءَ جو دل سان لڳي ٿو نعرو.

اسان جا احساس آنَ ڪٽن جيان، چنبي چڙي تو رکيا اکين تي،
اڃا نه جنڊ جي خبر هي تو کي جسم سمورو ڪيو ٿي ڏارو.

ڏٺيل آ يادن سندن گلن سان، چڪي ٿو چقمق جيان بدن ڪي،
چون ٿا جنهن کي جنت جو رستو، توهان جي گهر جو لڳي ٿو چارو.

اڃا ته واڊوڙڪي منهه تي سڏيو نه ڪوئي ٻيو ويو آ،
اڃا به تاريخ جي گسن تي فقط ڇا رهندو اسان جو وارو.

◈





چوين ٿو، اچان ٿو، اچين ڪو نه ٿو،
’نه ايندس‘، ايئن چئي ڇڏين ڇو نه ٿو.

اسان پاڻ ماري به سگهئون نه ٿا،
ڪيون ڇا ٻلا ڏين جئڻ جو نه ٿو.

جڏهن پاڻ پاڻهين ڇڏي تو ڏنو،
پڇان آءُ تو ڪان تڏهن ڀو نه ٿو.

سُڪي ٻٽ ٿيا وڻ ڇٽيو ٻور تن،
لڳي توڙي ڪوئي به جهولو نه ٿو.

انهن جي لَڏِي سار ڇو ڪنهن به ناهه،
لڀي جن کي اوچڻ ۾ اولو نه ٿو.

پنهونءَ کي سا،ماڻي نه سگهندي ڪڏهن،
پُڄي رڻ اندر جنهن ڪان رولو نه ٿو.

سڄي جڳ کي ڏيندو رهي روشني،
ڍڪي چنڊ ڪڏهين به ڇولو نه ٿو.

ڪُپت پاڻ ڪڏهين ڪئي ڪا نه جنهن،
ٿئي ان جي ليکي ۾ ڀولو نه ٿو .

جهين تي اکن ۾ چڪن ٿو ٿئي،
ڏِسي عيب تنهن جا به ڍولو نه ٿو.

◈

اُڏن ائين ابابيل آڪاس ۾،
وڃن ڇڻ تہ پکشو ٿا بنواس ۾.

اچي روز توڙي ڪچهريون ڪري،
تڏهن پي رهون ٿا سندس پياس ۾.

چنبيليءَ جي خوشبو اڳي ڪان بہ اڳري،
سمايو بدن ڇڻ سندءِ واس ۾ .

ڪندو نيت تڪيو اسان جي تڏي،
اڃا ٿا پيا جيئون انهي آس ۾.

سچي فال ٿي ڪا نہ ڇو آ سگهي،
رهي ڪا ڪسر ڇا اڃا باس ۾.





ڇُٽي جند پئي جيئن جدائيءَ منجهان،
ڪريو يار تڪيو ڪٽي سواس ۾.

چندر جي رڪارڊن سان يادن سنديون،
ڪُپي ڇڻ تہ ميخون ويون ماس ۾.

ائين ئي گذر ٿي وئي زندگي،
يڪو ئي اسان جي پرين پاس ۾.

اذيت جو عادي جڏهن ڪان بڻيو،
تڏهن ڪان ڪمي آ سندس قياس ۾.

نہ منزل ملي ٿي سگهي جي تڏهن بہ،
نہ گهٽتائي گهرجي ٿيڻ تاس ۾ .

◈

ڪڙي اُڊيڙي ڦٽن مٿان تون پلي ڪري ڏس شوق پورو،
اسان انهن ئي ڦٽن کي ارپي پنهنجو جيون ڇڏيو سمورو.

رڳو عمل ئي ڪري ٿو ڪٿ ۽ لڳائي ڪاٿو ٿو شخصيتن جو،
انهيءَ جي اڳيان اُتم نه آهي، هجي جي ڪارو ڪٽي يا ڀورو.

سڪت سموري لڳائي پنهنجي مسين پڳا هون قبول پئي شل،
وڃي رهيو آ رڳن ۾ باقي پساهُ پنهنجو به پورو سورو.

انهيءَ ڏي گهوريو سپن ستارن انبر منجهان آهه رات جاڳي،
ستل چاندنيءَ ۾ جا ولهه تي، ڇڳن ۾ ڏٿيل چندن جو چورو.

اسان جي وس هو ڦُٽائي گل ڦل سندر بنائي ڇڏيون ها ان کي،
مگر هي ڌرتي، هٿن مان نڪري، صفا ئي بنجي وئي آ ڪورو.

امن ۽ سُک جو ڪٽي فريضو، جهد ۾ ڪي ئي ڪٽيون حياتيون،
انيڪ جنهن لئه شهيد پي ٿيا تڏهن به رهجي ويو اڌورو.

ائين نه موهت اوهان تي پوپٽ اوهان جي رس لئه تڪن پيا پئونرا،
ڏِنوَ ڇا هن جا جو هٿ ڪُومل، تڏهن ولين مان ڇٽيؤ انگورو.

سڄي رتوڇاڻ ٿي آ ڌرتي اڃا اُجهي ناهه اڄ جنهن جي،
اوهان جو ڪيسين هي راڄ رهندو، سڄي ٻڌائي ڇڏيو ڪلورو.

◈





رڻ اندر رابيل ڦٽندي تو ڪڏهن آهي ڏٺو،
وِڪ ڪٽڻ ريءَ پنڌ ڪٽندو، ائن ڪڏهن آهي ٿيو.

هونئن نه مک چک ساڻ سيئي مڙس ماڻهو پيا لڳن،
پئي خبر تڏهين جڏهن ڪو واهپي ۾ آئيو.

رات چيڙي تار تارن جي نه جهوميا وڻ به ها،
راڳ سيندين ۾ سمائي واءُ ڳائيندو ويو.

چنڊ جي اوڏر بڻيو آ ميگهه جيڪو ٿا ڏسو،
’رات‘ ڏاڍا وس ڪري هي چنڊ جو چولو سِبيِو.

جيئن پريميءَ، پريميڪا کي، رڻ اندر رولي ڇڏيو،
تيئن چنبيليءَ چنگهه ڪئي، رابيل پي روئندو رهيو.

اتر جي اوتن تي نسريل پاند نچيا سرن جا،
نيڪ گذريل مند انهيءَ ۾ ساڻ مون ساجن هيو.

چاندنيءَ چوڏس اندر هو دور تائين گس چٽو،
چنڊ ڏي ٻوڙيو چڪورو، مون پئي تو لئه تڪيو.

ڪالهه تو ڪي ننڊ اندر جو چنڊ ڏي چوريءَ چُمي،
تاڙ جو تاڪُن ڪئي، ڳِرَهَڻِ انهيءَ ڪي اڄ جهليو.

چاندنيءَ ۾ وڻ پپر جي ٽارچون ڏاڍيون هنيون،
تانگهه جنهن جي هو تپايو سو نه پر پائي سگهيو.

سج لٿي سيٽيون هٽي جيئن ريل گذري هئي پريان،
وٽن مان پڙڪو ڏئي ۽ ولر پکين جو اُڏيو.

◈





ڏونگرن جا ڏاڍ ڪيسين هي ڏکيون سهنديون پيون،
پوءِ به گهرِجائون فقط هون، وندر واڪينديون ويون.

سوڪ سنڌوءَ جي بنائيندي هئي منظر عجيب،
ٻيٽ تي جهومن چَها، ڪپ تي لهن لائون ليون.

ناوَ پنتان ناوَ خيالن جي اچي سوچون ڪنيون،
ذهن جي ساحل مٿان لنگر پيون ڪن نت نيون.

اڏ ڪُتل ڪو جيءُ جئين جيئي نه ڪو ئي ٿو مري،
اڄ جو ماڻهو ايئن ٿو پوڳي، پوڳنائون اڻ ميون.

اڄ به منهنجي جيئڻ جو ڪارڻ وجي آهن ٻچيون،
جي تڪيون توڙي مٿيون تو منهن مقابل ٿِي چيون.

چنگ چڙن چونگار پنهنجي ڏار سان پئي گونججي،
مال موٽي ويو چڏي آ گس مٿان رائو، ريون.

ويل هر ڪنهن چوچڙيون يادن سنديون ساڙين ٿيون،
چو ڪمهلو ائين هليو وئين ڏيل تي هي ڏنپ ڏيون.

چا تہ ميخون محبتن جون مرڪندي پنهنجي هٿان،
ڪين نڪرن ٿيون ڪهين ڪان جي هنئين ۾ تو هنيون.

چو تہ مهٽن جو ملڻ، دستور آهي پيار ۾،
تنهنڪري طعنن سنديون ڪلندي وتان ڪاريون ڪنيون.

منهن منجهان ويئي اڏامي مرڪ، ڳل پيلا ڪري،
چيڙهہ ۾ ٿيون چِڪَ چَڳُون ۽ رت وَيُون چوسي جيون.

ديس جي آ عشق جو جن تئہُ چکيو هڪڙو دفعو،
چا ڪندي ٻي باهہ تن کي تاب تنهنجي جي ٿيون.

◈





ايترا هي روشنيءَ ۾ رنگ لڪي ڪاڏي ويا،
هيڏڙي شيشي وري ڪيئن ڏار سي ان مان ڪيا.

ماڪ جا ڪترا گڏي مون مٽ پري هئي مَس اجا،
ڪو نہ پنتي ڪو بچيو، ها مٽ منجهان سپئي وهيا.

پيار جا پل قسمتن سان، ڪنهن جي آسڻ تي اچن،
ڪين ڪنهن جا اڳ ڏنل ها رات جي مون وٽ رهيا.

ناٿ سان جن نينهن لاتو دوارڪا کي دل ڏني،
ويا وري هنگلاج ڪان، ڪابول ڏي ڪن_ڪٿ ڪهيا.

سچ چوڻ ڪان جو نہ مڙيا، ڪوڙ تي ڪٽڪيا تڏهن،
نامَ ڦاسيءَ جي مٿان، هر دور ۾ آهن ٺهيا.

لفظ لڙڪن کي بنائي، ساهہ سان سٽ سرججي،
منهنجي اُڏمن جي عڪاسي، شعر ڪن جي مون چيا.

تون پلي پنجوڙ پائي، وَس ڪري اوندهہ رهاءِ،
پر نہ اوندهہ ساڻ ٺهندا، هي ڪڏهن ٻرندڙ ڏيا.

صبح جو سورج مکي، سج کي سلامي ٿا ڏين،
شام جو گڏجي ٿا پائن، سج لهندڙ ڏي ليا.

◈

جِئين ڪاٺ چيري ۾ ڏاري ڇڏيُئي،
ائين يار مون کي بہ ماري ڇڏيئي .

ڪري ڪار پاڻي جِئين لوڻ سان،
تِئين ماس سارو ئي ڳاري ڇڏيئي.

پَٽي جيئن ميٽي ۾ ميسارجي،
ذهنَ مان اِئين نانءُ واري ڇڏيئي.

ڪٺان جو رهيو ناهہ جيون هي هاڻي،
ائين زندگي جڻ تہ ڪاري ڇڏيئي.

نگاهون ملائي ۾ ڪيڪار سان،
ڏئي ٺول ٻارن جان ٺاري ڇَڏِيُئيِ.

وڳا ويس پائي پٻن تي هلي،
ڪري ٻتُ اسان کي بيهاري ڇڏيئي.

ڏنو جڻ تہ موکيءَ مٿن مان پري،
نگاهن منجهان پيگ پياري ڇڏيئي .

مٻگي ڏئي جوانيءَ سندو مڏ ويو،
ڪٽي نيڻ جئن ئي نهاري ڇڏيئي.

اسان کي ڇڏئي سال ٿيا، پوءِ ڇو؟
اٿي جئن ويس، پيگ هاري ڇڏيئي.

◈






رهي راند ڪيئن جنهن کي پنهنجي اِٿي نہ آ،
جهين راند جي سِٽَ اچا پيي سِٽيِ نہ آ.

رَڱِي هونئن تہ ڪيئي، رڱي ڪو تہ هيئن پيي،
رَڱِي جيڪا هالار، ڦاٽيِ، ڦِٽيِ نہ آ.

جهين ۾ اسان جو حوالو ڪو ناهي،
اها هن جي گهر جي يقيناً گهٽي نہ آ.

وٽيو جنهن ذهن کي ڪنپر جو هئو ڪم،
لَڳِي چو انهي جي هٿن تي مٽي نہ آ.

اها شعر جي سٽ صفحي تي لکيل آ،
هڏن ماس جي ڪائي ڪوري ڳِٽيِ نہ آ.

ڪنيون روشنيون سَوَ پلي ڪا اڇي پئي،
سچائي ڪان وڌ ڪا ٻه ٻي شئي ڇِتي نه آ.

سين لاءِ قانون ساڳيو ٿو سونهين،
هَلي رَوَشَ ڪنهن سان ٻه سگهندي ٻِتي نه آ.

انهي ساڻ نظرياتي ناتو رڳو آ،
انهيءَ ڪان سوا ٻي ڪا مائِتي مِتي نه آ.

فقط نقش مورت آ هڪ ئي ذهن تي،
ڪيم وس پر ٻي اڇا ڪا ڇِتي نه آ.

اسان جو نه مذهب محبت سواءِ ٻيو،
ڪئي زندگيءَ پر ڪنهين سان ڪِتي نه آ.





ڏسو مرڪ ڇڻ پئي آ ٿانگر ٿڙي،
ٿئي گل جئين ڪا ئي مڪڙي ڪڙي.

پري ڪان جو چادر ٿي اوڙهيو اڇي،
لڳي چنبڙ هٽي آ ڇڏي ڇڻ پِڙي.

سچو جسم جرڪيس ابرڪ جيان،
لڪائي نه پاٽي ٿي پِئندي نڙِي.

اسان جو انهي سان رويو ائين،
هٽي دم نه شهباز سان جئن چڙِي.

اهو معجزو آ مِهر جو سچو،
جو ڪِڙندڙُ ٻه ڦر تي پوي ٿي مِڙِي.

تڏهن سي ٿيون گهوري ۾ مون ڏي تَڪِن،
جڏهن ڳالهه تنهنجي پوي ٿي ڇِڙِي.

وسامي ويس جو اچانڪ ڏنم،
گهڙي ساڻ پنهنجي ئي گهر ۾ گهڙِي.

وري هيل ساوَڻُ وڏي وَسَ ڪندو،
ڇَپَرَ کي چَمَرَ ڪان سَبَرَ ڏي ڪِڙِي.

چون ٿا اُهو پيار ٽُٽَندو نه پوءِ،
جڏهن ڪنهن سان ٿهبو وري آ وِڙهِي.

اسان ڏي اچين ڇو نہ ٿو تون اڙي!
وئين جيءَ ۾ جادو پلا ڇو جڙي.

هوا تي سڄي راتِ لڏندو رهيو،
ڦٽائي ڇڏي ننڊ ڪِڙڪِي ڪڙي.

پڇين پيرويءَ کان ٿو ڇا لئہ پلا؟
ڇيو ڇنگ کي ڇَهَڙ ڏيئي ڇَڙي.

نہ ڏُيَندي آ جيڪا بہ ڦر کانِ سواءِ،
انهيءَ کي وڃي پوءِ ڪبو آ ڪَڙي.

ٻين پي ها پاتا، مگر پائي هُنَ،
ڏني سونهن ڇا پولڪي ۾ پڙي.





پکي گھور ان جي مٿان پيا ٿين،
چنڊي هوءَ ساريون پئي جيئن چَڙي.

گڏا گاهہ جا مال لئہ سِرَ تي ڍوئي،
پئي نَنهَن کان چوٽيءَ پگھر ۾ ٻُڙي.

سڄو ڏينهن ائين تنڌهيءَ سان ڏسي،
ٽڪي پوک تان، جھار جيئن ڪو تڙي.

پُڇن هَرڻَ هِرِ کي تہ ڳِهٽي جيان اک،
خبر ناهہ کھڙي آ گھاڙوءَ گھڙي.

ائين جيءُ ساڙي پئي جهوري جِئن،
ڊُڪيِ يار ڪاٿي ڪا آلي سَڙي.

پَٽي واءُ ڇو وار سُڏڪا ڀري،
اُڀاڪُون ڪري سانت ڇو پئي رڙي.

ڏهاڳڻ وِڏو وهم جو ڪنهن انهي کي،
نہ ڪوئي گهرائي، نہ ڪو ٿي لڙي.

◈

سمنڊ-وير چاهي ڏٺو چاندنيءَ ۾،
ضروري نہ آ ڪو سبب دل لڳيءَ ۾.

چون ٿا تہ دانگيءَ مٿان رت وري ٿو،
سچائي پلا ڪا رهي آ انهي ۾!؟

ڳنڍي ڪوڙ پيرا لَٿي ڪي آ سگهبو،
ڳنڍڻ جو ذريعو نہ پر دل پڳيءَ ۾.

رڱيا لعل موتي ها رنگين ڳوٺن،
لُڏِي ٿور تي ٿَئُونرُ سونهين سڀڳيءَ ۾.

چَڏِينِ ننگ آرڻ جي ڪارڻ، ورن شل،
پنيرڪي مهل جي هليا ويا پِنيءَ ۾.





اهو هڪ ئي منظر آ حاصل عمر جو،
نهاري، نظر تِرِڇي موڙيئين مڳيءَ ۾.

امن لاءِ ايڪو ڪپي ٿو دنيا ڪي،
ڳنڍڻ ۾ جڙي ڳالهہ، چا هي چِنِيءَ ۾.

ائين قوم جي فرد ڪي گهرجي پانڻ،
جئين ننگ جي ساجَهہَ آ هوندي نَنگِيءَ ۾.

بهادر ۾ آزاد جيئن روح جو گهر،
غلامي ڪندي گهر تئين آ ڊنيءَ ۾.

هي فنڪار جي ڦوڪ جو ئي اثر آ،
ٻَٽِي درد جو بين پيو آ، وَڳِيءَ ۾.

◈

مور موتڻ جي ڪري هوءَ ڇيڳري ڇوري نہ ٿي،
سينڌ جو جنهن سُنهنُ ڏنو بلڪل مُڙي پوري نہ ٿي.

مون ڪُتايا سپ سڪا ۽ ماڻ جي ماپڻ سندا،
پريت، محبت سچ پڇو، مون ڪان ٿِئي توري نہ ٿي.

موتئي مهڪار ۾، ٿي رات ڪلهہ مون کان پڇيو،
پير ۾ گجدي وجهي گهر ڏي اچي گوري نہ ٿي.

آ ڪَتي آٿت ڏئي وئي، وس ٿيڙن ڪيا وڏا،
چين پائڻ مورڳو ڏِئي لونءَ سندي لورِي نہ ٿي.

جنهن جي پائڻ لئہ پَريون، جِن مَلڪ پيي ڪوشان ٿيا،
سنگ اهڙي لاءِ تو ڪان جان پيي گهوري نہ ٿي.





نينهن وارو نَپُ انوڪو ٿو رهي جڪندو سدا،
مون تہ ڪوشش ڪئي، وچي پر جان مان جهوري نہ ٿي.

هڪ طرف چوگان چارِي، ٻئي طرف هو ٿا سڏن،
من متو مانداڻ، نِٻِري ڳالهہ هيءَ ڳوري نہ ٿي.

مون ڪُنڊي ڪلين آنَدر آهي ڪُپائي خُوش ٿي،
ڪيئن ساهي چئہ ڪٽان، ساهي ڏئيءَ ڏوري نہ ٿي.

واءُ پيو هَرِ سُو گهلي، جهونڪو ڪنيون ويندئي ڪنيِي،
ٿي پٿر جيان پاڻ پيڙو، ڪپهہ جي ڦوري نہ ٿي.

ڪو تہ گفتو ريءَ ملهو آ، ڪو ڪٿڻ ڪان پيي وڏو،
ڪو وچن جو رک وزن، هلڪي رڳو هوري نہ ٿي.

◈

ڪري ڇهل قدمي اندر ڇِت ڇُري ٿي،
تہ ٿي ذهن ۾ حَل، هِينئن ۾ هُري ٿي.

ڪري گيت جي گونج انِ ۾ سندس ئي،
تہ ٻولن جي آڳنڌ تي، آهٽ ٻُري ٿي.

ڇَهي جيئن نرم آ، سڌي هڏ ۾ ڪاٺ،
لڳي ٿو گلن پاوَ ۾ جڻ ٿُري ٿي.

چنبيلي جي خوشبوءِ صبح هير ۾ جيئن،
تئين ساهہ ۾ هوءَ صَرِيحَاً سُري ٿي.

اهو فن اٿس جو سندس سارا جذبا،
ڀري پور هڪ ۾ ڇڏي جڻ ڇُري ٿي.





جڏهن بوند برسي ٿي ۽ بس ڪري ٿي،
تہ پوءِ پور هر هڪ ۾ هوءَ ئي پُري ٿي.

تڏهن ڊيل ڪي ناچ جي آس جاڳي،
جڏهن پيگ پي ٿُن ٿي ٿِلَندي ٿُري ٿي.

فقط ڏيڻ جاڻي ٿي، ننگري سنڌوءَ جي،
نہ توکان گهري ڪجهہ، نہ مون کان گهري ٿي.

امن جي پکيءَ کي هو ڳولي ٿو ماري،
انهيءَ تي ڪڏهن دل بہ ڪنهن جي ڪُري ٿي.

تڏهن آنءُ بي گهر ٿو بنجي پوان جو،
جهڳِي جهڻ ٿيل ڪا ڪٺي جي جهري ٿي.

چون ڪوڙ کي سچ، ڏتل وائتل جو،
اها ڳالهہ پو جڻ اسان کي ڦُري ٿي.

◈

تو تہ چيو هو، هُوءَ بہ ايندي چو نہ اچا پو آئي آهي،
‘سوچن ۾ موجود،’ نہ هوندي، سئو فيصد ڪا جائي آهي.

حالت هر هڪ ماڻهوءَ سان آ، هن سماج ڪئي جو ٿي پيو،
ڏِٿِ، پرولي جيون ان جو، تئونر سندي ڄڻ تائي آهي.

جهد پٽي ۾ ماڻهوءَ جنهن لئہ آهہ سڪون وڃايو تنهن،
سانپر مون ڪي آ تہ حياتيءَ ڪنهن سان ڪا نہ نڀائي آهي.

پيو تہ وڪامي پيو ٿو سڀ ڪجهہ محبت ويڪو مال نہ سمجهو،
آ ٻي لوٺ اهو لاڳاپو پريت نہ پئسو پائي آهي.

نڌڻڪي دُنيا بيوَس ماڻهو، قدرن جي پئمال ٿيڻ تي،
اوچيئڙي جيان مايوسي ٿي هر ڪنهن من تي ڇائي آهي.





اوڏر جي نہ ماءُ مُئي پر واپس ڪيئن بہ ڪرڻي پوندي،
ٿورو لاهڻ گهرجي جيڪا ڏرتيءَ جي ٿج ڏائي آهي.

ڪا نہ مڃي احسان ڪهين جو ڪم پوڻ تي ڪاڻياري آ،
اهڙو رويو ان ڪان پڇندو ڇو تہ اها پوڄائي آهي.

گم ٿي ڪا ڏي گڻ ويا جو، سئو ڪوهي ڄڻ سُڄ لڳي ٿي،
مارئيءَ، مومل، سهڻيءَ جهڙي، ڪا نہ وري ڪا ڄائي آهي.

آهہ حياتي هڪڙو پيرو، جيڪي ڪرڻو آهہ انهي ۾،
بي حس ان ڪان وڌ ٻي ڪهڙي گهورنہ ڪنهن جا گهائي آهي،

قومي سوچ ۾ جيئڻ جو حق، پنهنجو آ منشور اهو ئي.
سچ فقط هي هڪ ٿو سمجهان باقي ڏوڙ ۾ ڇائي آهي.

◈

سانوڻين ۾ ناءُ سنڌوءَ تي، پور مٿان پيو پور هيو،
تون وقت وڃائي آيو آن، ڪلهہ ساري ٻيلي ٻُور هيو.

جاڙ جو ميڙو ماري موٽيو، ڦادو مڙس ڪو انٿ هئو ڪو،
جهڙي چوڏس ساک هي سنڌ جي، تهڙُو ان جو تُورُ هُيو.

سُن ٿي سوچڻ ٻيٺو گذريل جڻ تہ وهيءَ جا ڏينهن هيو،
پُورُ ٻياني ساڻ ڪُلهي تي، پيو ڪو اُنَ کي پُورُ هيو.

ڏپ ڪري ۽ ڪٿ تي مرندي، ماڻهو هن کي ڪو نہ وڻيا،
پُرزا ٿي پيو ڪالهہ پٽيءَ تي مڙڻ نہ جنهن ۾ مُور هيو.

ويسهہ گهاتي، پيار ۾ ڏوڪو، هن هو سوچيو ڪين ڪڏهن پي،
ٻُل ٿي رقيس، چپ ٿي ڦڙڪيس، چت اندر هُو چُورُ هُيو.





جڻ تہ اڏيهي جسم سڄي کي پورو پئي کيو کاٺ جيان،
آراٽي جيان اندران اندران سُرندو آيو سور هيو.

نيڻ ڏَرا ڏئي حال ٿا اورن، مکَ جا گهنج سَلِن ٿا سپ ڪجهہ،
جڻ تہ جُڳن جي لڳي نشاني، هي جو پوڙهو جهورُ هُيو.

نيڻ اولاري هوءَ نهاري، دڳ مَٿائي وئي ائين هئي،
چال ڏئي جڻ ڪالهہ ڪَکي ويو، نانگ جئين سَنگِچُورُ هيو.

وڻن ٽٽن هي تال ملائي، واءَ ٻہ چوري سازَ چڏيا،
ڪوئل جي هن ڪوڪ ۾ ٻڳايل، پيرو سُر ٻَرِپُورُ هُيو.

مصور خيالن ۾ هو گم سم،ڪاري بادل جي هو هيٺان،
نيري ويس سان نار سرنهن ۾، ڄاڻيپي منجهہ تَلوُرُ هُيو.

◈

اڇڻ جا جيئن ئي هليا هواڻا اکين ۾ تيئن ئي خمار ايندو،
بسنت رُت جو آ اُهڃاڻ جِيئَن ئي گلن ڦلن تي نِکار ايندو.

جيئن ڪنڌيءَ تي اچي ۽ ڪانگل خبر ڏئي ۽ مٿائي گهرندو،
سواءِ موسم هلي اڱڻ تي تيئن ئي پاڻهين بهار ايندو.

جڏهن بہ سوچيو سين پنهنجو نندپڻ، ڪلڻ ڪڏڻ ۽ وِنُدرَ وِرُونهُون،
تڏهن تہ تصور منجهہ ضروري، پڪل اسان کي لِيارُ ايندو.

ڪڏهن بہ معصوم مرڪي ڏسندو، مٿول مکڙو ڪٽي کهين ڏي،
پلي هجي ڪُندُ ذهن ڪيڏو، تڏهن بہ ان کي پيار ايندو.

وهيءَ رسڻ تي مٺئين سان چاهت اُڪنڊ جيئن ڪا اُڪير ٿيندئي،
سروبدر تيئن، دِليون مَٺِيُنِ سان، مِٺڙُ سَٿِڙَ ڪو مِٺيارُ ايندو.





اسان جا اوسيئڙا اداسيون، ڪنيون ٿا نيڻَن جا ڏِيپَ ٻارن،
اُماس راتيون تڏهن چون ٿيون، تہ نيٺ جيءَ جو جِيارُ ايندو.

اسان جو منڙو چڪور تنهنجي چنڊ چهري ڏِئي چڙهايون،
وڏي رُڪاوٽ وِڏي جي وينِدِي، تڏهن بہ تو ڏي تيار ايندو.

وڻن ۾ ماڻهن، گلن ڦلن جون گونگيون اُٻاڪون گُهرَنِ ٿيون آگم،
ٻُڏي ڍنڍين ۾ ٻرن پٽن جا، اواڪ واڪا وَلهارُ ايندو.

اُڪنڊ اڏوري ڪري جو پڇندو، انهيءَ ڪان ڪوهين پري وسي ٿو،
اُڪنڊ اٿرائتي ڪبي جيئن ٻِري تِئين ئِي ٻتار ايندو.

قدر ۽ قيمت عمل ڪٿيندو، توهان کي پٽِ تي آ، واس ڇڏڻو،
خبر انهيءَ جي اڇڻ جي خوشبو، بنا آ، هو ڪي عطار ايندو.

◈

ڦري دنيا وئي آ پر نہ آيو ڦير جانِيءَ ۾،
ڀلن پيون پيار جون ڳالهيون، ڳچيءَ جي اونئن ئي ڳانيءَ ۾.

اِئين خيالن ذخيرو پيو رهي ٿو ذهن پنهنجي ۾،
ڀلا بي انت ڀلجن پيا، ڀلي جي جيئن آنِيءَ ۾.

اسان جِيوَن ڇڏيو ارپي مگر پوءِ پي الا جي چو،
اسان سان ٿي ۽ گذري آ، توهان جي نگهبانيءَ ۾ .

ٻُنيي جي ٻاهران هي پير تنهنجا موٽندڙ ڏسندي،
اچي هِيءَ دل وَئِي آ حادثي ڪنهن ناگهانيءَ ۾.

ويو ٿي سنڌِ عملن ڪان، رهيو جذبو نہ آ جنهن ۾،
پيو سو آجپو ڳولي ڪرامت ۾ ۽ ڪانِيءَ ۾.






بقا مشروط آ تو سان اسان جي ايئن بلڪل جئن،
جيا پي جو سڄو هي رازُ سمايل آهہ مانِيءَ ۾.

صفا آ تانگهہ ۾ تايل ۽ بيوس ياد تنهنجيءَ ۾،
ائين هِي خيال آ ٿنگيل، ڍينگر جيئن ڪو ٻِيانِيءَ ۾.

پَهِيءَ هي پارَ تنهنجي ڪان ڏني جا ڪالهہ آ مون ڪي،
سمورو پيار پنهنجو ڇڻ، سَمايل اُنَ نِشانِيءَ ۾.

ٺهيو هي عشق جو اوڇڻ، وڏي ڪنهن جهد سان پوءِ ئي،
جڏهن پيتو ڪري دل ڪي اُ ٽيوسين خيال تانِيءَ ۾.

ننگو چوڏس ڏسي چنڊ ڪي، چڪوري سوچيو شايد،
عرياني حسن ۾ آ يا، حسن آهي عُرِيانِيءَ ۾.

◈

رنگ شفق سان پيتڻ جهڙو، چپن مٿان جو پان هيو،
ڇڻ تہ ڇڳو هو گل مهر جو، ٻاڱين جو گُلِدانُ هيو.

ابرڪ جي ڪڻ جسم سڄي تي چنڊ ويو هو ڇٽڪاري،
يا ڪو ڪليل چانڊوڪيءَ ۾ هرڪ جو ڪورو ٿانُ هيو.

چريا بہ جن سان سڏجن سياڻا،اُن جي اهميت اِن مان پڌري،
چو تہ گنديءَ ۾ آنَ سان گڏ، هيِ، رکيل ڇڻ ايمانُ هيو.

هونئن تہ ڇيھ پلئون پَل ڪونهي،ڪو بہ اُتم نہ آ ڪنهن ڪان پر،
احسن ٿيو هر چيز ڪان وڌ پوءِ، اُنس سان گڏ پوءِ آن هيو.

آرس پڇندي، اڌ ننڍاڪو، منهنڙو مهتي مُرڪِيو جو،
چَنڊَ بِنا هي، چوڏهينءَ وانگي، چَمِڪيِ پيو چوگان هيو.






لڳن ستارا، ان ڪي چمڪي، دانگيءَ۔ ڪل جُون ڇٽِڳُون ٿا،
ءِ هن پيٽ ٻُڪئي ستل لئہ، چنڊ بہ ڇڻ ڪو نانُ هيو.

اُپ جي پير مٿان ڇڻ ڏونڪو گجڻ سندو آواز لڳي ٿو،
انبر۔ بر ۾ ويس پپوتيءَ، بادل پي ڇڻ پانُ هيو.

ڪوبہ سِڪو ٿو، ڪو نہ قبولي، اکين۔ڪشتي جو بہ عجب آ،
جنهن لئہ ڪو نہ قبولڻ جهڙو، ديد بنا ٻيو دان هيو.

متيون منجهائي نينهن ڇڏي ٿو، ماڻهو ٻيوس بنجي پئي،
وِيرُ هُيو جو هُونءَ عَقُلَ جو، نينهن ڪيو نادانُ هيو.

پنهنجي رُوءِ سُوءِ ڪا نہ سُڪت آ،چرڻ پرڻ جي جنهن ۾ باقي،
ڪيڏو ٻيوس هاءَ بَنِيَلُ، هن پونءِ مٿان پَڳِوانُ هيو.

◈

رهياسين پل دنيا ۾ جي، آجايا يا سَجايا ٿيا،
ويا ڪي ڪارگر ڪم ۾، الائي سڀ آجايا وِيا.

وري ڪٽڪن ڪيا آيُون، وري پيا ڏينهن موٽڻ جا،
اُهي پاڙج،وچڻ جي ويل، جيڪي تو وَڇَنَ ها ڪِيا.

نباهيو نينهن ساوڻ آ وڏي ڪا وَس ڪري پِٽَ تي،
ڪُنپِيُن جا ڏيک ڏوران ڇڻ، لٿا هي ڍنڍ تي ٻَگهلا.

ڪَتي ايِئَن انتظارن جي، آذِيتَ جاڳندي نيٽن،
سِناٽو رات پوئين ڇڻ ٻريا مندر اندر ڏيئا.

ستارا نيڻ پٽيو، رات ڳولي پونءِ تي جنهن ڪي،
اڇڻ سان تنهن ئي اوشا جي، شرم ڪان ٻوٽجي ها ويا.





رُلائي رڻ اندر جواني هليو وئين اڻ ڏٺن ڏيهن،
رلن ڇورا ڇِنا سُڏِڪا، ڇُلن پِنبِٽيُنِ منجهان ڳوڙها.

پڇي دل ٿي، ائين ڪيسين، ڏُنگا هن ڏيهہ جا سهبا؟
عمر جا پل پکين وانگي، لڳي تاڙي ڏين پڙڪا.

اسان ڏي ڪالهہ پٿ تان ڪنهن پَهِيءَ آندا سنيها هي،
مُڪِيُون نينڊون ڪيئي ڳانن، ڪَٿي جا رنگ سڏن ٿا پيا.

علڻ آلاپ آسا جا،ڪچيا ڪينر منجهان جيئن ئي،
چمي نيلون پٽائي جون، وِيا ويٽل وڃائي ها.

تڪي راهون تماچيءَ جون، لَڙِي نيٽن منجهان جي پيا،
ٻٽي سي لڙڪ نوريءَ جا، ڪنول ڪينجهر مٿان جهوميا.

◈

دير ٿي تہ ٻہ چا ھہ پو جي گس ھٿن مان ناھہ ويو،
ان تڪڙ کي ڇا ڪبو، جنھن دورِ مَنزل کان ڪيو.

ٻول ھڪ تي گھول سِر ڪي، پاڻ ڇاتو آ ڪرڻ،
مون نہ سو اڄ ڀي وساريو،ڪن اندر جو تو ڇيو.

ٿيٽ اڪ سان ھو نھاري، موڪلائڻ تو سندو،
پاڻ کي سو، ڇيت وانگي، من اندر ھُرَندو رھيو.

تيز آيو واءُ گھر ۾ ياد جون پرچيون ڪنيو،
موٽندي ٻَٽي زور سان ويو تاڪ در جا ھو ڏَيو.

پاري ڪي آرام نہ آ جيئن پاڻ ۾ ڦٽڪي پيَو،
تيئن آپي ۾ نہ من آ تاب تنھنجي جو تَيو.

چنڊ اُٽيھينءَ اندر جيئن، تيئن اڪيون ڳولي ٿڪيون،
تون ھليو ويندين ائين، ھِينئڙو مڃي ڪيئن آڻَ ڇَيو.

تنھنجي آمد جوٻڌي، ڪيئن روڪيان من رقص کان،
پنھنجي وس ۾، تون ئي چئہ ڦولار ۾ ٿئي ڪئن مَيو.

ڇُٽڪندو رھيو اندر ڇِتَ،ڪونج جي جيئن روھہ آ،
رات جي پوئين پھر ۾ پَورُ تنھنجو تئن پَيو.

حسرتون ويڙھي ويس جڏھين چڪورِي ھو ڏِنو،
وِيرَ رستي سمنڊ پئي پيو چاندِنيءَ۔ مڏ آڻَ مَيو.

◈





ياد جا تحفا رکيا ٿم ’لڙڪ، لاڪر‘ ۾ پرين!
پيار جا پل، دل جا اُڌما، لفظ ڪاڳر ۾ پرين!

پيار جي ھر پل اندر، ڇا ڇا نہ گذريو دل مٿان،
سي سمورا سور ھا، جي گيت ظاھر ۾ پرين!

ڇو تہ سپنا ان ۾ سبندڙ پنِھنجا ھا ٽانڪي ڇڏيا،
ڇو نہ اُپِرَنِ پوءِ اُڌما، ڇُرِيَلَ چادر ۾ پرين!

دل ھئي نازڪ اڳيئي، پيار پيڙي پوءِ ڀي،
رُعُبَ پڌرا ڌِيلَ جا، جيئن نِگھہ ناھَرَ ۾ پرين!

نيڻ نِيندُون ٿي اٿن ٿا، جئن جھڪائي ٿا ڪَڇَنِ،
سَوَ سنيھا ٿا ملن تيئن، مرڪ ماھِر ۾ پرين!

روشينن جا روپ ڏاري، اڪ ٻيجڻ آهن لڳا،
چنڊ جا ڪرڻا رهن جي راند ساگِرَ ۾ پرين!

ڪاڪ ڪان رهندا پري پوءِ ڪيئن تون چئه سي ميا؟
جن چريا، چندن الاچي، روز آهُرَ ۾ پرين!

وسَ پچاڙا، واءُ ولين، چانئجي هَر سُو وِيو،
بود ۾ پرجي اباڙا، ڪلِن ڪائر ۾ پرين!

آجيان تنهنجي اچڻ جي، ان ڪان وڏ کهڙي ڪجي،
وارَ ويراندي وِچايان، نيڻ آڳر ۾ پرين!

◈




ڪنول ٻڪ ۾ چنڊ

ڪنگڻ ٻانهن ۾،چڻ تہ قيدِيءَ ڪڙي آ،
هنن سان الئہ چو ائين دل اڙي آ.

اها نيندِ نيڻن سندي جيئن سُڻا ڪا،
ٻہ ٿي منٿ منهنجي ٻنيي تي ٻَڙِي آ.

جي گهرجن تہ ڪئين سال پيي ٿورڙا پر،
گهڙي گهورَ تنهنجي سندي هڪ گهڙِي آ.

سجي رات راڙو نہ ڳائي ٿڪي هيءَ،
ڳچيءَ ۾ ڳئونءَ جي چُري جا چَڙي آ.

نہ ايڏو ٿي مائل انهيءَ ڏي اِئين ئي،
نہ جا آزمائي ڇَنڊي ۾ ڇَڙي آ.

سجي سِڪَ آ، ٿِڪَ مان صاف ظاهر،
اها ڪنهن تہ موتيءَ سان پوتيءَ جَڙي آ.



www.sindhsalamat.com

انھيءَ ڪي نہ ٿو سچ چئي ڪو بہ جنھن ڪي،
اڇــي اڄ بـہ آڏيِ ڏســو وَئِــي لَــڙِي آ.

اسـان ٿــي وھــيءَ ۾ ئـي پـوڙھـا وِيـاسـيـن،
سـنـدرتـا سڄـي سـڪ انـدر وئـي سَـڙِي آ.

اِهـا جَـنـبَ تـان آ اُٿــي هــاڻ آئــي،
وئـي جـان جـنـهـن جـي پـگـهـر ۾ ٻَڙِي آ.

اڇي جيئن ٿو اٿ تي، سڄي جوءِ ٻَهَڪي،
وَٽـِي مون ڪـي پَـٻَـگَ اُنَ سَـنـدِي وَئِـي وڙي آ.

ڪـٿـي سِـڪَ ـ وَنـدِي انـتـظـارن ۾ آ چـا،
الائــي رات اڄ چــو، رُڳــو پــئـي رَڙِي آ.

اِنھي ڪانڌ ڪيئي ڪُنِياڻُون روئاريون،
اهـا ان ڪـي پِـچَـنـدِي، جـا ڏاڍِي ڏڙِي آ.

ميـارون ڪـٽـي ھو ويـو سر تـي پـنـهـنـجـي،
وئـي پـرت جـنـهـن سـاڻ پـنـهـنـجـي پَـڙِي آ.

اڇـو هـاڻ، ڏَئـي ۽ وَنِـي يـار پِـيـا هُـون،
اسـان جـهـار جـويـن مـٿـان پَـئـي تَـڙِي آ!

◈






ڏسو ڪيئن تہ منھنجي چِڙِي ٿِي لڳي،
صفا منھنجي مون سان وِڙھي ٿي لڳي.

چُـرڻ جـي نـہ مـون ۾ ٿـي طـاقـت رهـي،
اٿــي هـن جـي اک جـي ٿِـڙِي ٿـي لڳـي.

وڳـي سـبـز سـان سـوچ ۾ گـم صـفـا،
پِـنـيءَ ويـل مـڪـڙي ڪـڙي ٿـي لڳـي.

ڪري ياد چئي گيت جيئن ٿي سندس،
سُــرن ۾ لــتــا جــي نــڙي ٿـــي لڳـــي.

ڪُـلـي واءُ تــي در تــہ ٿــو ســوچــيــان،
تـہ هـوءَ گـهـر انـدر چـڙ گـهـڙي ٿـي لڳـي.

سهيلين سندي سٽ اندر جو ڪِلي،
تہ ٽانگر جيان جڻ ٽِڙِي ٿي لڳي.

سنهي ڏاڦ سان هوءَ رئي جي اندر،
صفا چنڊ هَئِين جڻ پِڙِي ٿي لڳي.

مزو گهورَ اُن جي ۾ آهي مڙم،
سنڌي پيروي جڻ چِڙِي، ٿي لڳي.

پنپين پِيِر وآرنَ جي منهنجي مٿان جڻ،
چپر چانوَ واري ڪِڙِي ٿي لڳي.

وچايل ولر سان، ملي ڪونج جئين ٿي،
سڪين ميڙ سان تيئن مِڙِي ٿي لڳي.

◈






ائين چو آن ٿي پئي اڪن ۾ چڪن،
اسان جو اڳيئي وچايل آ من،

هلي رات اٺتهينءَ ۾ جو اچين،
تہ چِمڪي اسان جو پئي ٿو صحن.

پلئہ سونهن تان سيرڙي جو ڪنوڻ،
اُگهي ڪير ڳوڙها روئي ٿو گگن.

ڪيو گيان ۾ گمُ تو گوتم جيان،
اسان جو هو ڪيڏو اڳي من مگن.

ٽِلي ڊيل جيئن ٿي، ڏِسِي مور ڪي،
انهيءَ ٽورَ تي ڪيرَ چَلَندي چَلَنُ.

ٻچي ۾ ٿي ٻيري جي ڳاني ٿي،
ڪرائيءَ ۾ تنهنجي ٿي جيئن ڪَنگڻُ.

ڪَئي ڪائناتون ٿيون جهومن نچن،
اچن جي ٿا جوڳي تہ َ پڙِڪي ٿو بَنُ.

ڪلهي ڪونڏرن جي ٿي ڏس تہ ٿي،
بگيءَ جنهن کهاڙيءَ جو ڪارو آ ٻن.

لچڻ سونهن جي جڻ تہ آهن سِراڻِ،
ٿي واس سهڻو، جي سهڻو وَرَنُ.

چنُنِ مان ٿي ٻڌجي لَڙِيءَ جو چَنَنِ،
پَچَنَ پانئِ ڳائي پيو ٿو مَدَنُ.

◈




ڪنول ٻڪ ۾ چنڊ

سامهون تنهنجو ائين گهرُ ٿو اچي،
جڻ تہ آڙيءَ جي اڳيان سَرُ ٿو اچي.

بودلو بيوس ڦِري بَسِتِيءَ اندر،
ڏيو پتو ڪڏهين قلندر ٿو اچي.

سڀ حسين هيلا ٿا ڪن، ان ڪي ڏسون،
تاءَ مان ڪو پانءِ تَوَنگَرُ ٿو اچي.

سونهن جون ڪَئِي رياستون ٿيون فتح ٿِيَنِ،
عشق ٿي جڳ ۾ سڪندر ٿو اچي.

هو اچي پڳوان جي جيئن روپ ۾،
ان جي پويان جڻ تہ مندر ٿو اچي.

سڀ سچيون ئي هيڪلائيِءَ ۾ ڪري،
آدميءَ سان پنهنجو اندر ٿو اچي.

ڏس تہ وڻجارِي ٿِي جِت واڪا ڪري،
جهٽَ پلڪ اُت بيهہ، بندر ٿو اچي.

سڀ سپيتا جو ائين آ انت ڇا؟
ڪنڌ، ڪنڌ ۾ جيئن ڪنڌر ٿو اچي.

جڻ تہ سندر مُک اڳيان پردو هجي،
ڇهچ ميوي جي اڳيان جهر ٿو اچي.

◈

ڪو گهڙو، سِيٽَهَه، سنداروءِ نه ڪو ڪُنَيُر پڇي،
خيال سُهٽيءَ جو سنڌوءَ جو ٿو سدائين جَرُ پڇي.

چو رُسي مون ڪان ويو، ڏِئي ڪو پتو اڄ ان سندو،
روز هي پڳوان لئه مون ڪان پيو مندر پڇي.

هُئڻَ پنهنجي جو پَتوءِ اهميت ڪجهه پي نه آ،
سبب مايوسيءَ سندو هر هر ائين اندرُ پڇي.

ڏينهن توکي ٿيا ڏٺي ۽ ڏينهن شايد ٿين اڃا،
سڪ لڳي آ، تون ڪٿي آن، مون ڪان پنهنجو گهر پڇي.

جنهن سان گهارڻ ٿي پوي ساري عمر هڪ گهر اندر،
ان جي دل ۾ جاءِ ٿاهيان، ڪيئن ونيءَ ڪان وَرُ پڇي.


www.sindhsalamat.com



چا مليو ٿي ماڻُ اُنَ جوءِ چا اهميت ٿِئي ملي،
ڪيئي پيڙهيون، پيڙجين پيو، هيل مون ڪان هَرُ پڇي.

بودلو ٿي گم ويو آ پيڙ پئسن جي اندرِ،
ڪيئن سو ملندو ڪٿي، ڳٽتيءَ وچان قلندرُ پڇي.

چا هيو گئونرو ڪَلنير، اڄ پئي ڪانُيوءَ پڇيو،
پاڻ گڏجي جاٿ تي، جيڪو ڏٺو هو پَرُ، پڇي،

پل پليءَ جو چيهه ڪونهي، پر هي پيڪر حسن جو،
پيار ۾ جهلبو نه ڪنهن کي،پل وجي ڪو تَرُ پڇي.

ڪو نه راٽو ڪو ٻه ڏَٿَ ۾ ۽ نه ڪو سوڊو سُجهي،
ڪاڪِ جا ڪو تَڙَ پُڇي، يا مُومَلُون ڪو مَرُ پڇي.

◈


www.sindhsalamat.com

# گيت

ساري تنهنجو ساءُ،
وري اڄ،
جيءُ چوي ٿو آءُ!

ٻگهلا پر اڃا ڦڙڪائي،
”ياد“ دريچي کي کڙڪائي،
ڏنڊ تي ترندي،
ڦيرا ڏيندي،
ڄڻ ته لڱن ٿا ناءُ،
وري اڄ،
جيءُ چوي ٿو آءُ!

ڪنول ملن ٿا ڀاڪر پائي،
ڀئونرا ڳائن بين وڄائي،
هيرن گهُلندي،
چولين چلندي،
چوڏس چمڪي چاءُ،
وري اڄ،
جيءُ چوي ٿو آءُ!

گُل گُل مان ٿو واس گهُلائي،
نند اندر ٻي راڳ ٻڌائي،
ساري سپنا،
ور ور وينا،
ڄڻ ته وڄائي واءُ،
وري اڄ،
جيءُ چوي ٿو آءُ!

◈

اسان لاٽ ٻاري، چڏي رات پر،
گلي ڪا نهاري، چڏي رات پر !

وڳي ڪا ستارن سندي جهانءِ آ،
پني پونءَ ان تي نچي پانءَ آ،
ائين سونهن ساري، چڏي رات پر،
گلي ڪا نهاري، چڏي رات پر !

رُنا رات رابيل ريهون ڪري،
ڳلن تي گلابن سندا رنگ پري،
سندءِ تات تاري، چڏي رات پر،
گلي ڪا نهاري، چڏي رات پر !

رڻن ۾ پٽن تي ڪري رِمجهميُون،
سوين سوال سانڍي ۾ نندڙيون ڦڙيون،
هوا ماڪ هاري، چڏي رات پر،
گلي ڪا نهاري، چڏي رات پر !

نہ سپنا، نہ ساپيا، نہ يادون چڏن،
ڪيان ننڊ، هوائن منجهان پيا سڏن،
ايئن پريت پاري، چڏي رات پر،
گلي ڪا نهاري، چڏي رات پر !

◈



ڪنول ٻڪ ۾ چنڊ

جُهڙاليون فضائون بہ ٿيندين تہ چا،
نہ ايندين، نہ ايندين، نہ ايندين تہ چا!

ڪري ميگهہ مند تي وسن تال سان،
اچين ڪو نہ پَلَ پَرَ انهيءَ حال سان،
سوين سور پيو يار ڏيندين تہ چا،
نہ ايندين، نہ ايندين، نہ ايندين تہ چا!

لڏي لام، لنوندڙ اُڏي ڪانگ ويا،
وري ڪين موٽيا، سڄڻ سانگ ويا،
نهوڙي نندون ساڻ نيندين تہ چا،
نہ ايندين، نہ ايندين، نہ ايندين تہ چا!

ڳِراٽيون وجهي ڳُوپ ڳالهيون ڪري،
وري ايترو چو هليو وَئين پري،
ڏئي پيار پوءِ منهن مٽيندين تہ چا،
نہ ايندين، نہ ايندين، نہ ايندين تہ چا!

وئي رات جيان جي حياتي کُٽي،
لٽو جي وِهائو اُنهيءَ جو ڦُٽي،
پرهہ ساڻ پوءِ اک پٽيندين تہ چا،
نہ ايندين، نہ ايندين، نہ ايندين تہ چا!

◈

جڳ سمورو جيءَ ۾ آهي،
چا هي رکيو پهر ۾!

ياد اوهان جي اڳي ڪان گهاٽي،
جنهن جي ڪيفيت مڌ جي ماٽي،
پن پن پيالو پياري ٿو،
چانڊوڪيءَ سان گهاري ٿو،
منظر گهوماٽي ٿو سڀ ڪي، پنهنجي آٽي سحر ۾،
چا هي رکيو پهر ۾!

سانت اندر ٿيون چوليون ڳائن،
سِڙَهه پري ڪان ٻگهلا آهن،
شفق نديءَ تي ايئن پئي آ،
چڻ ته ٻٽي تحليل وئي آ،
سهڻيءَ جي جا سونهن سموري، بي خود ٻنجي بحر ۾،
چا هي رکيو پهر ۾!





تلڪ نرڙ تي، اُپ ۾ ڪڪري،
ڏيل جيان ڪارونجهر ٽڪري،
ڪُونيت تُوتِيا وَرِڪا ڪن ٿا،
چا ته سُريلي ٻَرِڪا ڪن ٿا،
سار سندا هي سُر ٿو ٻنجي، ڏيئو ٽمڪي ڏهر ۾،
چا هي رکيو پهر ۾!

ماڪ چمپا جي تلڪ ڳلن تي،
رات چمي ٿي رابيلن کي،
چانڊوڪي ٿي چنگ وڄائي،
ٻرڪا رُت ٿي باهه لڳائي،
چنڊ ڪرڻ لئه ننڊ نديءَ جي، لوڏ لُڏي ٿو لهر ۾،
چا هي رکيو پهر ۾!

◈

مينهن ڪڻين لاءِ،
ٿر جي واري،
ڪيڏو ٿي واجهائي پيئي،
هاءِ اُجاري ٿر جي واري!

بر ڪا رت ۾،
سونهن سُرت ۾،
جندڙي ساري،
مور ٿهوڪن، جيئن سڏئي ٿي،
ٻرِهَنِ ماري،
هاءِ اُجاري ٿر جي واري!

ڪوڪ فضا ۾،
پکي هوا ۾،
جهومي ٿاري،
بنا گَهروندي، ڪوئل رُلَندي،
عمر گذاري،
هاءِ اُجاري، ٿر جي واري!

تَرندڙ آڙي،
ماري تاڙي،
ڪنهن تہ اُڏاري،
عڪس جهين جو پاڪر ۾ ڍنڍ،
سانيڍي ساري،
هاءِ اُجاري، ٿر جي واري!

مند مٺي آ،
وِهَہ وٺي آ،
پريت پياري،
منهنجي جواني، توئي جاني،
ڪلندي ڪاري،
هاءِ اُجاري، ٿر جي واري!

◈






تـو بـن ڪـهـڙي، عـيـد ڏيـاري،
ڪيئن ملهايان، مند ملهاري!

جهڙ ڦڙ جهانِجهہ وڄائن بادل، گوڙ گَجي جڻ چيتا گهايل،
هيـر اُٺـي جي پيـرن پـايـل، تـو بن ڪـائـي سيـج سجـايـل،
روئـيـنـدي مـون آ، رات گـذاري،
ڪيِئن ملهايان، مند ملهاري!

ساڻَ نہ سينڌن ساڻ ڪيم ڪي، سهرا جهومي ڪين چيم ڪي،
وهـم وڪـوڙي يـار ويـم ڪـي، پـيـار سـنـدا پـڙلاءَ پِـيَـمِ ڪـي،
تـو سـان نـبـهـي آئـي يـاري،
ڪيِئن ملهايان، مند ملهاري!

ڪوهہ بنا جيئن ڪونجون ڪَرِڪَنِ، يادون تيئن ٿيون من ۾ هُرڪَنِ،
لوڻ ڦٽن تي ٻڪ ٿيون ٻُرِڪِنِ،ساهہ اندر ساروڻِيُون سُرڪَن .
ڳـڻـتـيـن سـاري، جـنـدڙي ڳـاري،
ڪيِئن ملهايان، مند ملهاري!

جاڳي ڪـاٽيـم راتـيون ساريـون، ڏِيئڙا نيڻن جا هِي ٻاريـون،
روز روئان پئي واٽ نهاريون، سهڻ ڪنا هي گهٽيون گهاريون،
گـهـايـل دلـڙي صـدمـن مـاري،
ڪيِئن ملهايان، مند ملهاري!

توريءَ ڪنگڻ ڪرايڻُ ڪَڙِيُون، ٻول ٻيچاٽي آهيان ٻڙِيُون،
چُٽِڪَنِ چِتَ ۾ چاهت چڙيون، راهن ۾ هي اکڙيون اڙيون،
هُـرُڪُـرُ هـرِدي ۾ هـيـڪـاري،
ڪيِئن ملهايان، مند ملهاري!

◈

رات لَڙِيءَ رابيل رُنا ها،
پُورَ پِيا ها !

چانڊوڪيءَ جيئن جهمريون پاتيون، چير وڳي هئي،
سانت هي سُڏِڪِي،
هِيَر گهلي هئي،
پن پپر جا،
چندرما ٿيا!
چانڊوڪي ۾ چڪور چِڙيا ها،
پُورَ پِيا ها !

گل ۾ پوپٽ ميت _ ملن مان جڻ هئي ٿاهي،
بو گن وِيلا،
هيٺان ماڪي،
ڏسندي ٻارن،
آندا دونهان !
مانارن تي مَکا مِڙِيا ها،
پُورَ پِيا ها !

موسم ايندي سپ ڪا ساري مِيتُ پئي ٿي،
مند ملهاري،
ايندي سان ئي،
گُلَ ۾ ٻوٽا،
خوب ڪِڙيا ها !
ٽانگر ٿهڪي جيئن ٽڙيا ها،
پُورَ پِيا ها !

◈






جيءُ جدائي جهتيو آهي،
پاڙَئُون منڙو پَٽِيو آهي !

تاڙي ماري يار اُڏاري، خواب چِڏياسين نِنڊڙِيءَ مان،
هاڻ نہ ڪائي آس رهي آ، بيگانيءَ هن جِندڙِيءَ مان،
جنهن جي نالي، سڏبا هُئاسين،
تن جو منهنڙو مٽيو آهي،
پاڙَئُون منڙو پَٽِيو آهي !

راهَہ تَڪِڻَ سان، سانگُ سجِڻ جو، پاڳَ وَنَدنِ لَئِہ ٿيندو آهہ،
ڪوبہ حياتِي ڪنهن لَئِہ آرِپي ڪو نہ اجايو ڏيندو آهہ،
آءُ مسيحا! ٻول تہ جي پئي،
لوڙهہ اجا تہ نہ لِٽَيو آهي،
پاڙَئُون منڙو پَٽِيو آهي !

ماٺِ وَندڙ سان موهہ مَتي ۽ ماڳَهين ماڳ ٻہ مَتيُئي چو؟
آءُ تہ ولَ ڇَلَ ڪان اڻ واقف، ڏُهاڳَ سندو ڏَنءُ آهہ ڏِنو تو،
ڪالهہ ڪليجو ڪوريُئي جيڪو،
گهاءُ اڃا تہ نہ گهٽيو آهي،
پاڙَئُون منڙو پَٽِيو آهي !

مُکُ نهاري، تنهنجي مُکُ ۾، مون ڪي پنهنجو مُکُ وِڙيو آ،
تنهنجي قرب جو لمحو مون لاءِ، جياپي جوتي جيءَ جٽيو آ،
پهرين گهيري ٻانهن جي سان،
ڪنڌ ڪُلهنِ ڪان ڪَٽِيو آهي،
پاڙَئُون منڙو پَٽِيو آهي !

ڇا ٿو ڳولي چانڊوڪيءَ ڪرٽو، پوئينءَ رات ڏهر ۾،
مارئيءَ جو ڪو ساهہ ٿڌو يا پيرو ان جو پرهَہِ پَهَرَ ۾،
منظر ان ۾ پَنهنجو من ڪنهن،
ماڪ ٻَنائي سَٽِيو آهي،
پاڙَئُون منڙو پَٽِيو آهي !

◈




ڪنول ٻڪ ۾ چنڊ

جنهن جي ڪنهن کي اُونءَ نہ پُونءَ،
نچي ٿي شايد ان لاءِ پُونءَ !

آڏيءَ ويلي ساڏ پيلي ۾، ڪنهن لئہ مور مچائي گونج،
ڪوهہ ڪنان ڪا وچڙي آيل اُپ ۾ ڪرڪي ڪنهن لئہ ڪونج،
سڏجي ان کي راڳ پلا يا سڏجي ان کي سانت،
ماٺ سڄو ماحول هئو پر لنئي پکين جا لات،
انهي سان ڪانڊاري آ لُونءَ،
نچي ٿي شايد ان لاءِ پونءَ !

بوند پوڻ سان سار سڄڻ جي هِردو هِرِ ڪائيندي آهي،
جنهن رِيءَ موسم ڄڻ تہ ميارون ڏيندي رَهندِي آهي،
نچيو هو جهرڻي ۾ جيئن چنڊ، نچيو هوا ۾ وڻ،
سپ ڪنهن ان کي پئي اچڻ لئہ آهہ ريجهايو ڄڻ،
ڪنديس آءُ ٻہ بلڪل اُونءَ،
نچي ٿي شايد ان لاءِ پُونءَ !

بهار اڇڻ سان، ٿار وٽن جي، پيار ڪري ٿي گُلڙن سان،
لوڏون لُڏندي، گهيرا ڏاهي، ٻار ٻڪن ٿا هُلڙن سان،
ماڪ ڪنول جي پنکڙن تي، چَپَ رکيو پئي آهي،
مون لئه ڏيئي پيارَ ـ پِٽُرِ ڪوڪانويلي وئي آهي؟
اڃان هان توو ٿ چا لئه هُونءَ
نچي ٿي شايد ان لاءِ پُونءَ !

رات ۾ ڏرتي ٿانڊاڻن سان جهڃي ڏِئي ٿي اُپ جو ڏيک،
جنهن ۾ چمپا، چندن، چنبيلي خوشبوئن جا ڦهلن تيڪِ،
سينڌ سِنڌُر سان ڪهڪشان جيئن مُنڊي آ ٻيٽي مَنڊ،
اڱڻ مٿان جو آهه گهميو هو سمجهي ويٺا چنڊ!
ڪئي ايئن تارن ڇَونءَ پَڇُونءَ،
نچي ٿي شايد ان لاءِ پُونءَ !

◈





ٻيچ مون تنهنجي اڇڻ لاءِ ٻوٽ ۾ ڳاتا پرين!
نيڻ تو ڪي تيئن پائڻ لاءِ هي آتا پرين !

مينهن ڪٽين جڻ تہ پايل آهہ ٿارين ڪي ٻڌي،
چاندني ساڙهي ڪري چنڊ، جڻ تہ ٿارين ڪي ٻڌي،
ساوڪن ٿي ڇهڇ آهي سونهن سارين ڪي ٻڌي،
ميگهہ مرڪي جڻ تہ مالها ماهہ پارن ڪي ٻڌي،
ڏيک ساري ڏيل ڏاوڻ ڏات جا پاتا پرين!
نيڻ تو ڪي تيئن پائڻ لاءِ هي آتا پرين !

چنگ جي آواز تي ٻڌ چنڊ ڳائي ٿو پيو،
واءُ پوئين رات جي وينا وڄائي ٿو پيو،
ءِ ڪتيءَ جي ڪانڊ تي ڪو گُنُگُنُائي ٿو پيو،
سانت ۾ سارو سمو هي جڻ تہ گهائي ٿو پيو،
راز ساريءَ رات جا مون جڻ تہ ڪي ڄاتا پرين!
نيڻ تو ڪي تيئن پائڻ لاءِ هي آتا پرين !

پـرهـ ڦـٽـنـدي ولـر واري جـڻ پـکـي مـوتـيـا اڇـن،
پيار مان پـرڙا هـٽـي ۽ چنهب چنهنبن تـي رکـن،
جـڻ اکـيـن جا ٽـا اشارا باک مان تـنـهـنـجا بـکـن،
ٻول ڀـهـگـڻ لوک گـيـتـن جـيـان تـوهـان جا ٽـا لَـکَـنِ،
مـون کـٽـي اکـيـن رکـيا ۽ لـونءَ سـان لاتـا پـريـن!
نـيـڻ تـو کـي تـيـئـن پـائـڻ لاءِ هـي آتـا پـريـن !

پـوپـٽـن جا رنـگ فضـا ۾ جـڻ چـنـيءَ جا چـٽ لڳـن،
سپ ٽـڌا ٽـا سـاهـ تـوريءَ سارنـگـين جـي سـٽ لڳـن،
خيال تنهنجي خيال سان جڻ ٽا ڪبوتر ٻٽ لڳن،
يا تـنـبـوري تـانَ سـان گـڏ شـاهـ جـي ٽـا پـٽ لڳـن،
چـيـر سـان ٽـي جـيـئـن نـپـائـي نـرتـڪـي نـاتـا پـريـن!
نـيـڻ تـو کـي تـيـئـن پـائـڻ لاءِ هـي آتـا پـريـن !

هـي پـنـپـيـا جـي وار ڪـارا ٽـي ويـا چـانـڊِيءَ جـيـان،
آ جهنجهوڙي جان جذبن دانهن هيءَ ڪنهن کي ڏيان،
آءُ تـوريءَ پـلـڪ هـڪـڙو جـڳ انـدر چـا لاءِ جـيـان،
ويـلُ آ جـو وَرَ بــ هـونـدي آءُ وَڏِواءِ لـيـڪـجـان !
ڏيـنـهـن ايـڏا ڏور مـون ڪـان تـو وچـي لاتـا پـريـن!
نـيـڻ تـو کـي تـيـئـن پـائـڻ لاءِ هـي آتـا پـريـن !

◈




ڪنول ٻڪ ۾ چنڊ

هُرَلا هلندا نار،
ٻنين ۾،
هُرِلا هلندا نار!

جهر جهنگ ڪتبا، ٻيجا چٽبا، هڪلي ويندي جهارِ،
ڪيچ ڪٽي مان ٽي ئي پوندا جنهن مان جُڙندي ٻارِ،
ڳانڊيءَ تان هو، ڳائيندا پيا، ٻيلهون ٿاهي ٻار،
ٻنين ۾،
هُرِلا هلندا نار!

آپُونءَ نيسر پوک بہ ٿيندي، هوءَ بہ وهِيءَ جو پُورُ،
پورِهئيِ مان بہ نہ پانڌ چڌائي، چاهت ۾ پيي چور،
سَنڌ سَنڌ منجهہ سرائت ٿيندي، ساجن جي جڻ سار،
ٻنين ۾،
هُرِلا هلندا نار!

پکي پکڙ پيا لاتيون لنوندا چوڏس جڙ ڪي چنگ،
تازي آيل پاڙيءَ تي پيا ٽپندا ڪڏندا ڪنگ،
لهندڙ سج جي لام منجهان ڪا، وڄندي جڙ تہ ستار،
ٻنين ۾،
هُرِلا هلندا نار!

ٻاڦ ٻنين جي ٻارن تي جو ڪٽڪن تي ٽيا پهريان پاڙي،
جن مان چوندڙ جيتن ڪارڻ پُڄي پَکِي ڪتياڙي،
جنهن جو ٻولڻ ساز وڄي جڙ،جڏهن ڪري تنوار،
ٻنين ۾،
هُرِلا هلندا نار!

مند بہ موتي ماڳُ پُڳي آ، ساجن موٽي آءُ !
هيڏا سيءَ نہ هيڪل ڪٽبا، لڳي اتر جو واءُ،
پَرِوُسِ پريتم!، بي وس بنجي، ڏُيرا ڪيان آچار،
ٻنين ۾، هُرِلا هلندا نار!

◈





ڳاءِ وري اڄ ڳاءِ،
اوراڳي!
ڳاءِ وري اڄ ڳاءِ،
تنهنجي ڳائڻ ريءَ نہ سرندي، هِيءُ هِئين سين لاءِ !

جهونگاري اُٺُ ڳائج مانجهہ، هير وڄائي جنهن سان جانجهہ،
ڪندا سوا گت جنهن جي سانجهہ، ٻيراڳي_من، دلڙي بانجهہ،
ڪٿ ٻٽي آ خاڪ جنين جي، تن ڪي جوڳ جُڳاءِ،
اوراڳي!
ڳاءِ وري اڄ ڳاءِ،
تنهنجي ڳائڻ ريءَ نہ سرندي هيءُ هئين سين لاءِ !

جوڀن آ ڇڻ سُڳنڌ گلن جي پن ڇڻ ڪان سا رَڪجاڻ وانجهي،
سار نہ ڪنهن جي صبح ۽ سانجهي، تو ڪي هير ڪپي ٿي تازي،
پيار ننگر آ پيڙائن جو،پير نہ اَنَ ۾ پاءِ،
اوراڳي!
ڳاءِ وري اڄ ڳاءِ،
تنهنجي ڳائڻ ريءَ نہ سرندي، هيءُ هِنئين سين لاءِ !

ٺهڪن جي موسقي ڇيڙي، سُرَ نڙِيءَ ۾ ميڙي سيڙي،
آءُ اسان جي هيڪر ويڙهي، پوپٽ سُر جا ڇڏج پکيڙي،
جوڳ ڇَڏِي پوءِ ڳاءِ پهاڙي، پُورِيا منجهہ پُڄاءِ،
اوراڳي!
ڳاءِ وري اڄ ڳاءِ،
تنهنجي ڳائڻ ريءَ نہ سرندي هيءُ هئين سين لاءِ !

وقت پڄاڻا ملڻ ٿيو آ، مون نہ ڪُڇِيو ڪجهہ تو نہ ڪُڇِيو آ،
حال تہ دل جو پو ٻہ ڪيو آ، پاڻ ٻہ وسري هاڻ وَيو آ،
سڏڪن جي سنگيت مٿان تون نيڻن نِيرَ نہ ناءِ،
اوراڳي!
ڳاءِ وري اڄ ڳاءِ،
تنهنجي ڳائڻ ريءَ نہ سرندي هيءُ هنئين سين لاءِ !

◈





سڪ ساڻ اچي ٿي ساڻِي –
او شال جواني ماڻِين!

آڻَ ڪُٽُ پِيلا گُلَ سَرِنهن جا، جنهن سان جهومِي اٿيا ڪيٺ،
تن تي ڇٽ تلوِريءَ جا ڪي چانڊوڪيءَ ۾ ڇٽيا ڇيٺ،
مَڏ اچي پِيءُ ماڪُن هاٺي –
او شال جواني ماڻين!

واٺ وهائوءَ آهہ وتي جا تنهن جي ٿيندي پرهہ پڄاڻي،
پولارن ۾ گلڙن جيِ آ ساري سُتل خوشبوءِ ساٺي،
رُس نہ رسي جيئن رات جي راٺي –
او شال جواني ماڻين!

مکڙيون ڏين ٿيون جنم گلن کي، ماڪ چمين نيشاني،
هوا لڏائي لام وٽن جي لوڏي پينگها جاني !
ڇپر وِٿِيُنِ چانڊوڪِي ڇاڻي –
او شال جواني ماڻين!

آرس پچندي ٽار وٽن جا هير پئي جهولائي،
وڻ تي ويٺل پکي انبر جي سُر سان سُر ملائي،
پٽر ڪري جو پاڙي ـ
او شال جواني ماڻين!

سورجَ ـ گُلَ ۾ ساهہ پئي جيئن، اوشا ديويءَ آئي،
منهنجي من کي تنهنجي منٺڙا تيئن پئي ياد ستائي،
اڄ بہ نہ ٿئي ايئن پريت پُڄاڻي ـ
او شال جواني ماڻين!

پوءِ بہ سُڪِي ۽ ماڪ ڇڏي وئي پنهنجا پيرا ڏنڊ ۾،
رات بنا جيئن رات جي راڻي آءُ توهان رِيءَ پنڊ ۾،
ڪامي آهيءَ دلڙي ڪاڻي ـ
او شال جواني ماڻين!

وهي ملڻ ريءَ وهي وئي جي پنهنجو پلهءُ ڇڏائي،
ڪهڙي ڪَل آ پوءِ اسان جي ڳائي ڪو بہ نہ ڳائي،
اسان پڄاڻا پريم ڪهاڻي،
او شال جواني ماڻين!

◈






تہ خوشبوءِ خوب هوا ڦهلائي !

وسي ٿي چانڊوڪيءَ ڦوهار، تڙيل هن ڦتيون پيي چوڏار،
جنين تي ٽانڊاڻي چمڪار، ڪَري ٿي اُپ سان اکيون چار،
تہ خوشبوءِ خوب هوا ڦهلائي !

ٿيا چپ جڻ تہ ڪُنگُوءَ جي لام، سڌن پيا پاڻ ڏي پوپٽ جام،
ورهائن رنگ صبح ۽ شام، ڏين پيا پيار سندا پيغام،
تہ خوشبوءِ خوب هوا ڦهلائي !

نکر جا جڻ تہ نريل کي ٿانوَ، توهان جي پلکن جوِ ڪئي ڇانو،
ٿيا هي لمحا تنهنجي نانوَ، اسان جا هيج پريا ٿيا هانوَ،
تہ خوشبوءِ خوب هوا ڦهلائي !

اڪـن جـون ڦـلـڙيـون ڏوتـيـون مـاڪ تـہ اپـري رنـگ پـيـا ٻـي ٻـاڪ،
چِـڪـايـا يـاد تـوهـان جـي چـاڪ، پـڳـي آ هـر هـنـڌ تـنـهـنـجـي هـاڪ،
تـہ خـوشـبـوءِ خـوب هـوا ڦـهـلائـي !

نـڪـورا نـهـتـا تـنـهـنـجـا نـيـڻ، ڏيـن ٿـا مـاٺ انـدر پـي ويـڻ،
اسـان جـا روز ازل جـا سـيـڻ، پـلـي پـو پـيـتـي ڏس تـون پـيـڻ،
تـہ خـوشـبـوءِ خـوب هـوا ڦـهـلائـي !

ڏسڻ سان تنهنجي سنڌ جي سونهن، مگر هي حملا هن تي هونءَ،
پريل جڻ ٻرٿ سان جنهن جي پونءِ، ڪري ٿي جڏهن ٻہ ڪنهن سان وِرُونهنءَ
تـہ خـوشـبـوءِ خـوب هـوا ڦـهـلائـي !

اچـڻ جـا آگـم ٿـيـنـدا ايـئـن، تـہ يـادن مـيـنـهـن ٻـہ وسـنـدا تـيـئـن،
آچـلِ ڪـي آرسَ انـدلـٺ جـيـئـن، پـيـارج پـوچ ٻـہ اڪـڙيُـن سـيـئـن،
تـہ خـوشـبـوءِ خـوب هـوا ڦـهـلائـي !

◈






پـوهـہ سُـڪـايـا پَـنَ آڪَـنِ جـا، جـيءُ پـيـو آ جـهـورو،
تـو ڪـي پـتـو نـہ ڪـورو!

توريءَ سـاڳ نـہ ساءُ ڏئـي ٿـو، ڪـنـهـن سـان گـڏجـي ڪـاوان،
رائِـي ڏيـنـدي پَـلـِي پُـڇـي ٿـي، ڪـنـهـن جـي لـئـہ ٿـي تـاهـيـان؟
چِـهـِ تـي سـيـڪِـيَـلَ سـوڪ ٿـڪـر ڪـي سـيـنـي هـونـد لڳـايـان،
پـر، چـا ڪـريـان جـو تـنـهـنـجـي ويـجـهـو هـاءِ نـپـاڳـي نـاهـيـان.
پلال سنديءَ هن پاٽاريءَ تي، پوهہَ ڇڏي ڪِيُئي هيڪل ڇورو،
تـو ڪـي پـتـو نـہ ڪـورو!

جـنـڊ هـٽـي آ جـنـدڙي لـوڏي، ٿـي هـان پـورهـيـت ٻـيـلـپـيـاٽـي،
آءُ ٻـهـاريـدار ٻـہ سـونـهـان، پـر جـي سـڌ سـان ٿـي پـئـيـن سـاٽـي،
انـگ ڍڪـڻ لـئـہ لـوئـيءَ جـو اڌ، آڌَ اُگـهـاڙِي آهـہ نـيـاٽـي،
ڪُـڪِـڙِ وانـگـي ڪـوڙِيءَ ٻـچـڙا، سـيءَ ٻـہ ڪـئـي هـان سـاٽـي،
لِـيڙَ ڪَـتـيـڙي ڇـو ٿـي آهـيـان؟ جـانـيءَ ريءَ نـہ جُـڳـائـي جـورو،
تـو ڪـي پـتـو نـہ ڪـورو!

ٻيڌ ٻه مودي هاڻ نه ڏئي ٿو جهڻ، مکڻ ۾ ڪوٽ پئي،
ڏوڳاهي جا ڏينهن گذاري، ڳاهه ڳسن تي ريٽ رَئي،
ويلا ٻڪ تي اوڙاپاڙا، تن کي سگهبو ڪجهه نه چئي،
هاءِ جواني! واتون ڏسندي واڙِيءَ مُٽ جيئن وهي وئي،
ٿالون پاتم، ڪانگ اُڏايم، موتج تو لئه ٻاتم مورو،
تو کي پتو نه ڪورو!

هڏڪي ڪُوڙي، اک ٿرڻَ پي، اڄ چو ساک وڃائي ويٺي!
تو لئه سانديم جواني جاني! ڏينهن ازل کان تو سان ڏيٺي!
مکڙيءَ مان ٿي گل پَئِي هان پيار اندر جيئن تنهنجي پيٺي!
اڄ ٻه اڇڻ جي اوسيئڙي ۾ چَندَنِ سان مون جندڙي چيٺي !
چووينهينءَ چَندُ چانجوهُيو آ ڳَهَرِيلُ ٻاٽُ لڳي ٿو ڳورو،
تو کي پتو نه ڪورو!

◈





ائين هِيءَ چاندني چوڏس،
چندرما جي چَٽي آئي!

اڄا ساهن جي سرگم تي، ترانو جهوميو مس هو،
اڄا سنگيت سڏڪن جي سُرن کي ئي چميو مس هو،
ته جهمريون خوب پائيندي،
هوا خوشبوءِ کَٽي آئي!
ائين هيءَ چاندني چوڏس،
چندرما جي چٽي آئي!

وکيريل وار سُلجهائي، پَسائي مُکَ پره جهڙو،
نماڻو چڻ ته نرمل آ، وڏي ڪُهُني وِرهَه جهڙو،
نندڙاکا نيڻ کوليندي،
وري مون کي وَٽي آئي!
ائين هيءَ چاندني چوڏس،
چندرما جي چٽي آئي!

ڏيارن ياد ڏند رابيل، گلابن گهورَ ڳلڙن مان،
لياڪا سِڪَ پئي پاتا، اسان جي چِيچَ چلڙن مان،
هوا جيئن رات_راڻيءَ مان،
گهُلي ويتر گهٽي آئي!
ائين هيءَ چاندني چوڏس،
چندرما جي ڇٽي آئي!

نگاهون چنڊ جون ڍنڍ ۾، ڏسن جئن عڪس پنهنجوئي،
سندءِ سوچون خيالن ۾، ڏسن تئن عڪس پنهنجوئي،
هوا ڇهندي جسم سارو،
توهان جي بوءِ بَٽي آئي!
ائين هيءَ چاندني چوڏس،
چندرما جي ڇٽي آئي!

◈





جو سلهاڙي ساهہ کي،
سڪ ساڻ تنهن کي سارجي !

مدتون مانوس جنهن سان پوءِ ٿي دوري وجي،
سا وڏائي سڪ، جنهن سان پريت ٿي پوري وجي،
ملڻ ٿئي جي ڪنهن بهاني، حال اوريو پيي نہ ٿئي،
پيو نہ جي کو وَڙُ ڪجي،
ڪلندي رڳو ڪيڪارجي!

جي نہ قابو آهہ ٿيٽو نينهن جي ناتي اندر،
ڪنهن کي هر ڪائي ڪجي ڇو دوبدو پوءِ دربدر،
”ڇو نہ آيو ڇا ٿيو ٿس؟“ ڪانگ کي دڙڪا ڏجن،
ڳُوپ ڳالهيون پوءِ ڪري ڇو،
ڳٽن سان پيو ڳارجي !

ڇو سواگت صبح صادق جي ٿڏن ساهن سان ٿئي،
ڇو پيلا هيءَ ننڊ نيٽن جي نهوڙي کو نئي،
يا تہ منهن تي دل لڳيءَ جو حال اوري روئجي،
رُئڻ روڪي روبرو ڇو،
لڙڪ لِڪَندي هارجي!

آ حياتي مختصر کهڙي خبر کهڙيءَ مهل،
رَتُ روانو ٿي وجي، جنهن کي نہ ڪائي جهل نہ پل،
پير پائي پاڻ اچ يا خود گهرائج پاڻ ڏي،
سڪ_سڙيل کي هيئن نہ سونهين،
منهن_چڙهڻ ريءَ مارجي!

◈

آءُ بسنتي رُت انهيءَ ۾،
ماڻيئون هُوندَ آمُلَ !
پايل جهڙا پل !

ٻُور انبن تي پيئونرن پون پون، پوپٽ پَرَ جڻ ڇُرَ ڇُرِيَلَ،
گئونچ وڻن تي پکين ٽوليون، جڻ تہ ٽنگيل ڪي گجَ پريل،
هير بسنتي هوريان هوريان،
ڇيڙي گيت غزل!
پايل جهڙا پل !

ٿُڙَ انبن جا، ٻگهہ اڇيرا پاڻيءَ پاڇو، پوياڙيءَ مان،
تاري لاٽ ڪئي آ، وينگس گهوريو اُپ ڏي واڙيءَ مان،
سانگ سپيئي جڻ تہ سڏينئي،
هئہ هئہ هِن مهل !
پايل جهڙا پل !

ٽٽل پکيئڙو ٻولي پنهنجا، ساٿي وڇڙيل ولرمان جڻ،
جنهن کي تولئہ اوڙو پاڙو جڻ تہ پيو آ واجهائڻ،
ويرون وچنن واريون وريون،
ڪريو ڪا تہ ڪهل،
پايل جهڙا پل !

چيٽي چنڊ جي چادر ويڙهي، وڻ ٽڻ جهومي ڳائن ٿا،
هير سندي سپ گل ۾ ٻوٽا پير ۾ پايل پائن ٿا،
چيچ وجهيو ٿيون ڇيريون ڇمڪن،
توڏي جيءَ اُٿَلَ !
پايل جهڙا پل !

◈





وئي آهہ مدت لنگهي پوءِ مس مس،
وري آهہ بر ڪا،
جليا پوءِ بہ اڏما !

گلابي مهارن تي رابيل ڏندڙا، گلن هار مکڙي مان جهلڪار ڏين ٿا،
۽ گفتار جا هارمونيم ٿي ڇيڙي، تہ گفتا سرن جي بہ ڀڪار ڏين ٿا،
انهي سحر ۾ يار راتيون رڱيون سي،
برهہ ۾ ڪي بيباڪ باتيون ڪيون سي،
مليا پوءِ بہ صدما،
جليا پوءِ بہ اڏما !

پري نيڻ_وٿيون جو مڌ ٿا ورهائن، تہ پياڪن جا ڪي ئي ولر پيا اچن،
سروپي ۾ ساجهہ وٺي سونهن جي، ننگا نينهن نعرا هنيو پيا نچن،
قدر تن کي قيمت سري سونهن جي،
جنين ٿَجُ پيتي پليءَ پونءِ جي،
امر ٿيا سي لمحا،
جليا پوءِ بہ اڏما !

نگاهون نگاهن سان ٻڪجي وجن ٿيون، ائين جڻ ڪُنڊيءَ مينهن جي پُورَ ۾،
ملن ٿيون ميارون ڏکن جا ڏور اپا، ۽ سوَ سوَ سنيها نگهہ گهور ۾،
توهان مڏ پياري، اسان ئي مجوسون،
توهان جا مياري، اسان ئي مجوسون،
مگر هاءِ جذبا،
جليا پوءِ به اڌما،

نہ آ پيار جي پوءِ اسان جي وجڻ سان، اُداسي اوهان تي وجي ڇانئجي ڇو،
هو ڪنور بادل پيياسِن ٻُٽَنِ جي ڏسي زار حالت وجي رانئجِي ٿو،
اهو پاڻ تي ۽ اسان تي پيارا!
نہ سونهين جبر ٿو اجا جيءَ جيارا
سلياسون نہ ڏڪڙا،
جليا پوءِ به اڌما،

◈





خوشبوءِ ڦوڪي ساهہ وجهي وچ،
ور ور چڙئي ٿو واءُ،
ڀلا پوءِ،
توريءَ ڪهڙو ساءُ .

ڪوناريءَ ۾ سون تپي ٿو ياد ڏياري ڳلڙن جي،
ڪڪريءَ پاڇي ۾ هيءُ ڪنگو ياد ڏياري ڇپڙن جي،
واءُ اتر جو،
ڦوڪون ڏئي ٿو،
سوڻ تہ چَوَنَئي آءُ،
ڀلا پوءِ،
توريءَ ڪهڙو ساءُ .

پوئين رات ۾ تيرهينءَ جو چنڊ لال سفيدي ٿو ڇاٽي،
جڻ تہ چٽائي تنهنجي تن جي مَلِمَلِ چادر وئي تاٽي،
پکين چهڪا،
تتر ٿهوڪا،
تنهنجو آڌرُ ڀاءُ،
ڀلا پوءِ،
توريءَ ڪهڙو ساءُ،

ڏينهن تتيءَ ۾ ڪانگ ڪنڌيءَ تي لاتيون خوب لئين،
ڪاش سچو ٿي پئي هو جو اڄ تون ٻه اچي جي پئين،
گهرڙو چمڪي،
پير جي پائي،
سامي سڄ وڙاءُ،
پلا پوءِ،
توريءَ کهڙو ساءُ .

چوڏس رات جي چانڊوڪيءَ ۾ وڻ ٽڻ جهومي ٿا گهائن،
پوءِ ٻه تو ڪي يار ڏسڻ لاءِ ور ور جهاتيون پائن،
هاءِ چِتو ٿي،
جنهن سان پئي هي،
چوڏهين چنڊ چٽاءُ،
پلا پوءِ،
توريءَ کهڙو ساءُ .

◈






نہ مٽ ڪو ٻہ جنهن جو، نہ تشبيهہ ڪا ـ
اها جهلڪ هڪڙِي پريِنءَ جي تہ آ .

سندس منهن پسڻ جو ٻہ اعزاز آ،
ڏِئي ٿهڪ، چڙيو ڪوئي ساز آ،
ءِ مُکَ تي گلن ڪي ٻہ ٿيو ناز آ ـ
اها جهلڪ هڪڙي پرينءَ جي تہ آ .

وٽن سان چندرما ٿو رانديون رَهي،
هوا خوب نياپا ڪنيون پئي کَهِي،
جهين سان گلن جي ٿي خوشبوءِ نهي ـ
اها جهلڪ هڪڙي پرينءَ جي تہ آ .

وري چنڊ ڪنهن لئہ هنئين آ پڙي،
اها ڦول مالها آ ڪنهن لئہ ڪِڙِي،
پرينءَ پير چمندي رمي راتڙِي ـ
اها جهلڪ هڪڙي پرينءَ جي تہ آ .

اهو پاڻ سامهون نظر ٿو آچي،
سندس رنگ ۾ جو بہ رمتو رَچي،
اهو ٿي پيوتي نگر ۾ نَچي ـ
اها جهلڪ هڪڙي پرينءَ جي تہ آ.

نڪو پاڻَ آهي، نہ ڪو پاڻَ ناهي،
نڪو ساڻ آهي، نہ ڪو ساڻ ناهي،
تہ پو پاڻُ چاهي، تہ پو ساڻُ چاهي ـ
سلينديِ اهو رازُ ڪي جُڳ ٿيا ـ
اها جهلڪ هڪڙي پرينءَ جي تہ آ.

◈






تنهنجي ڳولا ڪارڻ رڻ پٽ جذبن سان مون جهاڳيا،
نيڻ توهان لئہ جاڳيا !

سينهونءَ تي هيءُ گهڙن جا چُلڪا،
من ۾ تنهنجي اڇڻ جا اُلڪا،
سير سپئي اڄ يار سنوان ٿئي، سؤڻَ بہ آهن ساڳيا،
نيڻ توهان لئہ جاڳيا !

ڪانگ مُنيءَ تي لاتيون لنوندي،
ساريون تنهنجون ڳالهيون چوندي،
ياد ڏيارِي تنهنجي جنهن سان، پاڻ بہ آهيون واڳيا،
نيڻ توهان لئہ جاڳيا !

ڪِنوِڻِن ڪِلَندي پاڪر پاتا،
تو لئہ نيڻ اسان جا آتا،
پهرين بُوندَ بَسَنتيِ پئي آ،جذبا جنهن سان جاڳيا،
نيڻ توهان لئہ جاڳيا !

سانگ اڇڻ جا جو ٿيا سارا،
پنهنجو پاڻ ۾ ناهيان پيارا!
لڙڪَ ـ گُلَنِ جي واٽِن ورڪا، جن سان رستا راڳيا،
نيڻ توهان لئہ جاڳيا !

◈

وَيُسِ ڳالهہ سمجهي اها پوءِ پرين !
سوا تنهنجي جيئڻ جو ناهي سوال !

ڪڏهن تار گل جو ڏنو ٿئي سُڀَنڊُ،
مچيءَ جي رهڻ جو آ پاڻي ئي هنڊ،
جئين جان ريءَ ڪنهن نہ ڪم جو آ ڪنڊ،
ائين منهنجو تو ساڻ جِياپو پرين !
سوا تنهنجي جيئڻ جو ناهي سوال !

هوائن هتان مون سنيها مُڪَئي،
گهٽائن سان تنهنجي گِلا مون ڪئي،
ائين گهر مان پيادل ئي نڪران پئي،
جيئن ئي پڳو تنهنجو نِياپو پرين!
سوا تنهنجي جيئڻ جو ناهي سوال !

ڇڏيم جوءِ جاني جدائي ڏِسي،
پيا نيڻ توريءَ هي بيوس ڦِسي،
سگهان ڪين مائٽن مٿن ڏي ڇِسي،
سوا تنهنجي نہ آ سگ ۾ سِياپو پرين !
سوا تنهنجي جيئڻ جو ناهي سوال !

ملي مڌ ڏسڻ ساڻ ڇڻ اڻ مئي ڪا،
يا ساپيان ها ماڻي ويا سندر سپنا،
يا رابيل، نرگس ۾ موتيا ڪڙيا،
ڏسڻ ساڻ سپ سور وِيا پو پرين !
سوا تنهنجي جيئڻ جو ناهي سوال !

◈




ڪنول ٻڪ ۾ چنڊ

ٻيرن ۾ پي ٻير پڪا ٿي،
ڪيڏا ڏينهن وڏا ٿي !

رُت بسنتي، جوڀن ونتي، ڦوهہ جواني ڦاٽي ٿي،
تو بن قيد ڪٽڻ ڪان پي وڌ ڏينهن ڏکيرا ڪاٽي ٿي،
شال جدائي ـ دشمن ڪي پي،
پلئہ نہ پئي ڪا هِيئَن ساٿي !
ڪيڏا ڏينهن وڏا ٿي !

صبح سويرو، سمو ٿڌيرو، ڳُٽُ ڳُٽُ ڳيرو ڳائي ٿو،
مال وندي هَٿ ڏڌ جي چاڏي گهو گهو گهيرو لائي ٿو،
چاڻ مکڻ جا ـ چاٽا نڪتا،
گڏجي ڪاڏي ڏينهن ٿيا ٿي،
ڪيڏا ڏينهن وڏا ٿي !

پنهنجو پاڻ بہ ڪين وٽي ٿو، ڪرٽون پئي ٿي ڪاوان ڙي!
تو ڏي پهچي ڪين سگهان ٿي، اڇڻ بہ توڙي چاهيان ڙي!
هِيئَن نہ ساڙج ـ تن ڪي پاڙج،
واعدا جيڪي پاڻ ڪيا ٿي،
ڪيڏا ڏينهن وڏا ٿي !

مانگ سنڌوريان، سانگ ڪري جي، تانگهہ مٿائين تن جي تون،
واري واڳ وصل جي جيڪر مونجهہ گهٽائين من جي تون،
تن من تاڻي ـ اڄ هن پاڻي،
پريت سڌي ئي پاڻ پيا ٿي !
ڪيڏا ڏينهن وڏا ٿي !

◈

سونهن پسائي لونءَ لڳائي،
نيڻن نيڻ ملايا !
وعدا تو نہ نڀايا!

جيءَ ڪي آٿت جاني گهرجي جيتر يار جئان،
پت رکي وچ پاڙي اوڙي، مهڻي هاب نہ ٿيان،
توريءَ پوريءَ جهوريءَ ماريو،
ساوڻ ڪائڻ آيا،
واعدا تو نہ نڀايا!

جانيءَ هوندي جوءِ جياري، تنهن ڪي ساري ساهہ،
موسم ۾ مهڪار نٿي ٿئي، ناهہ چمن ۾ چاهہ،
ڪو بہ نہ ناتو هوتَ بنا تو،
لايا ٿيا نہ سجايا،
واعدا تو نہ نڀايا!

رُوءِ نہ تنهنجي جاني جڳ ۾، ڪنهن سان دل بهلايان .
چيز نہ ڪائي چين ڏئي ٿي، ڪنهن سان حال ونڊايان،
سار مَنجهاران يار اسان ها،
نير بہ نيڻن نايا !
واعدا تو نہ نڀايا!

موت ڪيو ڪا گهوت اڳڻ ٿي، چوت سهڻ پي ناهہ،
وس ڪري ۾ رَسُ اچي پَئِي گَسَ نهاريان هاءِ،
آتي جهاتي پاتي تولئہ،
وڻ ٽڻ مون واجهايا !
واعدا تو نہ نڀايا!

◈





لڙڪن جي، جو ٻولي سمجهي،
سڏڪن مان جو ڳالهہ ڪڍي،
ان جي اڳيان ڪهڙي ڳالهہ،
باقي اوريون ڪهڙو حالُ !

ڪڪر ٿيڻ مان سِکو سمجهي مينهن وسڻ ٿو چاهي،
اندلث معنيٰ مينهن وسي ۾ اوڪاٽي ويو آهي،
موجون ماڻن ماڻهو مالُ !
باقي اوريون ڪهڙو حالُ !

ڪانگ لنوڻ سان سانگ سڄڻ جو ٿيڻو سمجهہ تہ آهي،
اڻ تڻ سرجي جڻ تہ اچڻ جا ڏس ڏئي جو چاهي،
نيت پلائي ٿيندو پالُ !
باقي اوريون ڪهڙو حالُ !

هِڏڪيءَ ياد ڏياريو هاڻي، ياد ڪيو ٿن پانءِ،
ڪانگ لنوڻ تي، ياد بہ تو ڪي ايندي هوندي مانءِ،
چاڻ لٿو هي جيءُ جنجالُ !
باقي اوريون ڪهڙو حالُ !

اڪ ڦرڻ تي آس لڳائي ساهہ اُڪَنڊَ جو ٿئي ٿي،
پوءِ هي ساهيڙين جي آٿت تسلي ڪا نہ ڏئي ٿي،
پورو ٿيڻ تي ٿيو آ سالُ !
باقي اوريون ڪهڙو حالُ !

◈

باھہ وڇوڙا شال لَڳيئي، جان جدائي ڪائي،
ساجن !
توريءَ سارَ ستائي !

هوءَ ڇُڳي انگورن جي جيان ڪتي ڪِڙِي آ اُپ مٿان،
جهرٽي ۾ ٿيون ڪيڏن مڇيون عڪس جنهن جي سان،
ڪنول ڪڙي ۽ وچ ۾ پنهي ۾ جهمِريون ٿو پائي،
ساجن !
توريءَ سارَ ستائي !

پڪي وجي ٿو پر ڦڙڪايون پنهنجي ساٿين پويان،
آءُ بہ تنهنجي ڳولا ۾ ئي خيال پئي ٿي ڪويان،
گهر پرائو پئي ٿي پانيان، ڪٿ بہ پئي ٿي ڪائي،
ساجن !
توريءَ سارَ ستائي !

پهريان دَسَ هنيا جو ڪڪڙن ساھہ ٿڌا ٿي پريان،
سپنن سان سپ موجون ماڻن ڪارون آءُ ڪريان،
گهيرٽ پويان گهيرٽ ۾ ڪو گهايل دلڙي گهائي،
ساجن !
توريءَ سارَ ستائي !

چيهي چُٽڪي تانگهہ وڌائي، رَت پرھہ تي آءُ،
ماڪ منجهان را منهنڙو ڌوئي گلڙن مان وٺ ساءُ،
اُلڪا، اُڊڪا، اوسيئڙا ڏئي، چين وئين چورائي،
ساجن !
توريءَ سارَ ستائي !

◈



ڪنول ٻڪ ۾ چنڊ

لنوءَ توهان سان ساجن لائِي،
ساهن ۾ سرهاڻ سمائِي !

ڪينجهر ۾ جيئن ڪنول ٽهي ٿو،
ڪو بہ نہ ان جو بدل ٿئي ٿو،
ڏوران اهڙو ڏيک ڏئي ٿو،
مئي جو پيالو جهمريون پائي!
ساهن ۾ سرهاڻ سمائي !

ناوءَ پري ڪان آڙي پاسي،
آب ڪجيءَ جي تاڙي پاسي،
تنهن تي جهڙ جي ساڙهي پاسي،
منظر من ۾ موج مَچائي !
ساهن ۾ سرهاڻ سمائي !

چال مچين جا پاڻيءَ چر تي،
تجلا ڏين ٿيون ساري سَرَ تي،
ڪوڙ ميارون آهن وَرَ تي،
ڪهل نہ جنهن کي تِرجي آئي !
ساهن ۾ سرهاڻ سمائي !

چا تہ گهڙيليون ڪينجهر ڪپ تي،
ڳالهہ ملڻ جي تو سان چپ تي،
گهڙا رکي ۽ ويهي گپ تي،
سُر ۾ سيند وڄائي !
ساهن ۾ سرهاڻ سمائي !

اهڙي تو لئہ ٿي هان آتي،
جو نہ وڻي ٿي هاڻ حياتي،
تنهنجي قرب جي ڪنڌ تي ڪاتي،
مون آ پيڙا پل پل پائي !
ساهن ۾ سرهاڻ سمائي !

◈





موسم ميڙ مُکي ٿئي منڙا! ٻير اچي ٻيرين جا چاڻ،
تہ پوءِ جيئن ٿئي ڪا روح رهاڻ !

ڪڪري اپ ۾ جهمريون هڻندي،
خوب ٺهي ٿي وڪڙون ڪڻندي،
اوسيئڙو ٿي ٻنَ کي ويندو آهي مينهن وسڻ جي ڪاڻ،
تہ پوءِ جيئن ٿئي ڪا روح رهاڻ !

مينهن ڪٽين ڦوهار ڪئي جي،
واهوندن ولهار ڪئي جي،
پوءِ تہ پسگردائي پهچي ڪانپ ڪڇرين موجون ماڻ،
تہ پوءِ جيئن ٿئي ڪا روح رهاڻ !

آزيون نيازيون هاڻ ڪريان ٿي،
من جون موجون ماڻ چوان ٿي،
معاف انهي کي يار ڪٽي ڪر مون ۾ جيڪا آهي ڪاڻ،
تہ پوءِ جيئن ٿئي ڪا روح رهاڻ !

هيل بسنتي رُت ۾ سرچي،
موتي پئين جي پاڻ ئي پرچي،
پارت ٿئي جو پرچائي ۽ پريت پرينءَ کي ڪوٺي آڻ،
تہ پوءِ جيئن ٿئي ڪا روح رهاڻ !

ساهہ مٿان ڪو ناهہ پروسو،
کهڙي ڪل ڪو ڪيسين جيئندو،
دير گهڻي ٿي وئي آ جاني! هاڻي پنهنجي پار پلاڻ،
تہ پوءِ جيئن ٿئي ڪا روح رهاڻ !

◈

ساهه وري اڄ تو کي ساريو،
ساجن وعدا هيل ته پاريو !

ڇانيي جي ڦولار مٿان آ چانڊوڪيءَ ۾ تلور نچيو،
ڇاٽي واٽي ڇپيءَ مٿان آ پاڙهي ڇاڙهين پتنگ پڇيو،
ٿار وٽن سان پاڪر پائي پيار ڪري ٿي هير اچيو،
ڪوٽ نظاري ان ۾ تنهنجي هاءِ وجهي ٿي ماريو،
ساجن وعدا هيل ته پاريو !

ڪٽڪون آپونءَ جي لئه آتيون، جهار پئي ٿي جهوتون پائي،
ان تي سر سهائي آئي ڪانياٽيءَ جو ڏڪ لنوائي،
سانگ سيئي پيا يار سڏينئي ور ور سان واجهائي،
سمي انهيءَ ۾ سچ پو سائين ٿاٽو هيئن نه ٿاريو،
ساجن وعدا هيل ته پاريو !

موسم جو ڪو قدر ڪيو ۽ وهيءَ مٿان ويچار ڪيو،
پيار پڪارئي پريتم ان ڪان هيئن نه ڪن لاٿار ڪيو،
جنهن جو جيئڻ تو سان سونهين، ڇني نه تنهن کي ڏار ڪيو،
ڪَتِيءَ نه ملئين، چيٽ اندر ئي چار گهڙيون گڏ گهاريو،
ساجن وعدا هيل ته پاريو !

ويڙهو منهنجو وري وسائج دير نه ڪر ۽ ساجهر آءُ،
پاڻ ئي پرجي ويندو جيڪو دل کي رسيو آ هي گهاءُ،
ٻُنيو وَڄُ ڀڪائي منهنجو ڪري ڇئونري ۾ ڪو چاءُ،
ڏينهن ڪان جو آهه اُجهاٽل، ڏيئو هاڻ ته ٻاريو،
ساجن وعدا هيل ته پاريو !

◈






ايڏيون گهاريون وجهو نه گهوٽ،
او ساجن !
هاڻ سگهو ڪر موٽ !

سائو آهي فصل ڪٽڪ جو ٽڪون مٿانئس ٿانڊاٽا،
ماڪيءَ مکيون، پونئرا، پوپٽ ان ڏي اچن اُڏاٽا،
محبت جي ماحول انهي ۾ تنهنجي ڪائي ڪوٽ،
او ساجن !
هاڻ سگهو ڪر موٽ !

اکين اٽيون موتين ڪٽيون ڏند ته چڻ رابيل ڪڙن،
گهوري گهائن جيئن ئي تن سان مدت پڇاڙا ميل ٿين،
بيوس ساهه بدن ڇڏي ويو، چريو ڪيو آ چوٽ،
او ساجن !
هاڻ سگهو ڪر موٽ !

پير، ڦريون ۽ ڦوٽا اُڪِريا، ڪٽڪن آپون تو کي سارن،
ڦالون پايان مورو ٻڪايان، نيڻ وڇايان تنهنجي چارن،
ور ور ڪانگ اڏايم تو ڏي، ملي نه ڪا ئي موٽ،
او ساجن !
هاڻ سگهو ڪر موٽ !

جاني تو سان جيءُ لڳائي ڪڏهن نه سنپيران سڪ جو ساهه،
موسم ڦرندي تنهنجي ملڻ لئه پيو پڪاري پل پل چاهه،
موٽيون اکڙيون ماڳ ڏسي ۽ ڪنڌيون نهاري ڪوٽ،
او ساجن !
هاڻ سگهو ڪر موٽ !

◈

تو ڪي پڪاري پيار ٿو هاڻي تہ ڪر اچڻ جي !

تنهنجي وئي پڇاڻان، مون سان تہ ٿي آ ڏاڍي،
هاڻي رهي نہ طاقت، صدما اچا سهڻ جي،
ٻيرين آ مند پڇڻ جي،
هاڻي تہ ڪر اچڻ جي !

ڳڻتين جا ڳوٽ ٻڌيا، اُڌمن جا انسنا ٿيا،
سورن جا سو بهانا، تياري آ مچ مچڻ جي،
سگهہ نہ آ رهي بچڻ جي،
هاڻي تہ ڪر اچڻ جي !

تنهنجي ٻڌي اچڻ جو ماپان نہ پاڻ ۾ ٿي،
ڪر ماڙ هن مُنيءَ تي، جيڪا بہ ٿئي جڇڻ جي،
نورا ٻڌي نچڻ جي،
هاڻي تہ ڪر اچڻ جي !

منڙو اداس آهي، ان ڪي نہ آزمايو،
رهي سُڪت ناهہ مون ۾، گوندر اندر گڇڻ جي،
رنگ ۾ اِئين رچڻ جي،
هاڻي تہ ڪر اچڻ جي !

◈


www.sindhsalamat.com

ڪنول ٻڪ ۾ چنڊ

ڏک ۾ ٿي ڏيل ڏاريان ـ نيڻن جا ديپ ٻاريان!

تنهنجون نهاري واٽون، نيڻن سان دڳ ٻهاريان،
ان آس تي تہ ايندين،
۽ منت تون مڃيندين،
توکي پئي ٿي ساريان ـ نيڻن جا ديپ ٻاريان!

ويسهہ ڪري وچن جو، واٽون پئي نهاريان،
ڪنڊين ۾ ٻور ڪڙيا،
جن تي مکا بہ مڙيا،
تو تان وجود واريان ـ نيڻن جا ديپ ٻاريان!

توريءَ ٿيو سال پورو، گهر ۾ مان ڪِيئن گهاريان،
اُلڪا اندر ٿا کائن،
تنهنجا وچن ستائن،
هئہ هئہ هنجون ٿي هاريان ـ نيڻن جا ديپ ٻاريان!

ڪنهن کي نہ ڪَلَ تہ ڪيئن مان ٿَرسِڪي ۽ ٿاڻا ٿاريان،
منڙو نہ ٿو مڃي ڙي !
ساڪون ڏيان ٿي توڙي،
پرين کي پئي پڪاريان ـ نيڻن جا ديپ ٻاريان!

نت نت توهان کي نئين سِر سڪ سان پئي سنڀاريان،
جيءُ جاءِ ناهي تو ري،
گس گس تان پاڻ گهوري،
واٽن تي آءٌ ٿي واريان ـ نيڻن جا ديپ ٻاريان!

◈


www.sindhsalamat.com

هنجون دل پچي ٿي تہ هاريان بہ ڪيئن،
هتي تو بنا ڇئہ گذاريان بہ ڪيئن !

سهيلين ڪيو آ اچڻ جو انگل،
جواني ڪڙي ۾ ڪيو آهہ ڀَلُ،
نچي ٿو پيو پيار ۾ پل پل،
مگر آهہ منڙو هي توريءَ ٿڪل _ انهيءَ کي پلا مان ڏُتاريان بہ ڪيئن،
هتي تو بنا ڇئہ گذاريان بہ ڪيئن !

رهي تو طرف ٿو سدا ساهہ تنگُ،
اُٿهئي اندر مان اٿي ٿو اُمنگ،
جيئڻ جو نہ مون ۾ رهيو آهي ڍنگ،
تڏهن پيي تہ تنهنجوئي آهيان مان ننگ _ اڳيان پين تو کي سنپاريان بہ ڪيئن،
هتي تو بنا ڇئہ گذاريان بہ ڪيئن !

ڇيو چِتُ بہ منهنجو نہ ٿو هي ڪري،
جڏهن ڪان ٿيو آهين ان ڪان پري،
جيئڻ جنهنجو تو سان ۽ تو سان مري،
انهي کي ڪڏهن يار لايو ڳري _ نہ ٿو جيڪو ريجهي، روئاريان بہ ڪيئن،
هتي تو بنا ڇئہ گذاريان بہ ڪيئن !

ڪري ڏاڍ مڙسي نہ منٿون مڃي،
ٿي وَهَلُوُر هيئنڙو هٿن مان وڃي،
رکيو ساهہ آرو آ تو ڏي سڄين،
هنيون ناهي ٻالڪ جو پيرو پڇي _ انهي کي ڏئي ٿول ٿاريان بہ ڪيئن،
هتي تو بنا ڇئہ گذاريان بہ ڪيئن !

◈


www.sindhsalamat.com



جهين تي سوين سج اڀري لٿا،
انهيءَ تي تہ ساري خدائي ڪُٺِي !

پئي ٻانهن جي لوڏ ڪيڏي ٺهي،
جهين ساڻ ساعت بہ پئي لک لهي،
اُڪنڍ ٿي اندر ۾ جهين جي رهي،
تهين ساڻ ليڪا بہ ڪهڙا ڪبا،
انهيءَ تي تہ ساري خدائي ڪُٺِي !

اندر ۾ وجهي جهير ٿي سک سوين،
پرين ڪان اچي ڪانگ جڏهين لنوين،
متا! منٿ تي ڀي جي پرچي پوين،
ٻُڌِيءَ جا بہ ٻيٽا ٿي چڻ ڪِي پيا،
انهيءَ تي تہ ساري خدائي ڪُٺِي !

نہ ماڻهو مُڪُئيءُ ۾ نہ ڪو پاڻ آئين،
اڃا ڇو اسان کي پيو آزمائين،
نہ ڪوئي ڇڏينءِ ٿو، نہ ڪوئي نڀائين،
اسان توکي ارپي ڇڏي زندگي آ،
انهيءَ تي تہ ساري خدائي ڪُٺِي !

ٻنين مان وئي پوک سايون نہ ٿيون،
توهان ريءَ ڪنهن ڪم جون مايون نہ ٿيون،
پٽائيءَ جون وايون بہ ڳايون نہ ٿيون،
رهياسي نہ روحن نہ جسمن سندا،
انهيءَ تي تہ ساري خدائي ڪُٺِي !

◈



www.sindhsalamat.com

بسنت اندر جيئن هر شيءِ پُوري،
ياد توهان جي ائين اچي ٿي !

ڪلهه نه ٿو ڏئي خيال توهان ريءَ،
مونجهو من، ملال توهان ريءَ،
ڪو نه رهيو آ حال توهان ريءَ،
پريت جي پيڙا سڪ جي سوري، جان جلائي جذبن ڪوري،
ياد توهان جي ائين اچي ٿي !

ايڏو چا لئه دور هليو وئين،
ڪڪرن رت جي پور هليو وئين،
جيءُ ڪري وهلور هليو وئين،
رهجي ويئي ڳالهه اڌوري، جا نه اجا ڪئي هئي سين پوري،
ياد توهان جي ائين اچي ٿي !

جڻ ته مليو هئين خوابن ۾ ئي،
ڏنڌلي ياد اچي ٿي پيئي،
ڏکين گهڙين ۾ ساٿ ڏنيئي،
پر چو ڪيڏئين اکر نه پوري، رهجي ويئي سڪ سموري،
ياد توهان جي ائين اچي ٿي !

ملڻ نه ٿو ٿئي، تون ته هجين هان،
جنهن جي دم سان جيئان پئي مان،
تو ڪان پو، هت ڪنهن جي سڄان !؟
دل ڪي پانءُ نه پئي ٿي دوري، سهپ اڳيئي پوري سوري،
ياد توهان جي ائين اچي ٿي !

◈





ڳائي ڪوئي راڳ ٻهاڳ،
من ڪي آچي جڻ ويراڳ !

ڪاٿي هوندين، ڪنهن جو هوندين، منهنجي ياد ته هُرَندي هوندئي،
سُڏڪا ڏيندي، ڦتڪيون پائي، دل جي ڪُنڊ ۾ ڪُرَندي هوندئي،
جذبن جي جهنجهوڙ ٿيڻ تي جان به جاني جهرَندي هوندئي،
تڏهين دل پي گهرَندي هوندئي،
مون سان چانڊوڪيءَ ۾ چاڳ !

ماڪ ڏُڪي ءِ موتئي مُڪَ تي چاهه چمين جي چوٽ ڪري ٿي،
منهنجي من ريءَ ايڏو پرتي تنهنجي پوءِ ڪيئن ساهه سري ٿي،
راتيون جاڳي ننڊ ڦتايم، تيهين رات به هاڻ ٺري ٿي،
دل ۾ ان لئه باهه ٻري ٿي،
چو نه آلاپيئين روڳن راڳ !

ساوا تارا، ڀور ڏُڪي ءِ چمي ٿو ڦر ڪي اچي جئين،
ماناري تي ماڪيءَ جي مڪ اُڏندي ڪڏندي هاءِ نچي جئين،
ساز سُرن ۾ ڳائيندڙ جو آواز وڃي ٿو رچي جئين،
مون ڪان پڇين ٿو سچي جئين،
تو سان واڳيل ائين آ ڀاڳ !

مند تي جهولا، مند تي پارا، مند تي مهڪي ماڳ پوي ٿو،
مند مَتي نه آ ڪنهن به انهن مان، مند تي موتي ساڳ پوي ٿو،
مند تي چيٽ، ڪَتِي ٻئي موتيا، مند تي ڦڳڻ، ڦاڳ پوي ٿو،
تو سان موتي ڀاڳ پوي ٿو،
تون به ته مند سان جاڳ !

◈

مون ڪان مور نٽي وسري ٺي مند اها مٺ ماتي،
تو سان آهه حياتي !

لال ڳتول ڳلن مان چو اڄ هُڙٻاٽيون بنجي آهن ويئون،
ابرڪ تجلا اڱ ها تن ۾ چا لئه چالون پيئون،
جواني تنهن آ ڪاڏي نيئي، جنهن لئه دلڙي آتي،
تو سان آهه حياتي !

ڳُنڌيل وار ڳتيِوِن ٽي پيا هن جن ۾ چمڪ نه ڌمڪ رهي آ،
ٻُسن ڪنن ۾ نڪ ٻُسي سان وِهه وئي بنجي جڻ ته وهي آ،
پار نهاريان تنهنجي پيئي، هر هر پائي جهاتي،
تو سان آهه حياتي !

مسڪينيءَ ڪي موت لڳي شل جنهن هي ويڏن ويل ڪيا هن،
اٽپورا ارمان ۾ آسون، ويا ڪل بنجي هيل پيا هن،
وِڃا سموري مون ڪان ويئي، طلب هئي مون تاتي،
تو سان آهه حياتي !

پوءِ به سورَ توهان جا سانڍي دانُ گهرڻ تو در تان چاهيان،
آءُ ازالو ڪرڻ انهي جو تنهنجي در تي آئي آهيان،
ڳالهيون هلنديون هونءَ گهٽيئي، ڳالهه توهان جي ڳاتي،
تو سان آهه حياتي !

تنهنجون ساڳيون جولانيون مان آٽڻ جي لئه آهيان آتو،
پوءِ ڪشالا سارا ڪيندس جيڪي منهن ۾ آيا ماتو،
قرب ڪري تو مون سان ڪيئن، لونءَ آ ساجن لاتي،
تو سان آهه حياتي !

◈


www.sindhsalamat.com

ڪنول ٻڪ ۾ چنڊ

چنڊ دريءَ مان هاڻ نهاري ڳالهه ڪئي آ، تنهنجي ڪن ۾،
تڙپ وڌي ٿي تن ۾ !

ڏڻ ورائي واڙي اندر ڪَڙَهُون ٻُوٽي چڏيون سي،
پاڙي اوڙي پهون ملائي چيڪ چرڻ لاءِ گڏيون سي،
ڦرڙن چوڙي چانگون چن ۾،
تڙپ وڌي ٿي تن ۾ !

موسم مهٽا مون ڪي ڏئي ٿي،لوڪ به مهٽا ڏيندو،
ڏوم مچائي واءَ چڏي آ، شايد اڄ هو ايندو،
موج اچي وئي آهي من ۾،
تڙپ وڌي ٿي تن ۾ !

آپي ۾ من ڪين اچي ٿو پاڻ به گهوري ور تان،
جڏهن تياري اڪين ڏنائين گهمَندي ان جي گهر تان،
ڪوءِ ۾ پرجي ويئي ڪن ۾،
تڙپ وڌي ٿي تن ۾ !

واءَ نياپا اهڙا آندا جوءِ بڻي پئي مستاني،
سانگ سجايا سارا ٿيندا،آءُ ته هلي او جاني!
پريت پچارون پيئون پن ۾،
تڙپ وڌي ٿي تن ۾ !

توسان رشتو، تو سان ناتو، تو سان سنگ ۾ سياڪا،
تنهنجي ڳولا، تنهنجون ڳالهيون، واءَ مان سڏنئين واڪا،
هوءَ جا بين وچي ٿي بن ۾،
تڙپ وڌي ٿي تن ۾ !

◈


www.sindhsalamat.com

جئين سانگ ساوڻ ڪري ٿا نچن،
اڪيرون اوهيرا ڪري ٿيون اچن!

پکي لام تان پيو پڪارون ڪري، جهين جي نہ ساجن سوا ڄڻ سري،
ڏريو ڏيل جنهن جو پيو ٿو ڏري. ٿڌا ساهہ پيو ٿو هوا ۾ ڀري،
اڪيرون اوهيرا ڪري ٿيون اچن!

ڪڪرُ لڙڪ لاڙي ۽ پٽڪي پيو، وَسيِ بر مٿان ۽ وسونءَ ڏي ويو،
چيو دل جو شايد، انهي جي نہ ڪيو، سڄي رات رڻ ۾ ئي رُلندو رهيو،
اڪيرون اوهيرا ڪري ٿيون اچن!

جتائون چڊيون رات چوڙي ائين ، پيپوتي بدن کي جئين ناهن نئين،
اجا پي پيو ڏڪ انهن کي ڏئين، خبر ناهہ خوش ڇا منجهان ٿو ٿئين،
اڪيرون اوهيرا ڪري ٿيون اچن!

اسان جي اڱڻ تي ڪڏهن يار ايندين، خوشيءَ سان ڪٽي پاڻ سان گڏ گڏيندين،
گڏڻ جي پڄاڻان نہ ڪڏهن ڇڏيندين. اها منٿ هڪڙي ئي منهنجي منجيندين،
اڪيرون اوهيرا ڪري ٿيون اچن!

پتڻ پار پوڪار پولار ۾ آ، سڄو ڏيهہ واڳيو سنڌءِ سار ۾ آ،
اجان سج بہ ٿيو مس ئي اوپار ۾ آ، اسان جو ٿنگيو من سنڌءِ پار ۾ آ،
اڪيرون اوهيرا ڪري ٿيون اچن!

ڪئي شام رنگت ڪُنگوءَ لام آ، وٺي بوند هر ڪنهن گسين گام آ،
هوا جي نشيلو ڪيو جام آ، توهان جي اچڻ جي ملي مام آ،
اڪيرون اوهيرا ڪري ٿيون اچن!

◈






ملڻ سان موت محبت جي، اهي رائل ۽ مائل ٿيا،
انهيءَ ڪان پوءِ هي اڏما وري، ٻيهر بہ گهائل ٿيا!

ٻڌي آمد سندا افواهہ، ٽڙيا رابيل راهن سان،
نچاور سج ڪيا ڪرڻا، مٿان نازڪ نگاهن سان،
اسان پي آجيان جي لئہ، اچي پهتاسين آهُن سان،
ملي نہ آ موت موچاري، نہ ڪوئي منهن مقابل ٿيا،
انهيءَ ڪان پوءِ هي اڏما وري، ٻيهر بہ گهائل ٿيا!

نگهہ جي گهور هڪڙيءَ سان نشا سپ ويا سَرُ ٿي،
اسان سان پيار ۾ پيارا وئي اهڙي تہ آ پَر ٿي،
وٽان تنهنجي اڳيان ڦرندي گهمان توڙي پنهنجي گهر ٿي،
توهان جي پيار کي پوڄي ۽ جذبا تو ڏي مائل ٿيا،
انهيءَ ڪان پوءِ هي اڏما وري، ٻيهر بہ گهائل ٿيا!

جڏهن ڪان يار جلون کي، ڪري مانو هليو آن ويو،
تڏهن ڪان تڙپ پيدا ٿي، پسڻ خاطر ٿيو جياپو،
مرڻ جيئڻ جي وچ وارو، اسان جو حال آهي ٿيو،
پڇي پڙِمان، ڪرب ڪاٽي، توهان جي قرب قابل ٿيا،
انهي ڪان پوءِ هي اڏما وري، ٻيهر بہ گهائل ٿيا!

ٿيو جي پيار، پو ڇا هي، پري رهندي بہ جيئبو پيو،
وري مينهن جي مند ۾ گڏ، پري ۽ پوڄ پيئبو پيو،
ڪري ٿاڪن مٿان ٿاٽا، وري ويجهو بہ ٿيئبو پيو،
سڄي هن بحث ڪان پو مس، وڃي توساڻ قائل ٿيا،
انهيءَ ڪان پوءِ هي اڏما وري ٻيهر نہ گهائل ٿيا!

◈

توسوا آ، تات تايو، تَرُ ڪٽي،
هاڻ، ساجن وَرُ ڪٽي !

ڏيل جي هيءَ دانهن، مورن ناچ ٿو ساري سمون،
مينهن جي سا مند ساري ڏٺ ۾ ڏونرا، ڇمون،
تئين تنهنجي يار موٽڻ جو ٿيو آ تن تمو،
پنڌ تنهنجا پئي نهاريان ڪَرُ ڪٽي،
هاڻ ساجن ور ڪٽي !

ڪوڪ ڪوئل جي لڳي واڪو اوهان جي ووڙ ۾،
جيئن پاٽيءَ گهرج بڪندي آ، هرڻ جي ڊوڙ ۾،
تانگهہ تاڙي جي تنوارن جي گگن جي گوڙ ۾،
آءُ تہ تو تان، هوند گهوريان، گهر ڪٽي،
هاڻ ساجن ور ڪٽي !

مند گلابي ويس پاتا، سڳند جي سينگار سان،
ڳهہ ٻڌا ٿيڙوءَ ڪتيءَ پيي، انبر جي رخسار سان،
تازگي تن ۾ پري آ، ماڪ جي ڇٽڪار سان،
پرهہ ڇيڙيا سُرَ سمورا، پَرُ ڪٽي،
هاڻ ساجن ور ڪٽي !

چانڊنيءَ ڪرڻن ڪئي ورڪا پئي واڻن مٿان،
موٽ مينديءَ ڏار ڪي، آهي ملي ان جي هٿان،
ساٿ ۾ سينگاريل هر شئي نهي ٿي پئي سٿان،
تنهنجي واسيو آ، سڳنڌين سَرُ ڪٽي،
هاڻ ساجن ور ڪٽي !

◈






اهو وقت ايندو، نہ هئي سوچ ڏارا،
اهو وقت ايندو!

اڃا مور ٿهڪن، اهو ڪيئن ٿيندو،
اڃا پول ٻهڪن، اهو ڪيئن ٿيندو،
اڃا مُڪَ مهڪن، اهو ڪيئن ٿيندو،
اهو ڪيئن ٿيندو، توهان بن او پيارا!
اهو ڪيئن ٿيندو!

جياپو توهان رِيءَ پيو ڏُک ئي ڏيندو،
سڄڻ، ساهہ ساري پيو ڏک ئي ڏيندو،
هنجون هيئنڙو هاري پيو ڏک ئي ڏيندو،
پيو ڏک ئي ڏيندو، ڏسي من نظارا،
پيو ڏک ئي ڏيندو!

ڦٽائي سڄو پاڳ پوءِ ننڊ نيندو،
اسان جي اهو راڳ پوءِ ننڊ نيندو،
توهان ريءَ مٿا ماڳ پوءِ ننڊ نيندو،
پوءِ ننڊ بہ نيندو، ڏسي چاهہ چارا،
پوءِ ننڊ نيندو !

هليو يار توري ائين ساهہ ويندو،
ڪوئي چنگ چوري ائين ساهہ ويندو،
مٿان تنهنجي گهوري ائين ساهہ ويندو،
ائين ساهہ ويندو، جئين صبح تارا،
ائين ساهہ ويندو !

◈

هي ٿوهر گلن جو رتو رنگ ڏسي ــ پيو من ڦسي آ سڄڻ تو سوا،
سو تنهنجي اچڻ جا پِروُن ٿي پيا !

سَنِدي ماڪ ور ڪا آ، موتين جيان ــ ٻڻي، جنهن سان بر ڪا آ، جوتيُنِ جيان،
جهين ڪي ڏسي، سڀ ڪو سمجهي سگهي، تنهنجي آمد سندي،آهہ موسم اها،
سو تنهنجي اچڻ جا پِروُن ٿي پيا !

هي ويسهہ وِسُوڙل هنيئون پيو پَڇِي ــ ويس آءٌ واٿون نهاري وَڃِي،
نہ ڪي اڄ بہ آئين اگڙ هي نلها، اندر پيا ايذائن وڏي وِسِوسا،
سو تنهنجي اچڻ جا پِروُن ٿي پيا !

لنوين ڪانگ لاتيون وڃايو چِڏي ــ هي تاڙنِ تنوارون اسان جي تڏي،
ڪيا سانگ سارنگ ۽ ڪنوٽيون ڪِنوَن ــ ٿيا سال ڪيئي جو،تو ڪان سوا،
سو تنهنجي اچڻ جا پِروُن ٿي پيا !

ٿي هڏڪي ٿئي ۽ ڦَرِيو اک ڦَري ــ ٽُڪَرَ پور ڪانوان تہ، هٿ مان ڪري،
ڏئي ڪڙهہ ڪڙڪو پرينءَ جو پتو، ڪريان ننڊ خوابن مان ڇرڪي اٿان،
سو تنهنجي اچڻ جا پِروُن ٿي پيا !

سگر سوڪ سيڪي ٿي تولئہ رڪان ــ ذرو جهڻ نہ توريءَ ٿي مورئون ڇڪان،
دلن ۾ پري جيڪو پاٽي رڪيم، اهو يَخ نري ڳگَ ٿي پيو مٺا !
سو تنهنجي اچڻ جا پِروُن ٿي پيا !

◈





رُتيون رات ڪوئل جئين ڳاتڙيون،
مون ڪي سانپر ۾ پهريون هُريون باتڙيون!

ڪُنگُوءَ جيئن لڏن پيا لَيُنِ لاَم ۾،
تِئين سار گذري ويل شاَم ۾،
نگاهون سڏن پاڻ ڏي جام ۾،
ڇا تہ آهي مزو ان تَڙَپَ، ڪام ۾،
مان بہ ڪنهن لاءِ جاڳي تڪيان راتڙيون،
مون ڪي سانپر ۾ پهريون هُريون باتڙيون!

اجا هاڻ ساوڻ وسي مس پُنو،
اجا ڪو نہ پرتو ئي هيئنڙو رُنو،
اجا ڪو نہ چڙهيو ڪو ڪونيٽ ڪُنو،
ڇو پنهنجو بہ منڙو پيو ٿي پنو،
لڳيون ڏيلَ ۾ ياد جون ڪاتڙيون،
مون ڪي سانپر ۾ پهريون هُريون باتڙيون!

اندر جي اجا ڇهه تري ڪا نه آ،
چُلهي باهه ڪنهن ۾ ٻري ڪا نه آ،
اڇڻ جي اجا مند وري ڪا نه آ،
مڃي هيءَ سگهي دل ڇري ڪا نه آ،
وجهي جيءَ جهروڪي منجهان جهاتڙيون،
مون کي سانپر ۾ پهريون هُريون باتڙيون!

نِتَرُ نيهنَ ناتو نه تو ڪجهه مڃي،
تو وهلور ويرم پوڻ ۾ وڃي،
سڃو خيال تو ڏي رکيو جنهن سڃي،
هٿن آڱريون ۾ ڪَرايون پڇي،
رُڳو لونءَ لڳيءَ جون لنوين لاتڙيون،
مون کي سانپر ۾ پهريون هُريون باتڙيون!

◈



ڪنول پڪ ۾ چنڊ

روپ جا جلوا جهتڻ جي مشق آ لفظن ڪئي،
ڪيتري سا سودمند ٿي، ڪيتري بيسود وئي !

خيال تنهنجا گل گلابي، سوچ چڻ سورج مکي،
ماڪ موهيڙن مٿان موتين جيان دل ڪي ٻڪي،
مرڪ سان مهڪي چتاءَ ٿيا ڇُڳهه ڳلن جا ايئن پئي،
چڻ ته صوفن جي وٽن مان آ ٿتي جوڙي پئي !

وار گهاتا پوهءَ ڪارا چڻ گهنڊيون ناهن چلا،
نيڻ هرٽيءَ چرڪيل جيان، ڪرت ۾ چڻ ڪا ڪلا،
اڻ چئي ڪا ڳالهه آهي نظر هڪ سان تو ڪئي،
جنهن پڇاڻان جان هيءَ آهي هٿن مان چڻ وئي !

سارنگي تي پول پولي راز پئي ڪولي چڏي،
چاهه جي ڪا چٽنگ چولي ۾ تڦولي پئي گڏي،
ڏور هوندي ڏور ناهي من اندر پولي پئي،
جي نه اڳ سليا ڪهين سي راز نِتُ ڪولي پئي !

ٿي هوا جهوتو سگهي ٿي ڏڪڻ جي ڏوليءَ اندر،
ماءُ جي جهوليءَ جيان لوليءَ سندي پوليءَ اندر،
جيل جي ڪوليءَ اندر جا چنڊ ڪِڙِي قيديءَ ڪي چئي،
ڳالهه سا ئي تو بنا ساوڻ منهنجي ڪن ۾ ڪئي !

جيئن ويو هو مينهن اوڪاٽي ته اندلٽ ٿي پَئِينءَ،
يا اُتي جي هير ۾ ئي جذب ٿي پوري وئين،
يا ڪنگوءَ تارن سان گڏ لُڏندڙ لڳين ٿي پئي لَئِي،
يا اُنهيءَ ئي ڏَن مٿان آ سُرمندل وائي چئي !

◈

ڪَڙيءَ انهيءَ تي جوين تنهنجو آهہ رسيو جو، تو ڪي،
بلڪل ناهي اونَ ـ
تہ ڪنهن جي ڪيئن حياتي گذري !

واتون واجهائيندي ٿڪيس، توريءَ خوابن سان ئي ٻڪيس،
چاهت چيتاري ۾ ڪڪيس، دل کي آٿت ڏيئي رکيس،
ويل اڇڻ جي يار گُسي وئي، پاڻ پڇاڙيان آءُ رڳوئي،
تون ٿو ڄاڻين ڇو نہ ـ
تہ ڪنهن جي ڪيئن حياتي گذري !

آءُ گهڙي ۾ پاڻي اوتي، ڳُوڙهو، گهرو سوچيان تو تي،
باهہ ڏئي هن ساڙيان ٻوتي، جو نہ قبولِيُئيءَ ڏوتي پوتي،
ساهہ لُڪيءَ ۾ جان تي سڪتو، سُنُ ٿي جيءُ بدن ۾ آ ويو،
ڪهڪاءُ پيو ٿي ڪو نہ ـ
تہ ڪنهن جي ڪيئن حياتي گذري !

گوڙ گگن ۾ رَعد ڪري ٿو، وس وڏيءَ سان تَس پري ٿو،
وڻن گلن جو هانءُ ٺري ٿو، چاهہُ ٿڌا ڪي ساهہُ پري ٿو،
هر ڪا پرينءَ جي اوسي پاسي، پيار ونديندي مڪڙي پاسي،
مون وٽ آهي هو نہ ـ
تہ مُنهِن جِي ڪيئن حياتي گذري !

ڇو نہ انهي ڪان پاڻُ جَلائي، گهات ڪجي هن من کي گهائي،
هاڻي باقي رهيو ڇاهي!؟ ڇو نہ ڇڏيون لاڳاپا لاهي،
هوندن سان ئي لاڳاپن جو، لاڳو آهي رشتو ناتو،
مون کي ڇئجان پو نہ ـ
تہ منهنجي ڪيئن حياتي گذري !

◈





وجي پاڻي پريو تڙ تان، مٿي تي ٻن گهڙن ٽُپڪا،
گهڙو ٿو ڏاک تي ڇلڪي،
اسان جا نيڻ آلا ٿيا !

تلا سَرتين سندا تهہ تهہ، ڪندا ٿا ڪوهہ ڏي ڪاهن،
مگر ٿا نيڻ واجهائن، تنين ڏي جي پيا چاهن،
پري سي تير نظرن جا، ڪٽي سڪندن اڳيان ساهن،
مگر هو پاڻ وارا، ساڻ ڇو تن ساڻ اچ ناهن!
وڃائي آ ڇڏيو اُلڪي،
اسان جا نيڻ آلا ٿيا !

وري مصريءَ سنگن جي ۾ الاچن آچ ٿي پئي ٿئي،
سنيها سڪ سندا سپ ڪا سندس سينڌيُن اڳيان پئي نئي،
ولر ڪان ڪونج جا وڇڙي، انهيءَ جا ڏَس نہ ٿي ڪا ڏئي،
ڇڏيو جهوري وري موٽي اسان کي ڇڻ تہ خالي لِئي،
ڏڪائي ان وڏو ڪُتڪي،
اسان جا نيڻ آلا ٿيا !

ٻين جا منهن پيا ٻهڪن، نگهہ سپ ڪنهن جي ناريءَ ۾،
اسان جي اک پئي ڳولي انهيءَ ڪي سونهن ساريءَ ۾،
ڪِلن خوش ٿي سيئي پر هوءَ ٻُري چو ڪين ٻاريءَ ۾،
سچو ايئن ڏينهن گذري ويو اسان جو انتظاريءَ ۾،
سوا ڪنهن ڪاڏ ءِ ڦُلِڪي،
اسان جا نيڻ آلا ٿيا !

اُها جو ڪنوار ٿي ويئي تہ ٿي ويا ڪوهہ پي ڪارا،
نہ ڪا آ پيڙَ سا پَرِ تي، نہ ڪو شوقين لامارا،
نہ ڪا رونق نہ ڪي رَمزون، نہ ڪو، ڪي نينهن جا نعرا،
ٿِڙي پڪڙي ويو سپ ڪو رڳو روئن ٿا مُون پارا،
پيو ٿو سور چِتَ چُٽِڪي،
اسان جا نيڻ آلا ٿيا !

◈





نہ ٻي آڌر سهارو ڪو ـ رڳو هڪ ٻئي مٿان ٻاڙي،
اٿيئي ياد او ساجن !
تہ گڏجي هئا پٽيا پيرون !

اٿي اوشا نہ هي ننڊ مان، پرهہ ها پاند مس سويا،
صبح جي هير تي ترندا، پئي آيا پڪين ڇهڪا،
ستل جي خواب جي هنج ۾، اٿڻ جي ڪانہ ٿن آشا،
تڏهن ٻيئي ڏئي نيگون پٽڻ پيرون هليا هئاسين،
ڪبڙ جي لام ڪي لاڙي،
آٿيئِي ياد او ساجن !
تہ گڏجي هئا پٽيا پيرون !

اسان جو پيارٻاراٽيءَ اجا مند ۾ هئو پيارا!
اجا معصوميت سان پاڻ ڏنا هڪ ٻئي ڪي اشارا،
اجا هو راند جو رئونشو، اجا ڊوڙڻ ڊڪڻ سارا،
وري گڏجي منجهند جي مهل هڪ ٻئي سان مليا هئاسين،
سموري لوڪ ڪي تاڙي،
اٿيئي ياد او ساجن !
تہ گڏجي هئا پٽيا پيرون !

اويلن ۾ سويلن جي بنا پرواهه هليا هئاسين،
ذري جي ڳالهه تي روئندا، ذري جي تي کليا هئاسين،
بنا ٻي ڪنهن ضرورت جي رُڳو راندين ۾ مليا هئاسين،
ڪڏهن خوشين سندون ڪيرون، ڪڏهن سور به سليا هئاسين،
پتو پئي جيئن نه ڪو پاڙي،
اٿيئي ياد او ساجن !
ته گڏجي هئا پٽيا پيرون !

مٿان نڪرڻ بندش منهنجي پوڻ سان تو ڇڏيون رانديون،
رڳو آرس اڪيلائي، رڳو راتيون ڪٽيون وانديون،
جلي سارا ويا جذبا، دليون مٽجي ٿيون مانديون،
منجهان قسمت، وٺي وجهه ڪو، ڏئي ڏوڪو هليا هئاسين،
سڄون ساڙيليون ساڙي،
اٿيئي ياد او ساجن !
ته گڏجي هئا پٽيا پيرون !

◈


www.sindhsalamat.com



وِري دل مٿان اوچتو بوجهه ٿيو،
ڏُکيءَ کي اچي ڏَڏُ ڪو ئي ڏيو !

ٻَڏيِوُن ڇپر ڇيريون ڪٽين مينهن جون،
ملهائن مندون پيا نچي نينهن جون،
رڪئون پاڻ آسون انهيءَ ڏينهن جون،
مُکا جڏهن تو ساڻ ميلو ٿيو!
ڏکيءَ کي اچي ڏَڏُ ڪو ئي ڏيو !

وڳو بوسڪيءَ جو ڪو پائي سڄڻ!
ٻَڏي ٻُٽَ اجرڪ اچو ها پڇڻ،
گهمائي وجو پيرڙا ها اڱڻ،
جتي پاڻ هٿ ساڻ پيا پوڄ پيو!
ڏکيءَ کي اچي ڏَڏُ ڪو ئي ڏيو !

ڪنڊيءَ تي لنوي ڪانگ ڪوڙو نه آ،
اجايو ڪِريو هٿ مان چوڙو نه آ،
انهيءَ ڳالهه جو ڳَرُ ڪو ڳُوڙهو نه آ،
چون پار ٿا چڻ اچين تون پيو!
ڏکيءَ کي اچي ڏَڏُ ڪو ئي ڏيو !

ڇِڙيا جنڊ، واڙن ۾ ڏوڀو هلي،
ڏين مال کي گاهه پاڳيا ملي،
اچڻ جي چڏيم آس اج پي پلي،
ڇُڪيِ چنڊ چوٿونِ هي تو ڪي ويو!
ڏکيءَ کي اچي ڏَڏُ ڪو ئي ڏيو !

◈




www.sindhsalamat.com

ڏنو حال سڀ ڪنهن جو تنهنجي بنا،
پلي ڪار هر ڪو چوي دل وچان !

لُڏي ڏيِر ۾ جيئن ڪو ڍانڊي پَڪي،
نڙيءَ ۾ چڏي ٻينَ جنهن آ رَڪي،
لڏون لوڏ گڏجي انهيءَ سان سَڪي،
وڃون پينگهہ سان ايئن ٻهڪي ٻَڪي،
سڄو جڳ پيو جهومي اٿي پاڻ سان،
پلي ڪار هر ڪو چوي دل وچان !

هٽي چاڙپون ٻيرَ ٻيرِيُنِ پَٽِيُون،
جهڙالن مان ڪنوٽين جا جهومر جهٽيون،
پري چو نہ ماڪي مکڻ جون وَٽيون،
ورهائي ۽ ڪينو، ڪدورت ڪَٽيون،
جهنڊو ٿئي امن جو مٿي عرش ڪان،
پلي ڪار هر ڪو چوي دل وچان !






ستارن جو جهرمٽ هي ٽيڙو ڪَٽي،
پُلَيلَ ڪنهن مسافر لئہ ٻر ۾ ٻَتي،
چِنَلَ اُپ جي چادر مٿان جڻ ڇَتي،
ڪيم وس تن سان جو پنهنجي گَتي،
مگر ڪو نہ ترسيا هليا ويا هتان،
پلي ڪار هر ڪو چوي دل وچان !

ٻتيءَ ميڻ ۾ جيئن ڏاڳو ٻَري،
اوجاڳو اکين سان اِها پَرِ ڪَري،
وري پوءِ ٻہ هو ڪين ٿو جي وَري،
تہ اُڏمن، اوجاڳن سندي ڪيئن سَري،
نِپوڙي ڇڏي ساهہ ٿو جسم مان،
پلي ڪار هر ڪو چوي دل وچان !

اڏاميو ابابيل ڪاڏي ڪَهن،
ڪيان وينتون لک نہ مورئون مڃن،
وٺيو ساڻ مون کي نہ ٿا چو وڃن،
وري ڪَل آ ڪهڙي تہ پيرو پڇن،
چئي جيءُ هتان هاڻ هلي آءُ وڃان،
پلي ڪار هر ڪو چوي دل وچان !

◈

## دوها

سيڱ چڪي ڪو تير نظر جا، هڻندو آهي جيئن،
چنڊ ڏنو چڻ عيد جو، ڀِرون توهان جا ايئَن .

ڳالهہ ڳالهہ تي مرڪ توهان جي، منهن تي اپري ايئن،
چنڊ گهٽتا مان جهاتي پائي، آڪِ پَچي ٿو جيئن .

گهورين پنهنجو ساهہ ٿي، وڙهندي پيي تون واهہ،
واڳي بيوس آ ڪيو، تو ڪي اهڙو چاهہَ .

ڏيهہ ڏنگي ڪي ڪيئن سمجهايان، محبت جو هي ماڻ،
سِڪ پوءِ لهندي، جڏهن سمائي، ان ۾ وينديئن پاڻ .

جڏهن چڏي آ محبت پاتو، ماڻهن ملڪيت چاهُہ،
مزو هليو ويو ملڪ منجهان ۽ ماڻهو بک ۾ پاهُہ.

رشتا ناتا واءُ ويا ٿي، پاڙو پاڙئون ڏار،
گهوري مرندڙ انسانيت کي ڏنو پالڻهار.

محبت ڪارڻ ماڻهوءَ وٽ اڄ، وقت رهيو ئي ناهه،
هر ڪنهن کي اڄ حِرص سندي آ، ويڙهي ويئي باهه.

امن هليو ويو پَرَ ڪري ۽ ستَ سمندر پار،
ٻارن تان ٿا جهيڙا ٿيَنِ ۽ خَسِيسُ شين تان خار.

ڪي ڪي ماڻهو شاهه جا، شِڪرا ٿا سڏجن،
چو ته ڪُڪڙهي گهر جا، گهڙيءَ گهڙيءَ مارِنِ.

ڪي ڪي ماڻهو، جان به ڏين ٿا، امن ورائڻ لاءِ،
پر ڪي ماڻهو، راتو ڏينهان"پُر پُر ڇيڙا جنگ مچاءِ."

◈





## ڪجلا سَرُ "دوها"

ڪجلا سر جون ڪامڻيون، ڏيڍيءَ اک ڏسن،
ساري چاهت چت جي، پر ڪيو پوءِ به وچن.

ڪجلا سر جون ڪامڻيون، اوچي ڳاٽ اچن،
چڱن ڦيرا چوطرف، پهرا واسينگن.

ڪجلا سر جون ڪامڻيون، جهمرِيُنِ جهول هلن،
ٻيلون ٻُسِڙِ تي ٻول سان، ڇِيهي چال چلن.

ڪجلا سر جون ڪامڻيون، سڏو سڏ نه ڏِينِ،
حال سمورا ميِڇَ سان، ساعت منجهه سَلِيِنِ.

ڪجلا سر جي ڪپ تي، چوليءَ ٽِڪُوُن چمڪن،
ايندڙ ويندڙ کي لڳي، اکيون ڇڻ ته هَٽنُ.

ڪجلا سر جي ڪپ تي، جهمِرِين سندي جهوڙِ،
اندلٺ چُمڻ پونءِ جي، چاهي ڇڻ ٿي ڏُوڙِ.

ڪُومل ڪُنيان ڪپ تي، ڪجلا سر مانڌاڻُ،
ڪوري ترِڇيَلَ جسم سان، اجهو مِلان ٿو ڇاڻ.

ڪجلا سر جي جر جِي، آٽي هان جي بوند،
منهنجو هيئنڙو هيئن جَلي، خاڪ نہ ٿئي ها هوند .

ڪجلا سر تي ڪامڻي، تو جو ڪيو پنڌ،
واري پيرن ڪي چُمي، ليٽي پئي، پِي مَنَڌُ.

ڪجلا سر تي ڪامڻي، وهنجي آسر ويل،
پنهنجي بوءِ بدن سان ڇڏيا، راتو ڪا رابيل.

لانڍ ڪُنيائون سَرَ تي، بولين جي گڏ جهومَ،
سج جي تجلن ڇڻ تہ ڪا، جَرَ تي لائِي ڏومَ .

ٿلن پيون اِئين ٿوليون، ڪونجن جيئن ڪر ڳلَ،
پونءِ ٿيان ان جُوءِ جي، ٿئي مٿان ڇِهلَ پَهَلَ .

ڪجلا سَرَ جي جَرَ ڪي، رات چميو پئي چنڊ،
وائڪا سپ ٿي ويا هئا، رات سندا جي منڊَ .

ڪجلا سَرَ جي جل تي، تارن جو تُڙڳڻ،
ٻالڪ ڳولي ماءُ جو، ننڊ ۾ پيو ڇڻ ٿَڻُ .

ڪجلا سر ڪي ڪاش ڪو، ڏيان ڏوراپو آنءُ،
سال ٿيا هن سوڪ ۾، سوڪو ڪر ڪو هانءُ .

◈






# نظم

ساهہ جيان نڪري وئين موٽين نہ ٿو،
درد تازو هي اڃوڪو ٿو سڏئي،
ڪور ڪارونجهر مٿان سڏڪو تہ ٻڌ،
مور جو هر ڪو ٺهوڪو ٿو سڏئي !

ڪونيٽن واڪا ڪيا پر ڪو ورين،
رات پوئين ۾ فضا روئي ڏنو،
نيڻ سپنن ساڻ ئي اُلجهيا رهيا،
پنيرڪي ۾ ماڪ سان ٿر بر پِنو!

چنڊ ۾ ڳوليم گهٽو پر ڪو نہ هُئين،
سپ ستارا ميڙ ٿي تو لئہ تڪن،
پير تنهنجا چنڊ ڪَٽي گڏجي چُمَنِ،
چانوُ خاطر،وڻ گلن سان گسَ ڍڪن!

هيءَ چمپا گل جڻ چمڻ لئہ چپ ڪڇن،
رات جي راڻيءَ سندي خوشبوءِ ندي،
پڌ ڪَتيءَ جي چير جا گهنگهرو وڄن،
سانت جهمريون پئي هٽي تي سڪ وَندِي!

تو چيو هو ساڻ توسان آهيان،
اڄ بہ سُوٽُون سُورَ جُون چُڀنديون رهيون،
موٽ محبت واسطي منهنجا پرين !
سڀ پَوَنِ ٿيون ياد جيڪي تو ڪيون .

واعدو پنهنجو پروڪو تو سڏئي !
مور جو هر ڪو ٺهوڪو تو سڏئي!

◈





ويجهڙائيءَ تو سنديءَ ڪي، مون ڪيو محسوس ايئن :
جڻ تہ ڪينجهر ڪنڌ تي ڪوُمل ڪنول،
جڻ اڪيلو چنڊ پينگهي ۾ سُتل،
ميگهہ ـ وَرِني اڪ ۾ پاتل ڪجل،
سينڌ فطرت جي مٿان سِندُرُ لڳل،
تون پُڇين تو مون ڪئي محسوس ڪيئن!؟

تو سندي دُوريءَ ڪي هو مون ڪيو محسوس ايئن :
جڻ تہ ڏونگر هو ڪري پيو مون مٿان،
يا ويو ڪوئي ڦري ويو دل هٿان،
اوپري ٿي جڻ تہ وئي ساري دنيا،
جڻ تہ آويءَ ۾ سڙيا جذبا ٺڪر جي ٿانوَ جيان،
تون پُڇين تو مون ڪئي محسوس ڪيئن!؟

پريت تنهنجيءَ کي پرين هو مون ڪيو محسوس ايئن :
جڻ تہ هان محفوظ جهوليءَ ماءُ ۾،
جڻ ڏسان تو پاڻ کي پئي پاءُ ۾،
مور نچندڙ بادلن جي ڇانوَ ۾،
راڳ وڻجارو ڇوي پيو ناوَ ۾،
تون پُڇين تو مون ڪئي محسوس ڪيئن!؟

مون وِڇوڙي جي گهڙيءَ کي هو ڪيو محسوس ايئن :
ساهہ ريءَ جڻ ڪو هئس بوتو بنيل،
يا تہ مون کان پاڻ پنهنجو هو رُٺل،
اوپرو دنيا سڄيءَ کان جڻ بنيل،
وڻ، بهارن ۾ هئس پاڙئون ڪپيل،
تون پُڇين تو مون ڪئي محسوس ڪيئن!؟

◈

# ڪاش

تون تہ ھونئن واقف بہ ناھين پوءِ بہ ھنئين ۾ چو ھُرين،
ديد پھرينءَ سان سچاٽي چاھتن ۾ ٿو چُرين،
ذھن تي قبضو ڪري ٿو ڪنڊ ڪنڊ ھِنئين جي ۾ ھُرين،
مان وچان جا ڏي بہ ٿو منھنجي پٽيان پيو ٿو پُرين،
ڪر خبر توں ڪير آھين ؟
چئہ ڪٿي چا ٿو تون چاھين!؟

جي رُڪان ٿو مان ڪٿي، تون پي رُڪين چو ٿو پلا،
ماٺ مان چا ٿو مِلَئِي ڪِڄ پي ڪٿي ڪجھہ برملا،
آ تہ سُلجھايون سيئي پاڻ گڏجي معاملا،
ڪر ڪٿي ھاٽي سچي، جي پيار جا ٿئي مسئلا،
ڳالھہ جو حل پاڻ آھيون،
ھڪ ٻئي سان ساڻ آھيون !






رات ڪاٽي ٿو ٽِڪين ۽ صبح سان مون ڏي ورين،
ڳالھہ ٿئي جا دل اندر سا چو نہ ٿو مون سان ڪرين،
چانوَ وڻ جيءَ جي اچڻ سان چو پلا مون کان ڏرين،
مان سڙا جيڏو ٿو اُس ۾ مون ساڻ گڏ تون ڪو نہ ھين،
دشمنو ڪھڙو اٿئي !
واسطو ڪھڙو اٿئي !

آءٌ بي ساھو ھان پاچو ٿو ڪريان پيچو ائين،
اُس ۾ چر پر ڪندو رھندو تون بلڪل آھن جئين،
آءٌ تنھنجي وس آھيان تون جتي چاھين نِئين،
رات جو ٿي گم وچان ٿو جو نہ ٿو تِڙ ڪو ڏئين،
فڪر مند ٿي ڪين مون کان !
زندگي تو ساڻ آھيان !

ڪاش ھو ماٺھو بہ پاچو ٿي پئي !
پاڻ سان گڏجي رَھَڻَ جوايئن چئي !
◈

سڀ ٺهي ٿو هوند سان، اڻ هوند سان ڇا ٿو ٺهي !؟
پوءِ بہ ٿو پَرَ گھور هيئنڙو پيو لهي !

هن وڄائي ڇير ڇپڙي ڍولڪِيءَ جي تال سان،
واڳجي ويندو آ جيئن ڪو ڳٽن واريءَ ڳالهہ سان،
روح ٿي رَلبو تڏهن جي خيال ملندو خيال سان،
قبل ماضيءَ کي ڇڏي حاضر جي رهبو حال سان،
ڪِرتِ ۾ آيل ڪلا ڪيئن روڪبي !
پرِتِ ۾ گھايل پلا ڪيئن روڪبي !





ميل ميلاپن منڊن ۾ سونهن ڏس ڪيڏي پري،
ڪيتري آسان گذري زندگي جيڏي ڳري،
جيتري تو جيءُ ڇئي دلڙي بہ هئي تيڏي ٺري،
ڪيئن ڇئہ پو تو سوا ويندي هتي هيڏي سري،
ڇيڄَ ۾ پورو ڇلو ايڏو ٺهي !
پيچ ۾ پورو سَلو جيڏو ٺهي !

سر منڊل جا سُرَ ٿڏا ڇڻ ساهہ آهن ساز جا،
سُرَ سپئي سڏڪا پرن ٿا هوبهو آواز جا،
ناز پرور جو پڪيڙيا گُرَ سمورا ناز جا،
سي سپئي پردا ٿا کولن ڪنهن الستيءَ راز جا،
گونج جو ڦهلاءُ اهڙو ٿو لڳي !
ڪونج جي ڪرلاءُ جهڙو ٿو لڳي!

پَرَ ـ ڪُتَلُ جيڪو پکي آ، سو ڪري پرواز ڪيئن،
آڏَ رَنگو جن آڱرين تي، سي وَڄائن ساز ڪيئن،
دل گھريو جي ناهہ سامهون، ڪو ڪري پوءِ ناز ڪيئن،
جنهن سُڪي ويو آ هہ گلو، سو ڇَئہُ ڪڍي آواز ڪيئن،
تاءُ ان جو تير وانگي ٿو لڳي !
گھاءُ ان جو سِيرَ وانگي ٿو لڳي!

◈

## ديس مالها موتِيُنِ جي

ديس منهنجو هن دنيا جي سونهن ۽ سينگار آ،
جڻ تہ مالها موتين جي يا گلن جو هار آ !

چنڊ جي چانڊاڻ ۾ سرگوشيون ڪن پيا ڪنول،
هير جن جو منهن ڌوئي ٿي ماڪ سان ٻنجي پنل،
رات ڪينجهر جي مٿان ليٽي پئي آهي ٿڪل،
جنهن سندو سپنو سچو سنسار آ،
جڻ تہ مالها موتين جي يا گلن جو هار آ !

پرهہ ويلي هي پکين چهڪا بہ ڄڻ ڪو راڳ آ،
پيار جو جنهن ۾ سنيهو، محبتن جو ماڳ آ،
چئو ڏِسا جنهن ۾ چَٽُونءَ جو صاف پڌرو چاڳ آ،
پاڻ ۾ ڪيڏو پکين جو پيار آ،
جڻ تہ مالها موتين جي يا گلن جو هار آ!

مهڪندڙ موسم جي ٻولي هي لڳن مکڙِيون پيون،
جي وري جهٽ پلڪ ۾ ئي ٿي اجهو گلڙا ٿيون،
هار تارين جي هٿن ۾، پير اکڙين کي ڪيون،
ٿيون وچن جو وِرهَہ جو وهنوار آ،
جڻ تہ مالها موتين جي يا گلن جو هار آ!

ٻي تہ ٿڌ ڪاٿي بہ ناهي، آ ٿڌن ساهن اندر،
هونءَ تہ آ ماحول مهڪيل ٿڌ نہ ان ۾ آهہ پر،
پاڻ کي چو خيال ان جو آهہ رڳو پهچڻ جي ڏِرَ،
هو چپر ۾ هوت هيئنڙي ٺار آ،
جڻ تہ مالها موتين جي يا گلن جو هار آ!

◈





## مِجازِي عشق کي معنيٰ!

ڪا راهہ بہ جن کي ڪانہ ملي ٿي رستن ۾ ۽ چارن ۾،
ڪيڏي نہ تڙپ وئي آهہ وڌي اڄ ماڻهوئڙن ويچارن ۾ !

ڪنهن هنڌ بہ رهي جو ناهہ سگهيو، تنهن پنڇيءَ پوبان ڪير پڇي،
سو ريت بہ ڪنهن ٿو ڪين رهي ۽ ڪين ڪنهين سان روح رڇي،
جو واڪا واڪا واءَ اندر ٿو ٻنجي ڪائي ٻين وڇي،
سو ساهہ وڃي اڄ آهہ سُتو سورهن ئي سينگارن ۾ !

تون پئند پلي وجهہ زنجيرون هي منڙو قابو ڪين ڪندين،
هي تاريخي آ آوارهہ اوباش نہ ڪنهن جي آ وس ۾،
هي جيلن ۾ بہ نہ قابو ٿئي ۽ لائون آ لهندو ڦاسيءَ سين،
قابو ٿي هي فقط سگهي ٿو پنين ڪارن وارن ۾ !

ماڻهو سڀ بي هوش ٿرن پيا ٻُلِيءَ ٻُلِيءَ جا موڙ مَتي،
ٻُولا جاري آهه سين ڪي، ساهي ٿو ڪو ڪو نه پَتي،
ڪنهن جي گذري پاڪر ۾ وئي، ڪو پيو ڏُسڪي رات ڪٽي،
ڪنهن جي اڳيان نيڻ ننڊاڪا، ڪنهن جون نظرون تارن ۾!

هو ٻولن مسجد مندرن ۾، پر چين نه آهه ڪليسا ۾،
ڊومهڙا ڪائي خلق سڄيءَ ٻوليو نه انهيءَ ڪي ڇا ڇا ۾،
پر نه سڪون مليو ڪنهن ڪي بي سود انهيءَ آ ٻولا ۾،
پوءِ ورتي تن پناهه وڃي آ ميخانن ۽ اوتارن ۾ !

جي آهي مجازي بي معنيٰ پوءِ ڇا هي رهيو بازيءَ ۾،
جي مرڪي سامهون هو نه ڏسي پوءِ باقي ڇا هي راضيءَ ۾،
جي حال هليو ويو هٿن منجهان پوءِ ڇاهي قِبِلَ ۽ ماضيءَ ۾،
هي اڪيون آهن ڏيئا جيڪي ٻرن پيون ٿيون جارن ۾!

ڪيف سندو آ راز سمايل سَري سوا هن ساقيءَ ۾،
مڏ اندر سو ناهه مزو جو هن جي در جي تاڪيءَ ۾،
جي جسم اهو ڪو ڪوڙ ڇوي پوءِ رهيو ڇا هي باقيءَ ۾،
اڪين سواءِ ٻيو رکيو ڇا هي پيمانن تاسيارن ۾ !

◈





راڳ پيالا، مڏ اندر پيا پائجن،
ڪو پيئڻ وارو پئي!

گيت جي گونجار گونگي رنگ پوپٽ جا ٿيا،
جن سندا آلاپ اکين ساڻ ٿا ٻڌجن پيا،
رنگَ پرن جا گيت بنجي ڳائجن،
ڪو ڏسڻ وارو ڏسي !

سَوَ سُرَنِ جا سر مٿان ٿا، سانت ۾ گونجن پيا،
ماٺ موسيقي وڄائي راڳ چُپ آهن ڇپيا،
تند مان ٿا سور پيا ڪي تائجن،
ڪُو ٻڌڻ وارو ٻُڌي !

جهڙُ وڄائي ناد اپ مان، ڪنوڻ جي ٿو تال سان،
پوءِ ڦُڙي هر هڪ ڪري ٿي، جهانجهه جي گُونجار جيان،
ڇير جا ڇمڪار ڌرَ ٿي ڇائجن،
ڪو پسڻ وارو پسي !

رات بنجي ساز ٿي ۽ چاندني جڻ راڳ آ،
نِڪَتُ نورا پير ۾ ۽ ماڪ واسيو ماڳ آ،
پيروين جا پيال پونءِ تي پائجن،
ڪو سٽڻ وارو سُٽي!

راڳ آ ساري فضا ۽ راڳ ٿو هر هنڌ ٻُري،
واءَ ۾ وينا وڄي ٿي چنگ ٿو چوڏس ڇُري،
تار سان ٿا راڳ ڪن تي لائجن،
ڪو چوڻ وارو چوي !

◈

ڪيڏانهن هليو آنهن ويو،
آوازڏي ! آواز ڏي !
آءُ ٿو ڳوليان پيو،
آوازڏي ! آواز ڏي !

هوند ۾ ناهين مليو، اڻ هوند ۾ ڳوليانءِ پيو،
ڪڪرن نـ تنهنجو ڏس سَليو، هر بُوند ۾ ڳوليانءِ پيو،
پولار مان وائي ڪري،
۽ سڏ وَرِنائي ڪري،
اڄ راز ڏي !
آواز ڏي !

سوچَ ڪئي آ دل جلي، وَرَ وَرَ نهاريان ٿو پيو،
آ بند سامهون هر ڳلي،دَرَ دَرَ نهاريان ٿو پيو،
اوندهہَ اُجارائي ڪري،
۽ پيار پورائي ڪري،
سو ساز ڏي !
آواز ڏي !





مبهم نظر ايندو رهين، شفق جي ڪرڻن منجهان،
جلوا پسائيندو رهين، جيئن جهانجهہَ ۽ جهرڻن منجهان،
مورت رنگن سان جيئن ٻري،
اهڙو پلائي ڪا، ڪري،
رنگسازي ڏي !
آواز ڏي !

منهنجي پرينءَ ڪي مون سندي، تڪڙي خبر ڪا ڪانگ ڪر،
سهڻ ڪان آ وڏ وِٺِي، "يا تونءُ پڇڻ جا سانگ ڪر"،
يا مڏ ڏٺي مٺ ۾ اچي .
تو ڏي جهٽي جهٽ ۾ اچي،
سو باز ڏي !
آواز ڏي !

ڪيڏانهن هليو آنهن ويو،
آواز ڏي ! آواز ڏي !
آءُ ٿو ڳوليان پيو،
آواز ڏي ! آواز ڏي !

◈

## سيپيتا جي سُونهن

وار سنواري چَنَدنَ واسي، ڪين سگهان ٿي پوءِ،
ڪريان آءٌ ابوءِ ـ
تو ريءَ ڪهڙو تيلُ قليلُ !

آرائينءَ جو جهول ڏسان يا پاٽوليءَ جا هَٿَ،
سوناري جا هٿ ڏسان يا نڪ ۾ نهنڊڙ نَٿَ،
ڪهڙي ٿيندي ڪَٿَ ـ
اهو سڀ فَنَ جو آهي ڪيلُ !

سُوسيءَ جا سڀ رنگ ڏين ٿا ڏيک ٻه ڪاتيارن،
اجرڪ جي هر ڦلڙيءَ مان ٿا تارا رم جهم ڪن،
تهڙي منهنجي تن ـ
ڪئي تو ڪِڙي پئين رابيلُ !

ڪاشيگر جو من ٿو اُپري، ڪاشيءَ مان خود ايئن،
تنهنجي هٿ ڇُهڻ سان منهنجي لونءَ ڪانڊاري جيئن،
تو ريءَ آءٌ ٻه ٿِيئَن ـ
ڪڙهي ٿو چڻ تہ ڪڙهائي تيلُ!

جنڊيءَ جي هر واري ۾ آ، واڍي جو جڻ من،
هن جي احساسن جي دنيا، جنڊيءَ جو آ فن،
تهڙو واس وَرَنُ ـ
تنهنجو منهنجو آهي ميلُ!

◈





## ڳجهارت آهہ بڻيو سنسار

ڪڏهين آهي خيال بڻايو، ڪوريئڙي جو ڄار ـ
ڳجهارت آهہ بڻيو سنسار !

ڪاٿَئَون گل ۾ خوشبو آئي،
ڪاٿَئَون خنڪ هوا ۾ ڇائي،
سانت لڳي ڄڻ شاهہ جي وائي،
سارو منظر ڪاٿئون آيو،جنهن جو آر نہ پار !
ڳجهارت آهہ بڻيو سنسار !

ماڪ ڦُڙِيءَ جو پاڻي ڇا هي ؟
رات سندي هيءَ راڻي ڇا هي ؟
پنهنجي پيار ڪهاڻي ڇا هي ؟
ڳجهہ انهي جو پتو لڳايو، مُنجهيو پئي هوشيار !
ڳجهارت آهہ بڻيو سنسار !

خوابن ۾ جو ايندو آهي،
ان جي اچڻ جو رستو ڇا هي،
پوءِ هليو ڪيئن ويندو آهي،
ان ڪي جهٽ پلُ پوءِ ٻہ رهايو،سچ پڇ جي آ يار !
ڳجهارت آهہ بڻيو سنسار !

منهنجي هوندي تون ئي آهين،
مون ڪي مون ۾ ڪيئن سمائين،
پيار جو چوغو پوءِ ڍڪائين،
هيءُ رڳو ٺئي سانگ رچايو، وائکو ٿِيُئي وهنوار!
ڳجهارت ناهہ رهيو سنسار !

◈

نظارن مٿان بحث ٿيو آ گھڻو ـ
توهان جي آ مرضي تہ جنهن کي ڪٿو !

ڪري رنگن تي مور نچندي گھمنڊ،
سڪل آهہ ٿاري جي پاڪر ۾ چنڊ،
منڊي جڻ نظارن ڇڏيو آهہ مَنڊُ،
ٿا سُونهنِ اهي سڀ گھڻو ۽ تڻو ـ
توهان جي آ مرضي تہ جنهن کي ڪٿو !

ڪبڙ لال پيرُنِ چُرِنِ جيئن رڱيان،
ڦڙا ماڪ رابيل اُپ ڪان مڱيان،
جهين ڪي بہ چيتي ۽ ڏسندين چڱيان،
اهو سونهن جو آهہ موتيءَ ڪَٽو ـ
توهان جي آ مرضي تہ جنهن کي ڪٿو !




ڪنول ٻڪ ۾ چنڊ

هي پوپٽ گلن تي چُريل جڻ تہ پوتي،
۽ رابيل مُڪڙي پرهہ ماڪ ڌوتي،
سڄي رات چانڊاڻ جڻ مَئہ ٿي اوتي،
نہ ڪنهن ۾ وڏائي نہ ڪو آنءُ پَٽو ـ
توهان جي آ مرضي تہ جنهن کي ڪٿو !

انبن ٻور تي پيئونر ڦيرا ڏين،
گڏي ماڪ مڌ ساڻ موتيا پِيِن،
صفا تار ٽانگر جا ٽُنُ ٿي نچن،
سڀئي سُونُ آهن نہ ڪو هڪ ڇَٽو ـ
توهان جي آ مرضي تہ جنهن کي ڪٿو !

جڏهن ڪا ٻُلن تي چُمي ٿي اچي،
تہ دل جي اڱڻ تان گھمي ٿي اچي،
۽ ساهن جي سُر تي سُمهِي ٿي اچي،
انهيءَ ڪانِ بہ وڌ يار پيا ٿا وَٽو ـ
توهان جي آ مرضي تہ جنهن کي ڪٿو !

◈

جوانيءَ تي جذبو پيو هاري هرڪ،
جنهين ڪان سواءِ ڏات آهي اڌوري!

سِنگهڻُ، جي ٿو چاهين تہ پيئونرن جيان ٿي،
ڏسڻ لاءِ پوپٽ سندي دل رکي،
لکڻ جي ٿو چاهين تہ ڏي هَڏن مِکُ ـ
جنهين ڪان سواءِ ڏات آهي اڌوري !

ٽُٻي ڏيئي پاتال مان آڻ موتي،
ڪڏهن تو هي ڏرتي اکين ساڻ ڏوتي،
لکين ٿو تہ خود پاڻ واري منجهس لکُ ـ
جنهين ڪان سواءِ ڏات آهي اڌوري !

پني تي نَچي سٽ پئي ناچُ مورن،
ڳلي کي بنايو جئين هسَ ـهَلورن،
ائين ئي روانيءَ جو اوپار تِکُ ـ
جنهين ڪان سواءِ ڏات آهي اڌوري !

بهارون اچڻ سان ٽڙن گل جئين،
ملهارن سان مارو مڙن ڪل تئين،
جهٽڻ اهڙا منظر سَمي ڪانِ ئي سِکُ!
جنهين ڪان سواءِ ڏات آهي اڌوري !

◈


www.sindhsalamat.com



ڊُکي ٿي ڪڏهن ڪو ٻہ راڻو نہ رهندو،
چلهو گهر انهيءَ جو اُجهاڻو نہ رهندو!

چون ٿا تہ ڦيرو وري رُت ۾ ايندو،
ڪپيل وڻ سندو چا پلا پوءِ ٿيندو،
اچي وصل نياپو ڊُکيءَ کي ڪو ڏيندو،
ڪڙي گل پوندا،
چڙي هل پوندا .
تڏهن پي سمو ايئن اپاڻو ئي رهندو،
چلهو گهر انهيءَ جو اجهاڻوئي رهندو!

چون ٿا تہ مورن ٿهوڪا ٻہ ٿيندا،
لنوين ڪانگ نياپا پرين جا ٻہ ڏيندا،
نهاري ڪٽي نيڻ ۾ ساڻ نيندا،
ڪُٺل ڪنپ جن جا،
لُڏيل ٿنپ جن جا،
تنين جو ائين ٿاڪ ٿا ٽوئي رهندو،
چلهو گهر انهيءَ جواجهاڻو ئي رهندو!


www.sindhsalamat.com

چون ٿا تہ پوءِ جام سان جام ٽڪرائبو،
نئون پريت جو گيت ڀي ڳائبو،
ڪري هار ٻانهون ڳچيءَ پائبو،
ڪُڏِي ڪوڏ سان پوءِ،
لُڏِي لوڏ سان پوءِ،
سُتايل تڏهن ڀي ٽڪاٽو ئي رهندو !
چلهہ گهر انهيءَ جواجهاٽو ئي رهندو!

چون ٿا مئا سپ وري يارَ جيئندا،
وري پريت پيالا ڀري پاڻ پيئندا،
تہ پوءِ ڪيڻ هڪ ٻئي سان گڏجي ۽ ڪِيئندا،
مُڪا ميل ٿيندا،
خوشيون ڪيل ٿيندا،
ڀُليءَ جو وري بند ڀاٽو نہ رهندو!
چلهو گهر انهيءَ جواجهاٽو نہ رهندو!

◈

ڊاڪٽر احمد علي رند جي پٽ جي ناگهاني موت تي چيل.



ڪنول ٻڪ ۾ چنڊ

نئين گت ڪا جڏهن سِرجِي، نَيئن سِرِ گِيانَ ۾ آئي،
توهان جي يار آمد ڀي تڏهن امڪان ۾ آئي !

تمائي ماڪ نيٽڻ مان وري ٽيڙو ويا گم ٿي،
اها ڳولا نہ ڪُتٽي آ ستارا ويا سپئي سُنُ ٿي،
پرهہ تنهن کي لڳائي گس ملهي ميدان ۾ آئي،
توهان جي يار آمد ڀي تڏهن امڪان ۾ آئي !

ورائڻ ڪاڻ وَس ڪياسون، هٿن مان پر چڏائي وئين،
اسان ڳوليو انبر تو کي مگر ڌَرَ سان گڏائي وئين،
اها مورت وري سهڻي جڏهن انسان ۾ آئي،
توهان جي يار آمد ڀي تڏهن امڪان ۾ آئي !

ڇڏيوساروٽين ساڙي، رڳو آ روح ۾ راڙو،
پيو ڌَڙڪِي سچو ڌڙ آ، دلين ۾ آ لڳو ڏاڙو،
ڳڙي ڪا ڳالهہ ڳوڙهن مان جڏهن ارمان ۾ آئي،
توهان جي يار آمد ڀي تڏهن امڪان ۾ آئي !

ستائي ياد تنهنجي ٿي تہ سڏڪن ساز ٿا ڇيڙيون،
رُتَل جذبن کي پرڇائي، ٽتل ارمان ٿا ميڙيون،
جلڻ ڪارڻ سندم آرِتِي جڏهن شمشان ۾ آئي،
توهان جي يار آمد ڀي تڏهن امڪان ۾ آئي !

گهڙي ڪا ڪا عمر ساريءَ مٿان ڀاري پوي بنجي،
جنم ڪان جو منجهيل سُٽُ آ وجي سو ايئن ٿو سُلجهي،
نئين ڪنهن راز جي ڀڃَ ـ گهڙَ هلي اوسان ۾ آئي،
توهان جي يار آمد ڀي تڏهن امڪان ۾ آئي !

◈

جڏهن مند تي مينهن موتيو پون،
ٻچا ٻار جهومن ۽ ناريون نچن !

ڪٽيون مينهن ڏي فصل ڪومائجن،
وسي يا تہ وڻ ٽڻ پيي جهومائجن،
اُتي جون هوائون ٿي اوڙڪ اچن،
ٻچا ٻار جهومن ۽ ناريون نچن !

ٻڏي تِڪ ولهارن مٿان وَس ڪجي،
سجيءَ جوءِ ۾ گاهہ گس گس ڪجي،
جتان مال مارن جا ڍاپيو ورن،
ٻچا ٻار جهومن ۽ ناريون نچن !

ڪري گوڙ گجگوڙ ڪنوٽيون ڪِلن،
وٽن ڏار ڦُڙِيُنِ سان نوڙي پون،
اتر ڪان اوهرا هوائون گهلن،
ٻچا ٻار جهومن ۽ ناريون نچن !

سڳند پونءِ جي مينهن وسڪار مان،
سلهاڙي اچي يار جي سار سان،
گڏي پوچ سان پيار پل پيا پين،
ٻچا ٻار جهومن ۽ ناريون نچن !

ڏيو مال تاڏون وٿاڻن ورن،
سَڄِي چاهہ سان وَس جيڪي چرن،
پري ٽڻ پٽاريون ڏين جيئن ڦرن،
ٻچا ٻار جهومن ۽ ناريون نچن !

◈




ڪنول ٻڪ ۾ چنبو

وطن سان عشق آ جنهن جو ۽ مون سان پيار جو پرٽو،
سندس نيبَهُہ ٻئي ڳائن !

پنپيون ڏاڙهيون، اچيون کهاڙيون هئا جي وَرَ بہ چاڙهيون ويا،
جهين سان روح جون رمزون، پنا سي پريت پاڙهيون ويا،
ڪري سوگهيون دليون ساجهرُ وري قربن ۾ ڪاڙهيون ويا،
ٻنا ڪنهن باهہ ٻارڻ جي بدن سارو ئي ساڙيون ويا،
انهن جا ٻول ٿا ڪائن !

ويا آرڻ چڏي اُلڪو، نماڻيءَ نار وٿ آهن،
وٿاڻن تان ڍڪِي ۽ ڍور پيي جن لاءِ واجهائن،
ٻُنيو ٿي وي ٻُسو جن ريءَ، ڪٿون خالي پيون ڪائن،
پوڻ پيرن جنهين جي لئہ سيئي دڳ پيا دانهن،
ڏنل هي گهاوَ ٿا گهائن!

ٻچن تي ٻاجھہ هئن ڪيڏي، انهن ريءَ ڪيئن سَري هوندي،
وطن سان شال پٽ تن جي، وئي آخر پَرِي هوندي،
ٻڏي شل سوپ جا سندرا، اها ٽولي وري هوندي،
اجهي آيا، وسيا ويڙها، چئي پئي دل، چري هوندي،
ڀلي ڀائن نہ مون ڀائن !

اُمالڪ آس پئي اپري، گهلي اهڙي هوا ڏسندي،
ڪئي ڦوهار موسم پڻ، وريا ها ٻار سڀ پسندي،
ڪرائيءَ مان ڪِريو چوڙو، گهٽو ئي گهرِ گهلو گسَندي،
تڏهن ڦيريون ڏيو گهوريان، سنڀاليان من پئي ڦِسندي،
اچڻ وارا ٿيا آهن !

ڪري مالها ءِ لڙڪن جا بنايا هار مون ڪيئي،
ورهايان پاٽِ پيرن جي سڄي ئي ڳوٺ کي ڏيئي،
وِڇايان وار واٽن تي، ڏيان پيرن ڀِنبڻَ پيئي،
وڃان قربان سَوَ ڀيرا مٿان ساجن آچي جيئي،
اچي جيئن ئي ليئو پائن!

◈





ڦٽائي ننڊ وستين جي،
اُڏائي ڌوڙ رستن جي،
اچن پيا چاھ مان چانگا !

وَڙِيءَ سان جن ٻڌل پٽڪا،
ڏئي ڏاڍن سندا جهٽڪا،
ڏنائون وهَٽَ کي سٽڪا،
چڏي سڀ ساھ جا سانگا،
اچن پيا چاھ مان چانگا !

لڳا هانبار ٿي آيا،
پريان هن پار جي آيا،
ڪنيون ٿي يار سي آيا،
اجا مَس ها اُڏيا ڪانگا،
اچن پيا چاھ مان چانگا !

نه ڪا ئي لِڪَ-لِڪوٽي آ،
پڌر پئي جن جي چوٽي آ،
نيت تن جي نه کوٽي آ،
نِسَنگ نروار ٿي نانگا،
اچن پيا چاهه مان چانگا !

ملڻ ميلاپ جي مند آ،
اُنهن جي ئي اچڻ جو ٿا،
مڙئي گڏجي پڇن مون کان،
پُنگيون جن ريءَ ٻٽيون پانگا،
اچن پيا چاهه مان چانگا !

ملڻ جي هير تي مڪڙا،
لتاڙيندا اچن لڪڙا،
اسان جي تانگهه ۾ تڪڙا،
لنگهي ويا لَڪ، لڪيون، لانگها،
اچن پيا چاهه مان چانگا !

ڪجي ڇا ڳالهه مستن جي،
اڏائي ڌوڙ رستن جي -
اچن پيا چاهه مان چانگا !
اچن پيا چاهه مان چانگا !

◈






ته تون هليو وئين،
ته تون هليو وئين !

اڃا ته آگميو نه آ،
اڃا ڇَمَرَ جي ڇاٽ نه آ،
اڃا اڃيو اڃيو رهيو،
اُساٽ ئي اساٽ آ،
اڃا ڪُٽي نه رات ئي،
اڃا ته ٻاٽ ٻاٽ آ،
ته تون هليو وئين، ته تون هليو وئين!

اڃا ضمير زنگ ۾،
ڪسيو رهيو ڪٽيو رهيو،
اڃا ته لاهه سچ جو آ،
پاڙ کان پٽيو رهيو،
اڃا ته حق جو پرين،
آواز آ گهٽيو رهيو،
ته تون هليو وئين، ته تون هليو وئين!

پري نه ڪا سگهي ٽِلهي،
ماءُ جي هي جهولڙي،
اڃا ته لڙڪ پئي اُگهي،
ڏسي هيءَ لال چولڙي،
اڃا ٻه چرڪَ پئي پري،
ٻڌي هي ٻاتي ٻولڙي،
ته تون هليو وئين، ته تون هليو وئين!

اجا تہ ڪنھن نہ پورھيتن،
ڏکيو اُگھاڙو انگ آ،
اجا تہ ھت انھن سندو،
ٻچي سگھيو نہ ننگ آ،
مرن ٻکيا فصل لٽي،
ٻچيو نہ ڪو ٻہ سنگ آ،
تہ تون ھليو وئين، تہ تون ھليو وئين !

اجا مزور مل ۾،
سڙي مري سڙي مري،
تڏھن ٻہ سيءَ اُس ۾،
تري مري، ڀري مري،
زبان مان ڪڇي نہ ٿو،
نہ دانھن ڪوُڪ ڪا ڪري،
تہ تون ھليو وئين، تہ تون ھليو وئين!

اجا ڏکيو ھي ديس آ،
اجا ٻکيو ھي ديس آ،
رھي نہ سا زبان آ،
نہ وَنُ آ، نہ ويس آ،
لونگيون سموريون لال ٿيون،
رتو رھيو ٻہ ڪيس آ،
تہ تون ھليو وئين، تہ تون ھليو وئين!

اسان جو پيار نئون پرين!
اجا نئين پريت آ،
انياءَ ساڻ اٽڪڻو،
نئين نسل جي نيت آ،
اجا انھيءَ جنگ ۾،





نہ ھار آ، نہ جيت آ،
تہ تون ھليو وئين، تہ تون ھليو وئين!

اڙي او موت حيف ٿئي!
پرين اسان کان تو ڇنو،
ھليو سدائين حق تي،
ڪڏھن نہ تو ڪنا ڊِنو،
ڪڏھن نہ دل تان ميٽبو،
جو داغ تو اھو ڏنو،
تہ تون ھليو وئين، تہ تون ھليو وئين!

اجا تہ ويڙھہ ٿي ھلي،
ڪني ڪُڌي سماج سان،
اسان جو ٽڪر آھہ ان،
تخت سان ۽ تاج سان،
اجا تہ ويڙھہ ٿي ھلي،
اسان جي سامراج سان،
تہ تون ھليو وئين، تہ تون ھليو وئين!

انت ٿيو انياءُ جو،
اسان جي جند جڏھن ڇُٽي،
اھا انڌاري رات ڀي،
اجھا کُٽي، اجھا کُٽي،
لڳائي لاک لالڙي،
اھا پرھہ جڏھن ڦُٽِي،
تہ تون ڪٿي ملين، تہ تون ڪٿي ملين!

◈

پشم جنهن جا پير، اسان سان ڪانه هلي،
ڪانئر، ڪاهل، ڪير، اسان سان ڪا نه هلي!

پاڻ هلون ٿا پاپُ_نَگر تي، ڪاهيو ڪاهيو هاڻ،
پوءِ جي سوچ ڪان پهرين موٽي پل تون موجون ماڻ،
ڦيريون ڪائي ڦير، اسان سان ڪا نه هلي،
ڪانئر، ڪاهل، ڪير، اسان سان ڪا نه هلي!

پيار، ديار پرين جو پَوِتَرَ ماڪ ڦڙن جو هار،
تنهن ۾ سائي پير ڏَري آ جنهن جو سڀ سان پيار،
جنهن جي من ۾ مير، اسان سان ڪا نه هلي،
ڪانئر، ڪاهل، ڪير، اسان سان ڪا نه هلي!

آن ڪٺو ۽ پاٽيءَ پيالو، پنڌ ۾ ملندو ناهه،
سوچي سوچي ساٿ پلي ڏئي باقي جنهن کي آهه،
هنڌ ڪتن جي هير، اسان سان ڪا نه هلي،
ڪانئر، ڪاهل، ڪير، اسان سان ڪا نه هلي!

گهر ۾ نانگ نپائي جيڪا سمجهي ساٿي پئي،
پاڻ ته مرندي پر هي سارو ٽولو ٿيندو رَئي،
جا نه سڃاڻي ڏير، اسان سان ڪا نه هلي،
ڪانئر، ڪاهل، ڪير، اسان سان ڪا نه هلي!

ننيڙا، وڏڙا دليون درياءَ اندر اُجرا ماڻهو،
سادا سودا آهيون سائين، اصلي پاڻ ته ڄاڻُو،
اير نه ڪوئي پيرَ، اسان سان ڪا نه هلي،
ڪانئر، ڪاهل، ڪير، اسان سان ڪا نه هلي!





واٽ ٿڪي جا، ويهي پل سا، اَڳتي هلبو پوءِ ٻه،
ٿڪي پيو جي هڪڙو ساٿي، ايندو رهندو پيو ٻه،
سُڃا نه آهن سير، اسان سان ڪا نه هلي،
ڪانئر، ڪاهل، ڪير، اسان سان ڪا نه هلي!

هانوَ ڪپن ٿا هيڏا هيڏا، جيڏا هي جبل،
ميدانن ۾ مڙسن جي آ پاڙهِين پوندي ڪَلَ،
شوريا آهن شير، اسان سان ڪا نه هلي،
ڪانئر، ڪاهل، ڪير، اسان سان ڪا نه هلي!

جيڪا ڄائي، مرندي سائي، جندڙي هونءَ ٻه جهانءِ،
پر جي ديس جي ڪم ۾ آئي پو ته ڀلاري ڀانءِ،
لاش پلي ٿين ڍير، اسان سان ڪا نه هلي،
ڪانئر، ڪاهل، ڪير، اسان سان ڪا نه هلي!

آءُ وڃان ٿي ويڙهه وطن ڏي، جان وئي ته ٻه ڇا،
منهنجا مارو مَرِڪي چوندا سڄڙي سِڄڙي آ،
پُڇِي ويا هت ٻير، اسان سان ڪا نه هلي،
ڪانئر، ڪاهل، ڪير، اسان سان ڪا نه هلي!

وڃڻو آهي، مڃڻو ناهي گهر گهر گهاوءَ رسيا،
ڪن جا سڙيا جهڳا سمورا، ڪن ڪان ٻار ڪسيا،
ڇاتيءَ ڇاتيءَ ڇير، اسان سان ڪا نه هلي،
ڪانئر، ڪاهل، ڪير، اسان سان ڪا نه هلي!

◈

ڪڏهن ڪڏهن تنهنجو مرڪڻ،
مند ملهاري ٿي ويندو آهي،
جنهن جو هر لمحو مُگرو بڻجي،
خوشبوءِ سان ڇڻ وستي واسي،
مهڪار اُتي جي ڏيندو آهي،
ڪهڪشانِ جي وات وٺيو ءِ،
يادُنِ جو رَتُ ڇڻ تہ ستارن جي جهاڪي تي ترسي،
اڻ چين ارمانن جا ڪي لڙڪ لڪائي ماڪ اندر،
آڏيءَ جو آچيندو آهي!
چنڊ ٽُٻي ڏئي ويهين جو، آڪاس نديءَ مان سِسُ ڪڍي،
ءِ ننڊ نهوڙي نيندو آهي،

مُدت ڪان پو گهيرت ۾ ئي،
تو تي اک جيئن پوندي آهي،
ننڊ جو ساٿ ٽُٽي پوندو آهي،
۽ سندر سپنو ڀٽڪي ويندو آهي،
پوءِ اُڏڪا، اُلڪا، اوراٽا،
وک وکَ رات جي وِکَ سان ڪٽندي ۽،
ٽيڙو، ڪتيون، سپ نڪت، هڪ هڪ ٿي ڪنهن نانهن طرف،
تڪڙي وِکَ وڌائيندا آهن،
تنهنجي اچڻ جي آس ٽٽل تان پڙدو سيري،
تترُ ٻولِي،
پکي لنون ۽،
باک سندا هي،
تيرن ڪرٽا،
اوجاڳيل اکين ۾ چپندا آهن،
هر روز صبح ايئن ٿيندو آهي.

◈





# بيخودي

اڪين جا هي ايوان ماتم ڪُدا ٿيا،
۽ ارٿيون جلي رک ارمان ٿي ويا.
اوهان جي نهارَنِ سندي آس لايون،
اکين ماٺڪيون چڻ تہ پٿرائجي ويون!
سناٽي ڪي چيري ۽ سڏڪن پُڪاريو،
وري ساهہ ساجن اوهان ڪي سنپاريو!
اسان لڙڪ نيڻن منجهان جوبہ هاريو،
انهي ماٺ سان چڻ تہ ڏونگر ٿي ڏاريو.
سڄي رات سِياهِيءَ سان تارا وڙهيا ها،
وري چڻ تہ رابيل ڪيتن ڪڙيا ها،
جنهين تي مٿو چاندنيءَ رات ٽيڪيو،
۽ طواف جگنن سڄي رات پئي ڪيو،
وري حسرتن گيت ۾ ياس ڳايون،
بدن جي بهارن سندي پياس لايون،
اوهان جي نهارن سندي آس لايون،
اکين ماٺڪيون چڻ تہ پٿرائجي ويون!
جڏهن ديوتائن جي تقدس جيان تو،
ڪٽي نيڻ گهوريو تہ تن ۾ پرين !
فقط آءُ ئي هوس، هئو ڪين ٻيو،
ائين پاڻَ ڪان پاڻُ وسري ويو!

◈

## اڄڪلهه جو ماڻهو!

ڏاند چاڪيءَ جو مُنيءَ ڪنهن ماٽ ۾،
ٿو رڳو ڦَهَندو رهي،
وَهَندو رهي،
ڪا بہ منزل ماڳ جي جنهن ڪي خبر ئي ڪا نہ آ،
پر انهيءَ جي وس ۾ پيو تہ ڇا نهڪر بہ نہ آ،
بلڪل ايئن ئي چُپُ چُپات،
اکين تي جنهن کي اکياڙيون،
۽ مٿس ڇهبُڪ جو سٽڪو،
ڳاَر جي آهي ڳَئي،
هو مگر ڪنهن ٻيءِ عُذرَ کان سواءِ،
ماٽ ۾ وهندو رهي ٿو.
ان سموريءَ جُٽُ هوندي،
ان جي من ۾ آس آ،
پنڌ جو سٽڪو ڪري جيڪو وِيَسُ،
سو سندم هيڻ جو آهي دليل !
هيڻ ۽ نہ هيڻ ۾ هونءَ بہ ٿورڙي آهي وٿي،
ڏاند جو ڪو حق نہ آ،
جو گهڙيءَ پَل لئہ،
اکياڙيون سيرڙي ۽ ڏسي ڪجهہ پيي سگهي!
تہ پنڌ آهُن ڪيڏو ڪيو ؟





پنڌ جيڪو هيڻ هن جي جو دليل !
سچ لٿي وقت جڏهن ٿيون لهن ان جون اکياڙيون،
ڇوڙجي ڳهاٽي منجهان،
ڇرڪ ڪائي ٿو ڇوي :
پنڌ سڏو ٿيو ڪي نہ ڪي، ماري وڏو ڦيري ولي،
جان پٽي اکيون ڏسان ييتو آهيان ساڳئي ڪلي!
پوءِ اهو جو وقت ڪتيو،
وانجهيل آ جو مفاصلي جي ماپ کان،
ڏاند جي هوندي بہ ڇڻ،
سندس اڻ هوند جو آهي ثبوت .
ڏاند ڄي جي دل ڏسي ڪو ان مهل،
ڪانہ اهڙي دل رهي جا،
ان تي نہ ڪائي ڪهل،
پر ڏسي ٿو ڏاند جڏهين،
ماڻهو اڄوڪي دور جو،
جنهن جي اکين تي اکياڙيون بہ بظاهر ڪو نہ آهن،
سو بہ ائين هڪ دائري ۾،
بي سود ڦِرَندو سِرَندو ٿو رهي،
عمر ساري ايئن ڪٽي،
ڪو نہ پُرجهي ڪنهن مهل.
دور هن جي آدميءَ تي،
ڏاند ڪي آئي ڪَهل !!

◈

## تہ يادن ۾ گڏ!

اِنهيءَ جي تہ سائين اِها ٿي پُڇاڻي،
تہ يادن ۾ گڏ!
سڄي زندگاني وئي ايئن وڪري،
گهڙي ڪانہ ڪائي چڱي آهہ سنهري،
وئي آهہ ويٺي اڪين ۾ ئي گذري،
ونڊي سور سارا وئي رات نبري،
وڃڻ ويل چيائين چڱو موڪلاڻي .
تہ يادن ۾ گڏ!
ڪسي رات هڪڙي وتي زندگيءَ ڪان،
وئي سا بہ گذري گهڙي پل وانگيان،
پڇا ڪَن اندر آئي هورڙيان آئي دل ڪان،
تہ مون ڏي ڏسي هُن وڏي ڪنهن عجب مان،
ٿهڪ ئي ڏنائين ۽ ڪلندي وراڻي .
تہ يادن ۾ گڏ!
آسر ويل ٻولي پکي جيئن اٿيا،
وري دَس ڪُڪڙن هنيان پوئيان،
گُهلي هير خاموش نياپا ڏنا،
جڏهن نيڻ روئندي ۽ لڙڪن ڀنا،
اڪين سان سليائين سا گونگي ڪهاڻي .
تہ يادن ۾ گڏ!
ڪڏهن گهر اندر چڻ تہ ساڳيو آ مقتل،
فقط هوءَ ۽ آئون، ٿيون ساڻ گهر،
ڏسڻ مان نہ ٿو ڏيءُ ٿئي سر بسر،
اهو خيال ساپيان نہ آهي مگر،
وري ياد آئين ڪئي هڪَ هڪاڻي .
تہ يادن ۾ گڏ!

◈





## ڇتارا

مينهن ڪٽين جي پايل چمڪي لَڳَهَہ بہ ڳائن ميگهہ،
هير اُٺي جي جڻ تہ هندورو، ڪر ڪا اڇڻ ۾ سيگهہ.
ڪر ڪا اڇڻ ۾ سيگهہ، وري جو جواني وَرَندي ناهِہ،
آشا ئُنِ جي پيڙا ساجن پاڻهين ٽرندي ناهہ،
اوسئڙي جي اوجاڳن ۾ ننڊون ڦٽائي نينهن،
منهنجي منشا آهہ تہ موٽج تون ئي خود ٿي مينهن .

❊

سوڳ اندر ويو سارو جِيَونُ جنهن جا لمحا سونَ،
پوءِ بہ من مان، ڪڏي نہ سگهياسون ساجن تنهنجي اونَ.
ساجن تنهنجي اون، نہ گهٽبي، اندلٺ بنجي آءُ،
جيئن الوٽي جيون هن ۾ وجي ڪو پرجي ساءُ،
جان وجهي وڃ جذبن ۾ ۽ روح تان روڙج روڳ،
ڏيج جِلاڪا، جوانيءَ ڪي، جا بنجي وئي آ سوڳ !

❊

ماڻهوءَ جو من موتيءَ مان ٿيو مٿجي آهي مَٽُ،
محبت جا تون موٽائي ڪي ماڻ وري اچ وَٽُ .
ماڻ وري اچ وَٽُ، تہ جهومي جندڙي ٿئي پل جهانءِ،
ان عمل جي عيوض مان دل تحفو ڏيندو سانءِ .
آءُ ڪري ايئن ناهيان سگهيو، ست بہ ٿيو آ ساڻو،
آس لڳائي ويٺس اهڙو، نيٺ ڪو ايندو ماڻهو !

◈

تار ٽانگر جي مٿان پوپٽ ٽِلن،
ٿي هوا سِينڌون ڏَئِي تن کي سڏي،
خنڪ سان خوشبوءِ پي گوڏو گڏي،
چاڳ مان جهمِريون وِڏِيون هِنِ چَنچَلَنِ،
تار ٽانگر جي مٿان پوپٽ ٽِلن !

◈

مند تي ٿا ميگهه جهومن ۾ جهلَنِ،
ڪنوڻ تجلا واءَ ۾ وايو منڊل،
ڳل گلابي، بوند ۾ ڳاڱيون پنل،
ڀَئونر ڀُلِجِي، جنهن مٿان پيا ٿا ڀُلَنِ.
مند تي ٿا ميگهه جهومن ۾ جهلَنِ!

◈

در، تنوارن ساڻ تاڙي جي ڪُلَنِ،
بوند هر ڪا لڙڪ جيئن پئي ٿي لڙي،
ايتريون ديريون اچڻ ۾ او اڙي !
آ جيان لئہ هير جا جهوٽا گهلَنِ،
در، تنوارن ساڻ تاڙي جي ڪُلَنِ!

◈

مور جا ڪيئي ٺوڪا پيا رُلَنِ،
ڪين ٿو آٿت تنين کي ڪو ڏِئي،
ٿو جڏو هي جيءُ پيو جن لئہ جِئي،
هُل تن جي اچڻ جا پيا ٿا هُلَنِ،
مور جا ڪيئي ٺوڪا پيا رُلَنِ !

◈

لڙڪ نيڻن ۾ چمر جيئن پيا چُلَن،
تنهنجي ورڪا لاءِ هِي موزُون گُلَ،
موتيا، مُگرا، چنبيلون ۽ سُنبلَ،
پر انهن کان مانُ وڌ لڙڪن ـ گلن،
لڙڪ نيڻن ۾ چمر جيئن پيا چُلَنِ!

◈

آ طبيعت کي تپايو پير جي ڦُلڻِن ڦُلَنِ،
وِڪ کڻڻ جي ناهہ طاقت هاڻ تون خود اچ هلي!
آخري دم تو کي ارپيان، توسوا ناهي ڳلي .
نيڻ تنهنجي ڏسڻ جي لئہ، موت کان پوءِ پيو کُلَنِ،
آ طبيعت کي تپايو پير جي ڦلڻِن ڦُلَنِ !

◈





## وائي

پاهڻ، پاتا، ڪِتَ، ڪَتُورَ ـ
پير تہ ڇا ها سسئيءَ جا !

پوئين هِڏڪِيءَ سان ٻہ رِڙهي پئي،
ساري چِڪِنا چُورُ ـ
پير تہ ڇا ها سسئيءَ جا !

ڪِرڪنا هُئس ساري جندڙي،
سندَ سندَ جُڪَئَسِ سُورَ ـ
پير تہ ڇا ها سسئيءَ جا !

سوچي ڏونگر سُن ويو ٿي،
ڇا پرتياڻي، ڇا پُور ـ
پير تہ ڇا ها سسئيءَ جا !

گھُٻُون، ڇالا، ڇِيرَون، ڇَتِيُون،
نرم پشم ڪان نُورَ۔
پير تہ ڇا ها سسئيءَ جا !

لهندڙ سج پيي لال اکين سان،
گھايل ڏي ڪَئي گھور۔
پير تہ ڇا ها سسئيءَ جا !

اهڙا عمر سڄيءَ نہ ڏٺا ها،
تاريخ سندي ڪنهن تُورَ۔
پير تہ ڇا ها سسئيءَ جا !

پنڇي آڪيرن مان گھوري،
واهيري وهلُورَ۔
پير تہ ڇا ها سسئيءَ جا !

◈





## سمبارا پبليڪيشن پاران شايع ٿيل ڪتاب

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1. هاءِ هنيلا هوڏي پريتم | (مضمون/تاثر) | ساجد سنڌي | 200/- |
| 2. سمنڊ ۾ سپ | (شاعري) | سرڪش سنڌي | (ختم ٿيل) |
| 3. اڌوري رچنا | (شاعري) | منظور سمون | 50/- |
| 4. ٻاراڻي ادب جو مسيحا | (مضمون/تاثر) | هاشم لطيفي | 300/- |
| 5. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي | (مضمون/معلومات) | غلام شبير پيراهين | (ختم ٿيل) |
| 6. هوائن جي هندوري ۾ | (شاعري) | وفا عظيم جلباڻي | 200/- |
| 7. اوجاڳيل اکيون | (شاعري) | امر منصور چوهاڻ | (ختم ٿيل) |
| 8. مُرڪون محبوبن جون | (شاعري) | "شاد" جلباڻي | 150/- |
| 9. رڻ رڙيون ٺوڪري | (شاعري) | نسرين الطاف | 200/- |
| 10. غلطي معاف | (مضمون) | جاويد جوکيو | 200/- |
| 11. شاهہ لطيف جا شيدائي | (تحقيق) | راهب لاڙڪ | 250/- |
| 12. ڪٿيس ڪويچن | (تنقيد/تحقيق) | مبارڪ علي لاشاري | 200/- |
| 13. دادلوءِ: تاريخ جي آئيني ۾ | (تحقيق) | پروفيسر فدا حسين "فدا" | (ختم ٿيل) |
| 14. سويرن جا الڪا | (شاعري) | ملزم سومرو | 200/- |
| 15. لفظ هوا ۾ خوشبوءِ | (ريڊيو اسڪرپٽ) | جبار آزاد منگي | (ختم ٿيل) |
| 16. مٽيءَ جو آسمان | (شاعري) | علي اظهار | 150/- |
| 17. ڇا؟ | (شاعري) | منظور سمون | 50/- |
| 18. سار جا رستا | (شاعري) | فرحان اچڻ | 200/- |
| 19. اکين ۾ مند مينهوڳي | (شاعري) | سائل پيرزادو | 200/- |
| 20. سُڏِ سچل جي | (تحقيق) | علي حسن سرڪي | 200/- |
| 21. بڇھڙي آنکھ کا ماتم | (اردو ناول) | ساجد سومرو | 150/- |
| 22. ٻانڌي جي تاريخ | (تحقيق) | شبير احمد عباسي | 300/- |
| 23. پياسيءَ جون پڪارون | (شاعري) | شاهن "پياسي" گبول | 400/- |
| 24. هينئڙي منجھہ هڳاءُ | (شاعري) | مخمور رضا | 200/- |
| 25. اُماس راتيون اداس رستا | (شاعري) | فهميده شرف بلوچ | 300/- |
| 26. دل صحرا، سمنڊ اکيون | (شاعري) | شاد جلباڻي | 150/- |
| 27. ٻهہ ٻهہ ڪندڙ ٻالڪ | (ٻاراڻي شاعري) | اويس ڀٽو | 50/- |
| 28. انگلش گرامر | (گرامر) | علي رضا سيال | 150/- |
| 29. فوٽو گرافر جي آتم ڪٿا | (آتم ڪٿا) | غلام علي ڪوساٽي | 400/- |
| 30. جانورن جو واڙو | (پرڏيهي ناول) | اياز ڀٽو | (ختم ٿيل) |
| 31. گيڙوءَ رتا خواب | (شاعري) | واحد سوز ملاح | 250/- |
| 32. من گهريو مشتاق بخاري | (مضمون/تاثرات) | احسان راهوجو | 150/- |
| 33. مُنهنجي مُٺي ڪانپوءِ | (شاعري) | زخمي چانڊيو | 400/- |
| 34. جيئڻ جنين ڪاڻ | (ڪهاڻيون) | اقبال بلوچ | 200/- |
| 35. شهنشاهہ لطيف ۽ بزرگ شاعر | (تحقيق) | شبير پيراهين | 300/- |
| 36. تاريخ گبول بلوچ | (تحقيق) | شبير حسن گبول | 600/- |
| 37. ڪوي ڪشمور جا | (شاعري) | ساحر سليم اوڳاهي | 250/- |
| 38. افضل عورت | (اسلامي معلومات) | ربڏنو خاصخيلي | (ختم ٿيل) |
| 39. روح جون رولاڪيون | (شاعري) | صالح عباسي | 200/- |
| 40. سنڌ جي مزاحمتي شاعري | (شاعري) | پاويل جوٽيجو | 300/- |
| 41. اوڏويهہ عالمي ڪهاڻيون | (عالمي ڪهاڻيون) | عبدالخالق سنديلو | 150/- |
| 42. ڪوهيڙي جي چُمي | (شاعري) | ماڻڪ ملاح | 150/- |
| 43. چانهوڻءَ مٿان چنڊ | (شاعري) | علي نواز ڏاهري | 250/- |
| 44. آس جا گل ٽياس تي | (شاعري) | ملهار سنڌي | 200/- |
| 45. عشق اياڻو | (شاعري) | جاويد جوکيو | 100/- |
| 46. تيري ياد | (اردو شاعري) | ساون وگهيو | 150/- |
| 47. Speeches | طاهر حسين رانداڻي ۽ محمد عمران شيخ | | 100/- |
| 48. جاڳ ازل جي | (شاعري) | جاويد سوز هالائي | 200/- |
| 49. مرگھہ اجارا نيڻ | (شاعري) | شاهد حميد | 250/- |
| 50. سمبارا | (شاعري) | ساجد سنڌي | 200/- |
| 51. پارسائي جون حدون | (شاعري) | امداد سولنگي | 250/- |
| 52. اوسيئڙو ۽ آس | (شاعري) | جبار تاثير سومرو | 250/- |
| 53. دمِ ديدار مي رقصم | (شاعري) | حفي الحفيظ "الحفن" | 300/- |
| 54. شڪارپور تاريخ جي آئيني ۾ | (تحقيق) | حسيب ناياب منگي | 300/- |
| 55. حسن سرڪار | (شاعري) | صوفي حقداد "نوشاد" ٻهلڪاٽي | 400/- |
| 56. گيت منهنجا غزل | (شاعري) | ٻهر الدين ٻهر شنياڻي | 130/- |
| 57. ڪنول ٻُڪ ۾ چنڊ | (شاعري) | مير محمد پيرزادو | 300/- |
| 58. اندر ڪارو ڪانءُ | (ڪهاڻيون | جبار آزاد منگي | 250/- |